ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) خميس 20 آگسٽ 2026ع 06 ربيع الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (06)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

خدشا ختم ٿيڻ تائين قانونسازي ۾ حڪمران جماعت مسلم ليگ ن سان سهڪار نه ڪنداسين: پ پ چيئرمين جو اعلان

سنڌي قومپرستن، بي ايل اي ۽ ٽي ٽي پي ۾ ڳٺ جوڙ آهي، اهي حملن وقت هڪٻئي سان رابطا ڪن ٿا: بلاول ڀٽو

پيپلز پارٽي جي پارليماني پارٽي جا ميمبر حڪومت سان سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار ناهن، ڪوبه اهڙو قانون سامهون اچي ٿو جيڪو قومي مفاد ۾ هجي ته پيپلز پارٽي ان مخصوص معاملي تي سهڪار ڪري سگهي ٿي

وزيراعظم شهباز شريف جي نيت ٺيڪ آهي، پيپلز پارٽي جا خدشا به ختم ڪرڻ چاهي ٿو پر سنڌس چونڊيل ڪجهه اهڙا ماڻهو موجود آهن جيڪي وزيراعظم جون ڪوششون بار بار ناڪام بڻائين ٿا

اسٽيبلشمينٽ ۽ حڪومت جو پيج هڪ به ٿي سگهي ٿو پر ڏٺل ۾ ڪجهه ته ڪارو آهي، خبر ناهي ته اهو ڇا آهي پر ڪجهه ته آهي ۽ اهو اڄ يا سڀاڻي سامهون اچي ويندو، حڪومت جي اُبتي ڳڻپ شروع ٿي وئي آهي

هن وقت اسان جو ڌيان ان هائوس تبديلي تي ناهي، چاهيون ٿا ته پارليامينٽ فعال ٿئي، عوام جي اتفاق راءِ سان جيڪو به قدم کنيو ويندو، پيپلز پارٽي زور زبردستي سان ڪا ڳالهه نه اڳ مڃي آهي ۽ نه ڪڏهن مڃينداسين

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته خدشا ختم ٿيڻ تائين سنڌس جماعت قانونسازي ۾ حڪمران جماعت مسلم ليگ ن سان سهڪار نه ڪندي اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي بلاول ڀٽو چيو ته جيڪڏهن ڪو اهڙو قانون سامهون اچي ٿو جيڪو قومي مفاد ۾ هجي ته پيپلز پارٽي ان مخصوص معاملي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

بلاول جي مخالف ڌر اڳواڻن سان ملاقات، پي ٽي آءِ کي پارلياماني ڪميٽين ۾ واپسي جي درخواست

پيپلز پارٽي وفد اپوزيشن اڳواڻن سان ملاقات ڪئي، جنهن دوران مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ملاقات ۾ سلمان اڪرم راجا، اسد قيصر مصطفيٰ نواز کوکر عامر ڊوگر ۽ عادل بازئي پڻ موجود هئا، ملڪي سياست تي ڳالهيون

اسان جا ڪرب بڪ ڊور رابطا ناهن، وزيراعظم سان ملاقات بابت ڄاڻ ناهي، لانگ مارچ ملتوي ڪرڻ بابت فيصلو مشاورت سان ڪيو ويندو: اسد قيصر

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان پيپلز پارٽي تحريڪ انصاف کان اسٽينڊنگ ڪميٽين ۾ واپس اچڻ جي درخواست ڪندي عمران خان جي اسپتال منتقلي واري فيصلي جي آجيان ۽ جمهوري روايت قرار بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

صدر آصف علي زرداري سان فوسپاهه جي محتسب فوزيه وقار جي ملاقات

اداري جي ساليانې رپورٽ 2025ع پيش، نگراني نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي هدايت

صدر ڪم جي جڳهه تي هراسمينٽ سان ماڻهن جي تحفظ جي فوسپاهه جي ڪردار کي ساراهيو

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري ڪم جي جڳهه تي هراسمينٽ جي شڪايتن جي فوري ۽ موثر ازالي کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ داخلي طريقيڪار ۽ نگراني جي نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي جو اجلاس خميس ڏينهن منجهند جو 2 وڳي تائين ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جو اجلاس خميس ڏينهن منجهند جو 2 وڳي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

صحت جي معاملي تي سياست نه ٿيڻ گهرجي، عمران خان کي هر سهولت ملندي: عطاءُ الله تارڙ

هر قيدي کي آئين، قانون ۽ جيل مينوئل موجب صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي

نجي اسپتال جي حوالي سان نظرثاني درخواست داخل ٿيڻ گهرجي ته ڇا اهو حق سمورن قيدين کي حاصل آهي يا نه

باني پي ٽي آءِ وزيراعظم هو جيڪو اسٽيج تي ويهي اپوزيشن کي طعنا ڏيندو هو ته هي جڏهن جيل ويندا ته بيمار ٿي پوندا

حڪومت مسلسل اهو چوندي رهي آهي ته ان معاملي تي سياست ۽ سياسي بيان بازي کان پاسو ڪيو وڃي: وزير اطلاعات

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته صحت جي معاملي تي سياست نه ٿيڻ گهرجي، هر قيدي کي آئين، قانون ۽ جيل مينوئل موجب صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي. باني پي ٽي آءِ کي به اها سهولت فراهم ڪئي ويندي رهي آهي ۽ اڳتي به فراهم بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: تيز طوفاني برسات بعد شهر جي مختلف علائقن ۾ پاڻي بيٺل آهي

وفاقي حڪومت واپارين جي پُراڻي خواهش "آسان ٽيڪس ايپ" شروع ڪري ڇڏي

ننڍن دڪاندارن ۽ واپارين لاءِ متعارف ڪرايل آسان ٽيڪس اسڪيم انهي مقصد طرف اهم قدم آهي

حڪومت جو مقصد سمورن ڪاروباري طبقن کي قومي ٽيڪس جي دائري ۾ آڻڻ ۽ ٽيڪس نظام کي شفاف ۽ ڪاروبار بڻائڻ آهي

جون ۾ اعلان ڪيل اسڪيم تحت ساليانو 20 ڪروڙ رپين تائين وڪرو ڪندڙ دڪاندار فڪسڊ ٽيڪس نظام ۾ ٿي سگهن ٿا

پنهنجا رٽرن فائل نه ڪرڻ هڪ ڏوهه آهي، واپاري ٽيڪس ڏيڻ لاءِ تيار آهن جڏهن ته حڪومت ڪين سازگار ڪاروباري ماحول فراهم ڪري

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته پاڪستان جي ٽيڪس نظام سان ڪنهن به طبقي کي ٻاهر نٿو رکي سگهجي، حڪومت جو مقصد سمورن ڪاروباري بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي صلاحڪار راڻا ثناءُ الله باڪسر فاطمه زهره کي انعام ڏيندي

خيرپور ۾ معصوم ٽينگر سان مبينا اجتماعي زيادتي جو گهرو وزير سخت نوٽيس ورتو

ايس ايس پي کان واقعي جي فوري تفصيل طلب، جوابدارن جي گرفتاري ۽ غيرجانبدار جاچ جا حڪم

متاثر ٽينگر ۽ خاندان کي هر ممڪن قانوني تحفظ فراهم ڪيو وڃي: ضياءُ الحسن لنجار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو ۽ قانون واري وزير ضياءُ الحسن لنجار خيرپور جي نارا واري علائقي ۾ معصوم ٽينگر سان مبينا اجتماعي زيادتي جي واقعي جو سخت نوٽيس وٺندي ايس ايس پي خيرپور بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پوليس مقابلو، ڀتا خور گروپ جو اهم ڪمانڊر مارجي ويو

شاهراهه نورجهان واري علائقي ۾ مارجي ويل جوابدار ڪيترن ئي وارداتن ۾ گهربل هو

آءِ جي سنڌ پاران ڊي آءِ جي ويسٽ، ايس ايس پي سينٽرل ۽ پوليس ٽيم کي شاباس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پاران شاهراهه نورجهان تي پوليس ڪارروائي تي ڊي آءِ جي ويسٽ عرفان بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

پاڪستان عالمي برادري سان گڏجي انساني خدمتگارن ۽ رضاڪارن کي خراج تحسين پيش ڪري ٿو: اسحاق ڊار

پاڪستان کي سخاوت، رضاڪاراڻي خدمتن ۽ معاشرتي خدمت جي پنهنجي پراڻي روايت تي فخر آهي: نائب

ڪوشش آهي ته اسان گڏيل طور تي ڪمزور ۽ متاثر طبقن جي مدد ۽ انسانيت جي خدمت جي لاءِ

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو آهي ته انساني همدرديءَ جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پاڪستان عالمي برادري سان گڏجي انهن سمورن انساني خدمتگارن بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير راڻا تنوير سان ايٿوپيا جو سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

غزه ۾ ڪيفي تي اسرائيلي ڊرون حملو، 6 فلسطيني شهيد، ڪيترائي زخمي

امدادي ٽيمن اسرائيلي ڊرون حملي واري هنڌ تان 6 شهيدن جا لاش ۽ ڪيترن ئي زخمين کي الشفا اسپتال منتقل ڪيو

اڃا به ڪيترائي لاش ملبي هيٺان ۽ روڊن تي موجود آهن، ايمبولينس ۽ شهري دفاع جون ٽيمون نه پهچي سگهيون: فلسطيني اختيارين

غزه (اي پي پي) غزه جي بندرگاهه اندر هڪ ڪيفي تي اسرائيلي ڊرون حملي جي نتيجي ۾ 6 فلسطيني شهيد ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا. فلسطين جي اطلاعات واري مرڪز موجب امدادي ٽيمن اسرائيلي ڊرون حملي واري هنڌ تان 6 شهيدن جا لاش ۽ بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

شادي لارج پرسان لنڊ ۽ ميگهواڙ برادري جي ماڻهن ۾ جهيڙو، 3 ڄڻا زخمي

ڳوٺ ڪي ٽي ۾ پراڻي تڪرار تان ڌرين لٺين ۽ ڪهاڙين جو آزادانه استعمال

زخمي رحيم لنڊ، سمون لنڊ ۽ ليمون ميگهواڙ کي ڪاوٽي اسپتال منتقل ڪيو ويو

شادي لارج (نامه نگار) شادي لارج پرسان پراڻي تڪرار تان ڳوٺ ڪيٽي ۾ لنڊ ۽ ميگهواڙ برادري جي ماڻهن ۾ جهيڙو لٺين ۽ بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني سان پورچوگال جو سفير ملاقات ڪندي

ڪراچي گورنر هائوس ٻاهران جماعت اسلامي جو ڌرڻو جاري، وڏي انگ ۾ عورتون شريڪ

گهرن ۾ بجلي، گئس ۽ پاڻي موجود ناهي، پر ڳرا ٽيڪس وارا بل باقاعدگي سان پهچن ٿا: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيٽروليم ليوي کي "ڀتو ٽيڪس" قرار ڏئي ان جي خاتمي لاءِ جماعت اسلامي پاران گورنر هائوس ٻاهران جاري ڌرڻي جي چوٿين ڏينهن عورتن جو وڏو اجتماع ٿيو جنهن کي جماعت اسلامي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

نواز شريف ۽ مريم نواز سان سعودي سفير نواف بن سعيد المالڪي جي الوداعي ملاقات

ملاقات دوران پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ ڀائپي لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ تي ڳالهايو ويو

لاهور (اي پي پي) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي صدر ۽ اڳوڻي وزير اعظم محمد نواز شريف ۽ پنجاب جي وزير اعليٰ مريم نواز شريف سان سعودي عرب جي سفير نواف بن سعيد المالڪي اربع ڏينهن بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

گڏيل عرب امارات پاران ميزائيل حملي جو الزام بي بنياد آهي: ايران

اهو رويو سڌي ڀاڙيسري جي اصول خلاف آهي، ان سان خطي تي اثر پوندو

ايران سان سموري واپاري ۽ مالياتي ڏيتي ليتي ايندڙ نوٽيس تائين معطل ڪري ڇڏي آهي: يو اي اي

تهران (اي پي پي) ايران جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان اسماعيل بقائي گڏيل عرب امارات جي ان دعويٰ کي رد ڪري ڇڏيو آهي ته ايران سنڌن ملڪ تي بيلسٽڪ ميزائيل حملا ڪيا آهن. پرڏيهي ميڊيا موجب اسماعيل بقائي پنهنجي بيان ۾ چيو ته بيلسٽڪ ميزائيل حملي جي حوالي سان بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري مخالف ڌر جي اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي سان ملاقات ڪري رهيو آهي

جديد ريسرچ ۽ ٽيڪنالاجي ئي قومي ترقيءَ جي ضمانت آهي: احسن اقبال

حڪومت صحت جي شعبي ۾ جدت کي هٿي ڏيڻ لاءِ هر ممڪن سهڪار ڪندي

مثالي هيلٿ پروفيشنل بڻجڻ لاءِ محنت ۽ جديد ريسرچ سان پاڻ کي هم آهنگ ڪرڻ اڻٽر آهي

لاهور (اي پي پي) رٿابندي، ترقي، سڌارن ۽ بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

نوجوانن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ اهم ضرورت آهي: قيصر شيخ

پاڪستان کي پُرڪشش سيڙپڪاري وارو ملڪ بڻائڻ لاءِ دوستاڻا عالمي ناتا اڻٽر آهن

مصنوعي ذهانت، ڊجيٽلائزيشن ۽ جديد ٽيڪنالاجي عالمي معيشت جو رخ طئي ڪري رهي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي وزير قيصر احمد شيخ چيو آهي ته نوجوانن کي معياري تعليم، جديد مهارت ۽ روزگار جا موقعا بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ٻاڙائي جو رجحان

ڪي ايس اي 100 انڊيڪس ۾ 1109.14 پوائنٽس جي گهٽتائي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اربع ڏينهن ٻاڙائي جو رجحان رهيو ۽ بينچ مارڪ ڪي ايس اي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ 145 ملين رپين جا ترقياتي ڪم مڪمل، ميئر مرتضيٰ وهاب افتتاح ڪيو

گلستان جوهر جي مختلف يونين ڪائونسلن ۾ 271 هزار چورس فوٽ پيور بلاڪ لڳايا ويا

شهرين کي بنا فرق جي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ وسيلا ڪتب آندا پيا وڃن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب، ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (KMC) پاران گلستانِ جوهر جي مختلف يونين ڪائونسلن ۾ بحالي ۽ ترقياتي ڪمن جو افتتاح ڪري ڇڏيو ان بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

FBR
چھوٹے دکانداروں کے لیے ایف بی آر کی
خصوصی ٹیکس اسکیم کا اجراء

اسلام آباد: ناڻي وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

ڪراچي ۾ مختلف واقعا، 2 ڄڻا قتل، هڪ شخص جو لاش هٿ

لانڍي ايريا هندو پاڙي ۾ 40 ورهين جي بابو لال خودڪشي ڪري ڇڏي، لاش اسپتال منتقل

سائيٽ سپر هاءِ وي تي 28 ورهين جو نوجوان ڌڪن سان قتل، پوليس پاران واقعي جي جاچ شروع

منگهوپير ويجهو 40 ڪان 45 ورهين جي شهباز ولد الله ڏنا جو لاش هٿ آيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بريگيڊ ٿاڻي جي حد لانڍي ايريا هندو پاڙي ۾ گهر جي اندر ڦاهو کائي 40 سالن جي ساجن ولد بابولال خودڪشي ڪري ڇڏي آهي اطلاع تي پوليس پهچي متوفي جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو سائيٽ سپر هاءِ وي ٿاڻي جي حد سائيٽ بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ذوالفقار علي نظاماڻي ورڪس اينڊ سروسز جو سيڪريٽري مقرر

سائنس اينڊ انفارميشن ٽيڪنالاجي کاتي جي سيڪريٽري کي بدلي ڪيو ويو

محمد يعقوب مگريو کان ورڪ اينڊ سروسز کاتي جي سيڪريٽري واري اضافي چارج واپس ورتي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت سائنس ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي کاتي جي سيڪريٽري ذوالفقار علي نظاماڻي جي بدلي ڪري کيس ورڪس اينڊ سروسز کاتي جو سيڪريٽري مقرر ڪري ڇڏيو آهي سروسز جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن کاتي پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب بي ايس (BS-20) آفيسر ذوالفقار علي نظاماڻي کي سائنس ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي کاتي جي سيڪريٽري واري عهدي تان هٽائي ترت اثر سان ورڪس اينڊ سروسز کاتي جو بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

پ پ حڪومت اقليتن ۽ پسمانده برادرين جي ڀلائي ۽ بااختياري لاءِ عملي قدم کڻي پئي: شام سنڌر

نئشنل لابنگ ڊيليگيشن جي اهتمام هيٺ جي پسمانده برادرين کي بااختيار بڻائڻ لاءِ اهم مشاورتي اجلاس ٿيو

مسئلن ۽ مطالبن جي حل لاءِ هلڪين سطح تي مشاورتي عمل کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ تي زور

عوام جي مسئلن ۽ مطالبن کي حڪومت تائين پهچائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهندس: صوبائي معاون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نئشنل لابنگ ڊيليگيشن (NLD) جي اهتمام هيٺ سنڌ جي پسمانده ۽ محروم برادرين کي بااختيار بڻائڻ بابت "اسٽيڪ هولڊرز ڪنسلٽيشن فار دي امپاورمينٽ آف مارجنلائزڊ ڪميونٽيز آف سنڌ" جي عنوان سان مشاورتي اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر ۽ وڏي وزير سنڌ جي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

اسد اشرف ملڪ آءِ جي سنڌ ايسوسيئيشن جو صدر چونڊجي ويو

غلام شبير شيخ بنا مقابلي نائب صدر ۽ غلام سرور جمالي جنرل سيڪريٽري طور ڪامياب

آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پاران ايسوسيئيشن جي چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ پوليس جي اڳوڻن انسپيڪٽر جنرل پوليس جي ايسوسيئيشن جي چونڊ ڪراچي ۾ ٿي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

CENTRAL POLICE OFFICE

ڪراچي: آءِ جي ايسوسيئيشن جي ميمبرن ۽ چونڊيل عهديدارن جو گروپ فوٽو

قومي اسيمبلي ۾ انشورنس بل 2026ع سميت مختلف بلن تي اسٽينڊنگ ڪميٽين جون ٿي رپورٽون پيش

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي ۾ انشورنس بل 2026ع سميت مختلف بلز تي اسٽينڊنگ ڪميٽين جون ڪي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مک شاهراهن تي اسٽريٽ لائيٽون سولر انرجي تي منتقل ڪرڻ جو فيصلو

شاهراهه سعدي تي سولر اسٽريٽ لائيٽن جي تنصيب جو ڪم تيزيءَ سان جاري، منصوبي کي وڌائڻ جي هدايت

سولر لائيٽن سان بجلي جي بچت ۽ شهرين کي بهتر ۽ مسلسل روشني جي سهولت ملندي: مرتضيٰ وهاب

شهر ۾ جديد، ماحول دوست ۽ پائيدار نظام لاءِ متبادل توانائي جي ذريعن کي هٿي ڏني پئي وڃي: ميئر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب شهر جي مک شاهراهن تي اسٽريٽ لائيٽن کي سولر انرجي تي منتقل ڪرڻ واري منصوبي کي وڌيڪ وسعت ڏيڻ جو اعلان ڪندي ڪراچي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

بلوچستان ۾ امن، ترقي ۽ عوامي ڀلائي لاءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن ۾ موثر رابطا ضروري آهن: صدر

صدر آصف علي زرداري سان بلوچستان جي وزيراعليٰ مير سرفراز بگٽي ايوان صدر ۾ ملاقات ڪئي

بلوچستان جي ترقي کي روڪڻ لاءِ رڪاوٽون وجهڻ جون ڪوششون هر قيمت تي ناڪام بڻايون وينديون

پيلزپارٽي عورتاڻي ونگ جي صدر فريال ٽالپر ۽ بلوچستان جو اڳوڻو وزير مير علي حسن زهري پڻ موجود هئا

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته بلوچستان ۾ امن ترقي ۽ عوامي ڀلائي لاءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي وچ ۾ موثر رابطا ضروري آهن اربع ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: مختلف کاتن جا محتسب صدر آصف علي زرداري کي ساليانې رپورٽ پيش ڪري رهيا آهن

حڪومت عمران خان کي شفا اسپتال منتقل ڪرڻ وارو فيصلو چئلينج ڪري ڇڏيو

نظرثاني جي درخواست چيف ڪمشنر اسلام آباد ايڊووڪيٽ جنرل اسلام آباد جي ذريعي داخل ڪئي

سپريم ڪورٽ 18 آگسٽ تي عبوري حڪم جاري ڪندي پي ٽي آءِ باني کي شفا اسپتال منتقل ڪرڻ جي هدايت ڪئي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي حڪومت پاڪستان تحريڪِ انصاف (پي ٽي آءِ) باني عمران خان کي اسپتال منتقل ڪرڻ بابت سپريم ڪورٽ جي فيصلي تي نظرثاني جي درخواست داخل ڪري بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ گڏيل قومن جي وچ ۾ ويجهي حصيداري وڌيڪ مضبوط ٿيندي: وزيراعظم

ملڪي ترقي ۽ انساني همدردي بابت ترجيحن خاص طور تي موسمياتي تبديلين جي اثرن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت مضبوط ضروري آهي

وزيراعظم پاران گڏيل قومن جي عالمي خوراڪ پروگرام (WFP) سان ڀائيواري جي واکاڻ [illegible]

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ملڪي ترقي ۽ انساني همدردي بابت ترجيحن، خاص طور تي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

صدر پاران پائيلٽ آفيسر راشد منهاس شهيد نشان حيدر کي خراج عقيدت پيش

راشد منهاس شهيد گهٽ عمر ۾ جان جو نذرانو پيش ڪيو: صدر آصف زرداري

قوم پنهنجي ان عظيم فرزند، بين شهيدن ۽ انهن جي گهروارن جي قربانين کي سدائين ياد رکندي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري پائيلٽ آفيسر راشد منهاس شهيد نشان حيدر جي 55هين ورسيءَ جي موقعي تي ملڪ جي لاءِ سندس بي مثال قرباني کي ڀرپور خراج عقيدت پيش ڪيو آهي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تيزي

100 انڊيڪس هڪ لک 78 هزار 613 پوائنٽس تي پهچي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروبار جي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

پاڪستان پارٽي اڏامن لاءِ پنهنجي هوائي حدن جي استعمال تي پابندي ۾ 24 سيپٽمبر تائين واڌ ڪري ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ڀارتي اڏامن لاءِ پنهنجي هوائي حدن جي استعمال بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

چئن صوبن سان پاڪستان نه هلندو: فاروق ستار

پاڪستان ٽهڻ کان وٺي ملڪ ۾ اسٽيٽس ڪو ۽ مافيا آهي

جن علائقن ۾ صوبن جي ضرورت آهي، اتي ريفرنڊم ڪرايو وڃي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر فاروق ستار چيو آهي ته پاڪستان ٺهڻ کان وٺي ملڪ ۾ اسٽيٽس ڪو ۽ مافيا آهي، وڌن صوبن ساز بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 3700 رپين جي گهٽتائي، في تولو 4 لک 58 هزار 236 رپيا ٿي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 3700 رپين جي گهٽتائي ڪاڙ بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

سنڌ ڌرتي محبت، رواداري، ڀائيچاري ۽ انسان دوستي جي روايتن جي امين رهي آهي: وڏو وزير

انسانيت جي خدمت، حفاظت ۽ ڏکي گهڙي ۾ متاثر ماڻهن جو ساٿ ڏيڻ سڀني جي گڏيل ذميواري آهي

سنڌي قوم هميشه مصيبت ۾ گهيريل انسانن جو ساٿ ڏنو آهي، جيڪي عظيم صوفياڻي ۽ انساني قدر آهن

امدادي ڪارڪن انسانيت جا سفير آهن، انهن تي حملا عالمي قانونن ۽ انساني قدرن جي ڀڃڪڙي آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه عالمي انسانيت واري ڏهاڙي جي موقعي تي انسانيت جي خدمت ڪندڙن ۽ امدادي ڪارڪنن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته انسانيت بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

لاهور: سعودي عرب جو سفير نواف بن سعيد المالڪي نواز شريف سان ملاقات ڪندي

چين ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب 5 ڄڻا فوت، 17 ڄڻا زخمي

بيجنگ (اي پي پي) چين جي سيچوان بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

چين جو چانگ اي - 7 قمري مشن لانچنگ لاءِ تيار، راڪيٽ لانچنگ ايريا منتقل

بيجنگ (اي پي پي) چين پنهنجي چانگ بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

نوجوانن جي ڪاميابي لاءِ صحيح ڪيريئر چونڊ ضروري آهي دلچسپي ۽ صلاحيت کي ترجيح ڏني وڃي: سردار شاهه

موجوده دور ۾ ڪيريئر ڪائونسلنگ جي اهميت وڌي وئي آهي، نوجوانن کي درست رهنمائي ڏيڻ گهرجي

هر نوجوان لاءِ ڪاميابي جو رستو مختلف آهي جنريشن زي کي سمجهڻ لاءِ سندن راءِ ٻڌڻ ضروري آهي

رضا عابدي جو ڪتاب شاگردن، والدين ۽ تعليمي ادارن لاءِ ڪيريئر چونڊ بابت اهم رهنمائي فراهم ڪندو: مقررين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه چيو آهي ته معلومات جي تيز رفتار دور ۾ نوجوانن جي رهنمائي ۽ ڪيريئر ڪائونسلنگ جي اهميت اڳ کان وڌيڪ وڌي وئي آهي نوجوانن کي سندن دلچسپي، صلاحيت ۽ لاڙي مطابق شعبي جي چونڊ ۾ سهڪار فراهم ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن هو بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جو والاريل ڪشمير بابت بيان تي احتجاج، آمريڪي سفير پرڏيهي آفيس طلب

آمريڪي چارج دي افيئرز کي طلب ڪري احتجاجي خط سندس حوالي ڪيو، سخت احتجاج رڪارڊ

آمريڪي سفير والاريل ڪشمير جي دوري دوران تڪراري بيان ڏنو هو جيڪو ڪشمير مسئلي جي حيثيت بابت حقيقتن جي ابتڙ هو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان مقبوضه ڪشمير بابت آمريڪي سفير جي بيان تي آمريڪا وٽ سخت احتجاج رڪارڊ ڪرايو آهي، پرڏيهي آفيس آمريڪي چارج دي افيئرز (قائم مقام سفير) کي طلب بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري سان بلوچستان جو وڏو وزير سرفراز بگٽي ملاقات ڪري رهيو آهي

گڏيل قومن پاران ڪابل جي تعليمي مرڪز ۾ ڌماڪي جي مذمت، واقعي جي جاچ جو مطالبو

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم جي صدارت ۾ اجلاس، ايندڙ اعليٰ سطح جي دورن ۽ ملاقاتن جي تيارين جو جائزو ورتو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

MONTHLY HAZAR DASTAN DIGEST HYDERABAD
ماهوار
هزار داستان
حيدرآباد
August-2026 Year:37 Issue:10- Rs 60/-
Monthly Hazar Dastan Hyderabad Sindh August-2026 Rs 60/=

سنڌ جو واحد فئملي ڊائجسٽ هزار داستان آگسٽ 2026ع جو شمارو
هن شماري ۾ پڙهندا
هر هنڌ موجود
هن شماري ۾ خاص خاص...
عالمي ادب مان
- سَت پينر - پرل ايس بَڪ
سنڌي ادب جي خزاني مان
- ٻل پڪيئڙ - آغا سليم
- نيٽ گونگي ڳالهايو — امر جليل جو ناول
طبزاد نڪور ڪهاڻيون
- ڳوريون ڳليون - پرويز
- پاراتا - حميد ابڙو
- پيار جي آخري رات - يار محمد چانڊيو
- مٽيءَ جو سڏ - مشتاق گوپانگ
- مڪافات عمل - ارشاد سومرو
- خواب وهيٽي - احساس ابڙو
- نئون دور، پراڻي ڪهاڻي - شفقت حسين وڏو
ماهوار سلسلا
- نيٽ گونگي ڳالهايو- آخري قسط
- ازبڪستان جوسفرنامو
ڪوتا نگر
علي دوست عاجز، وسيم سومرو، ساحر راهو، شبانه عالماڻي، الطاف انصاري، امين سومرو لاڪائي، عبدالجبار 'عاجز' منگي، سرفراز صدف، شميم سومرو، سردار خاتون جمالي، وفا رياض احمد لوڙ، علي نواز ڏاهري، حڪيم پريم چانڊواڻي، آٿم ارباب، حسيب رجيرو، حيدر مهراڻي، وفا گل محمد جمالي، وفا جانوري، وفا صالح راڄپر، خالد چانڊيو، درد هوش محمد ابڙو، آڪاش ميراڻي، نويد ناز ڀٽي، اختيار علي خاصخيلي، گهايل مغيري، عبدالله آس هنگورجو، ممتاز علي ٿرواسي، احساس ابڙو، مٺل جسڪاڻي، انور سانول، سيف نياز، اطهر منگي، نويد ڪيريو، نياز شيخ، باغي محسن، ديدار شاد گوپانگ، فاروق رضا لوهار، منظور 'من' ابڙو، ستار شاهه 'بادل' بخاري، آزاد خاصخيلي، دوست علي احمداڻي، سڪندر سرواڻ، بنگل زنديور، علي محمد وڪيو، گلزار احمد درس، عطا سهتو، غلام آدرش، عاجز انعام ٿهيم، اداسي عبدالقادر نندواڻي، غفور مولائي، راشد گل، اويس ساگر، معظم علي مهيسر، مسرور ملاح، قمبر علي شيخ، علي خان چانڊيو، نظير احمد چانگ، عبدالغفور ٻرڙدي، علي اڪبر چانگ، مصطفيٰ خاصخيلي، غلام رسول گل، قاصر اياز ميمڻ، ذاڪر جروار، غلام حسين زخمي، جلال شيخ، امير علي پيرزادو، صادق لاشاري، عبدالرزاق خاصخيلي، صائم سومرو، الطاف راجا ۽ ٻين جي نڪور شاعري.
پنهنجي ڪاپي روزاني عبرت جي هاڪر کان اڄ ئي خريد ڪري وٺو، نه ته پوءِ ميار ڪار نه آهي

بقايا 1 روزاني عبرت

سنڌ جي شعبه خواتين جي ناظمه رخسانده منيب، جماعت اسلامي ڪراچي جي شعبه خواتين جي ناظمه جاودان فهيم، نائب امير جماعت اسلامي ڪراچي ۽ ڪي ايم سي جي اپوزيشن ليڊر سيف الدين ايڊووڪيٽ ۽ امير جماعت اسلامي ڪراچي منعم ظفر خطاب ڪيو. رخسانده منيب چيو ته ڌرڻي جو پهريون ڏينهن گذرڻ سان ئي حڪومت پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ 5 رپيا واڌ ڪري ڇڏي. گهرن ۾ بجلي، گئس ۽ پاڻي موجود ناهي، پر ڳرا ٽيڪس وارا بل باقاعدگي سان پهچن ٿا. سنڌ ۾ عورتن لاءِ باعزت سفري سهولتون به موجود ناهن ۽ عورتون چنگچي ۽ رڪشا ۾ سفر ڪرڻ تي مجبور آهن. هن چيو ته رپورٽن موجب سنڌ ۾ 7 لک ٻار بک تي سمهڻ تي مجبور آهن. جڏهن ته حڪمرانن جي پگهارن ۽ مراعات ۾ مسلسل اضافو ڪيو پيو وڃي. هن مطالبو ڪيو ته پيٽروليم ليوي ختم ڪئي وڃي ۽ حڪمران پنهنجون عياشيون ختم ڪن. جماعت اسلامي ڪراچي جي شعبه خواتين جي ناظمه جاودان فهيم چيو ته حق جي جدوجهد ۾ عورتون پنهنجي پاڻ کي اڪيلو نه ڇڏينديون. ظلم خلاف مزاحمت ان وقت تائين جاري رهندي، جيستائين ظلم جو خاتمو نٿو ٿئي. هن دعويٰ ڪئي ته جماعت اسلامي جي جدوجهد سبب آءِ پي پيز سان معاهدن ۾ تبديليون آيون ۽ قومي خزاني کي اربين رپين جو فائدو ٿيو. سيف الدين ايڊووڪيٽ چيو ته جماعت اسلامي جو ڌرڻو وفاقي حڪومت خلاف آهي، پر سنڌ حڪومت کي به ان مان تڪليف ٿي رهي آهي. هن پيپلز پارٽي جي صوبائي حڪومت تي ڪراچي جي ادارن کي تباهه ڪرڻ ۽ ڪرپشن جا الزام لڳائيندي چيو ته پيٽروليم ليوي خلاف ڌرڻو صرف هڪ عنوان آهي، جماعت اسلامي ملڪ ۾ عوام سان ٿيندڙ سمورن ظلمن خلاف جدوجهد ڪري رهي آهي. امير جماعت اسلامي ڪراچي منعم ظفر خان چيو ته جنهن جدوجهد ۾ عورتون ۽ ننڍڙا ٻار شامل هجن ان کي شڪست نٿي ڏئي سگهجي. هن چيو ته پيٽروليم ليوي ظلم جو صرف هڪ عنوان آهي ۽ عوام تي ٽيڪسن جو بار وڌ پيو وڃي، جڏهن ته عام ماڻهو مهانگائي سبب سخت پريشان آهي. منعم ظفر خان موجب گذريل مالي سال دوران ليوي جي مد ۾ غريب عوام کان 1566 ارب رپيا وصول ڪيا ويا. هن چيو ته ملڪ ۾ پيدا ٿيندڙ ٻار به قرض جي بار سان زندگي شروع ڪري ٿو، جڏهن ته عوام جو چلهه وسامي رهيو آهي ۽ حڪمرانن جون شاهه خرچيون ختم ٿيڻ جو نالو نٿيون وٺن. هن چيو ته گورنر هائوس ٻاهران ڌرڻو جاري رهندو ۽ سڄي شهر ۾ عوام سان رابطا مهم هلائي ويندي. هن اعلان ڪيو ته جماعت اسلامي پاڪستان جو امير حافظ نعيم الرحمان 21 آگسٽ جمعي ڏينهن گورنر هائوس ٻاهران جاري ڌرڻي ۾ شرڪت ڪندو ۽ عورتن کي پنهنجي خاندانن سان گڏ ڌرڻي ۾ شرڪت جي اپيل ڪئي.

بقايا 2 روزاني عبرت

الوداعي ملاقات ڪئي سعودي سفير وزير اعليٰ آفيس پهتو ته سندس والهاڻو استقبال ڪيو ويو. وزير اعليٰ آفيس جي ترجمان موجب ملاقات دوران محمد نواز شريف ۽ مريم نواز شريف پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ پائيدار لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ ۽ استحڪام لاءِ سعودي سفير نواف بن سعيد المالڪي جي سفارتي خدمتن جي ساراهه ڪئي. ان موقعي تي سعودي سفير پاڪستان ۾ پنهنجي سفارتي قيام کي يادگار قرار ڏيندي پاڪستان ۽ پنجاب ۾ مليل پر خلوص ميزباني تي محمد نواز شريف ۽ مريم نواز شريف جو شڪريو ادا ڪيو. ملاقات ۾ پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ پائيدار لاڳاپن ۽ گڏيل سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو به اظهار ڪيو ويو.

بقايا 3 روزاني عبرت

گڏيل عرب امارات جو ايران تي الزام بي بنياد آهي اهو رويو سٺي پاڙيسري جي اصول خلاف آهي ان سان علائقائي ملڪن وچ ۾ اعتماد وڌائڻ ۽ خطي ۾ عدم تحفظ کي روڪڻ جون جاري ڪوششون متاثر ٿينديون. ان کان اڳ گڏيل عرب امارات رات دير سان دعويٰ ڪئي هئي ته ايران سندن ملڪ تي به بيلسٽڪ ميزائيل حملا ڪيا آهن. گڏيل عرب امارات جي دفاع واري وزارت موجب انهن مان ڪو به ميزائيل اماراتي زمين تي نه ڪريو ايران پاران مبينه طور ميزائيل حملي جي اعلان کان ڪجهه ڪلاڪ پوءِ گڏيل امارات چيو ته اسان ايران سان سموري واپاري ۽ مالياتي ڏيتي ليتي ايندڙ نوٽيس تائين معطل ڪري ڇڏي آهي. گڏيل عرب امارات جي پرڏيهي وزارت ايڪس تي بيان ۾ اعلان ڪيو ته اهو فيصلو علائقائي ڇڪتاڻ امن ۽ سلامتي کي نقصان پهچائڻ واري عمل ۾ اضافي جو سبب بڻجندو. گڏيل عرب امارات جي دفاع واري وزارت موجب ايران اسان جي ملڪ ڏانهن به بيلسٽڪ ميزائيل اڇلايا جن مان هڪ گڏيل عرب امارات جي سامونڊي حدن کان ٻاهر ۽ ٻيو سامونڊي حدن اندر ڪريو. واضح رهي ته مفاهمت جي يادداشت تي صحيحين کان پوءِ ايران آپريشن دوران گڏيل عرب امارات تي حملا ناهن ڪيا.

بقايا 4 روزاني عبرت

تي سهڪار ڪري سگهي ٿي. هن چيو ته پيپلز پارٽي جي پارلياماني پارٽي جا ميمبر حڪومت سان سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار ناهن، جڏهن ته مسلم ليگ ن به پيپلز پارٽي جا اعتراض ختم ڪرڻ لاءِ ساڻن رابطو ناهي ڪيو. بلاول ڀٽو چيو ته وزيراعظم شهباز شريف جي نيت ٺيڪ آهي، هو ڪم به ڪرڻ چاهي ٿو ۽ پيپلز پارٽي جا خدشا به ختم ڪرڻ چاهي ٿو پر سندس چوڌاري ڪجهه اهڙا ماڻهو موجود آهن، جيڪي وزيراعظم جون ڪوششون بار بار ناڪام بڻائين ٿا. هن دعويٰ ڪئي ته سنڌي قومپرستن بي ايل اي ۽ ٽي ٽي پي ۾ گٺ جوڙ ٿي رهيو آهي، حملن وقت هڪٻئي سان رابطا ڪن ٿا. اسٽيبلشمينٽ ۽ حڪومت هڪ پيج تي آهن واري سوال تي بلاول ڀٽو چيو ته پيج هڪ به ٿي سگهي ٿو پر دال ۾ ڪجهه ته ڪارو آهي. ڪيس خبر ناهي ته اهو ڇا آهي، پر ڪجهه ته آهي ۽ اهو اڄ يا سڀاڻي سامهون اچي ويندو. بلاول ڀٽو کان سندس ان بيان بابت پڻ سوال ڪيو ويو جنهن ۾ هن چيو هو ته حڪومت جي اُبتي ڳڻپ شروع ٿي وئي آهي ۽ پڇيو ويو ته ڇا هو ان هائوس تبديلي چاهي ٿو؟ بلاول ڀٽو جواب ڏنو ته هن وقت سندس ڌيان ان هائوس تبديلي تي ناهي. هو چاهي ٿو ته پارليامينٽ فعال ٿئي. نون صوبن بابت ڳالهائيندي پيپلز پارٽي جي چيئرمين چيو ته عوام جي اتفاق راءِ سان جيڪو به قدم کنيو ويندو پيپلز پارٽي ان سان گڏ بيهندي، پر زور زبردستي سان ڪا ڳالهه نه اڳ مڃي آهي ۽ نه ڪڏهن مڃينداسين. عمران خان کي علاج لاءِ اسلام آباد جي شفا اسپتال منتقل ڪرڻ بابت سپريم ڪورٽ جي فيصلي تي ڳالهائيندي بلاول ڀٽو چيو ته بهتر اهو هجي ها ته سپريم ڪورٽ کي اهڙو حڪم ڏيڻ جي ضرورت ئي نه پوي ها ۽ حڪومت عمران خان جي علاج جو پاڻ بندوبست ڪري ها. هن آزاد ڪشمير ۾ ٿيل چونڊن کي به تڪراري قرار ڏيندي چيو ته حڪمران جماعت مسلم ليگ ن اتي جي مسئلن جو حل نٿي ڪڍي سگهي. پريس ڪانفرنس کان اڳ بلاول ڀٽو پيپلز پارٽي جي اڳواڻن سان گڏ قومي اسيمبلي جي اپوزيشن چيمبر ۾ اپوزيشن اڳواڻ محمود خان اچڪزئي ۽ سينيٽ ۾ اپوزيشن ليڊر علامه راجا ناصر عباس سان ملاقات پڻ ڪئي. ملاقات دوران پي ٽي آءِ جي سيڪريٽري جنرل سلمان اڪرم راجا، تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي سيڪريٽري جنرل اسد قيصر ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا.

بقايا 5 روزاني عبرت

ڏنو آهي. پيپلز پارٽي وفد اپوزيشن اڳواڻن سان ملاقات ڪئي جنهن دوران مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اپوزيشن چيمبر طرفان جاري ڪيل پڌرائيءَ موجب، پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري قومي اسيمبلي جي اپوزيشن چيمبر ۾ محمود خان اچڪزئي ۽ علامه راجا ناصر عباس سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ سلمان اڪرم راجا، اسد قيصر مصطفيٰ نواز کوکر عامر ڊوگر ۽ عادل بازئي پڻ موجود هئا. ملاقات دوران بلاول ڀٽو زرداري ۽ اپوزيشن اڳواڻن وچ ۾ پارلياماني معاملن ۽ ملڪي سياست تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. پڌرائي موجب، بلاول ڀٽو مخالف ڌر اڳواڻن کي پارلياماني ڪميٽين ۾ شامل ٿي سرگرم ڪردار ادا ڪرڻ جي درخواست ڪئي جنهن تي اپوزيشن اڳواڻن چيو ته پي ٽي آءِ باني سان صلاح مشوري کانپوءِ پارلياماني ڪميٽين بابت فيصلو ڪيو ويندو. پيپلز پارٽي ۽ اپوزيشن اڳواڻن پارليامينٽ ۾ قانونسازي بابت رابطن کي وڌائڻ تي اتفاق ڪيو. جڏهن ته پيپلز پارٽي چونڊن ۾ شفافيت لاءِ چونڊ سڌارن ۾ ڪردار ادا ڪرڻ تي زور ڏنو. پيپلز پارٽي عمران خان جي اسپتال منتقلي ۽ علاج واري فيصلي جي آجيان ڪئي. چيو ته عمران خان جي اسپتال منتقلي هڪ جمهوري روايت آهي. ٻئي پاسي ميڊيا سان ڳالهائيندي اسد قيصر چيو ته اسان جا ڪو به بئڪ ڊور رابطا ناهن. وزيراعظم سان ملاقات بابت ڪيس کا ڄاڻ ناهي. جڏهن ته لانگ مارچ ملتوي ڪرڻ بابت فيصلو مشاورت سان ڪيو ويندو.

بقايا 6 روزاني عبرت

تائين ملتوي ڪيو ويو. اربع ڏينهن صدر نشين علي زاهد ايوان ۾ معمول جي ايجنڊا اڪلائڻ ڪانپوءِ قومي اسيمبليءَ جو اجلاس خميس ڏينهن منجهند جو 2 وڳي تائين ملتوي ڪري ڇڏيو.

بقايا 7 روزاني عبرت

ضرورت تي زور ڏنو آهي. اربع ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب صدر اها ڳالهه عورتن جي تحفظ بابت وفاقي محتسب کي ڪم جي جڳهه تي هراسمينٽ کان تحفظ (فوسپاه) جي محتسب فوزيه وقار سان ايوان صدر ۾ ملاقات دوران چئي جنهن ڪيس اداري جي ساليانه رپورٽ 2025ع پيش ڪئي. صدر ڪم جي جڳهه تي هراسمينٽ سان ماڻهو جي تحفظ جي فوسپاه جي ڪردار کي ساراهيندي اداري پاران فراهم ڪئي ويندڙ خدمتن بابت عوامي آگاهي مهمن ۾ اضافي تي زور ڏنو. صدر کي ٻڌايو ويو ته 25 — 2024ع دوران فوسپاه کي هراسمينٽ جون 1119 شڪايتون مليون جن مان 1047 شڪايتن جا فيصلا ڪيا ويا. اهڙي طرح ملڪيت کان محرومي بابت 352 شڪايتون مليون جن مان 238 شڪايتون اڪلايون ويون صدر کي پيش ڪيل رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته گذريل سال جي ڀيٽ ۾ شڪايتن جي داخلا ۾ 375 سيڪڙو اضافو ٿيو. صدر ان ڳالهه تي زور ڏنو ته شڪايتن جو منصفاڻي ۽ ميرٽ تي جائزو ورتو وڃي ۽ قانوني گهرجن موجب مناسب طريقيڪار اختيار ڪيو وڃي ته جيئن هراسمينٽ جي حقيقي واقعن جو فوري ازالو ٿئي جڏهن ته الزامن جو قانون موجب احتياط سان جائزو ورتو وڃي. ملاقات دوران سينيٽر سليم مانڊوي والا پڻ موجود هو.

بقايا 8 روزاني عبرت

ڪئي ويندي رهندي جڏهن ته نجي اسپتال جي حوالي سان نظرثاني جي درخواست داخل ٿيڻ گهرجي ته جيئن اهو واضح ٿي سگهي ته ڇا اهو حق سمورن قيدين کي حاصل آهي يا نه. اربع ڏينهن هتي گهرو معاملن واري مملڪتي وزير طلال چوڌري سان گڏ ڳالهائيندي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته باني پي ٽي آءِ جي حوالي سان گذريل ڏينهن سپريم ڪورٽ جو فيصلو آيو. مسلم ليگ (ن) پهرين اقتدار ۾ هجي يا اپوزيشن ۾، ان جي سدائين اها پاليسي رهي آهي ته صحت جي معاملي تي سياست نه ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته جڏهن مسلم ليگ (ن) اپوزيشن ۾ هئي ۽ تحريڪ انصاف اقتدار ۾ هئي ۽ ان وقت باني پي ٽي آءِ وزيراعظم هو جيڪو اسٽيج تي بيهي اپوزيشن کي طعنا ڏيندو هو ته هي جڏهن جيل وڃن ٿا ته بيمار ٿي پون ٿا، هي جيل جي اندر گهر جو کاڌو گهرن ٿا. هڪ طوفان بدتميزي برپا ڪيو ويو ۽ پنهنجي پارٽي جي ماڻهن کي چيو ويو ته بيماري تي ڀرپور سياست ڪئي وڃي. هن چيو ته مسلم ليگ (ن) باني پي ٽي آءِ جي علاج ۽ صحت جي حوالي سان ڪڏهن به اهڙي ڪا ڳالهه نه ڪئي جنهن سان اهو تاثر ملي ته حڪومت صحت جي معاملي تي سياست ڪري رهي آهي. وفاقي وزير چيو ته هر قيدي کي آئين ۽ قانون ۽ جيل مينوئل موجب صحت جي سهولتن جي فراهمي جو حق حاصل آهي. باني پي ٽي آءِ کي به اها سهولت فراهم ڪئي ويندي رهي آهي ۽ اڳتي به فراهم ڪئي ويندي رهندي، حڪومت جي ذميواري آهي ته اها جيل ۾ قيدين کي جيل مينوئل موجب طبي سهولتون فراهم ڪري. اهو هڪ حق آهي جيڪو هر قيدي کي ملي ٿو پر ڇا ڪنهن مخصوص نجي اسپتال ۾ علاج جي سهولت به هر قيدي کي حاصل ٿي سگهي ٿي؟ قانون واري وزير ان حوالي سان واضح ڪيو آهي ته ان معاملي تي نظرثاني جي درخواست داخل ڪئي ويندي ته جيئن ان جي وضاحت ٿي سگهي. عطاءُ الله تارڙ چيو ته اسان جي قيادت يا اسان ڪڏهن به باني پي ٽي آءِ جي صحت جي حوالي سان ڪا اهڙي ڳالهه نه ڪئي جنهن سان صحت جي معاملي تي سياست جو تاثر ملي. صحت جو معاملو ڪنهن سان به ٿي سگهي ٿو جڏهن ته الله وڏي ٻول کان بچائي. مون کي اهو وقت ياد اچي ٿو جڏهن باني پي ٽي آءِ واشنگٽن ۾ بيهي منهن تي هٿ ڦيري چيو هو ته آئون وڃي انهن جو گهر جو کاڌو ۽ دوائون بند ڪندس. مختلف جلسن ۾ به هن اهو چيو ته جڏهن هي جيل وڃن ٿا ته بيمار ٿي پون ٿا. الله تعاليٰ کان ڊڄڻ گهرجي ۽ وڏي ٻول کان بچڻ گهرجي. هن چيو ته نجي اسپتال جي حوالي سان نظرثاني جي درخواست داخل ٿيڻ گهرجي جڏهن ته علاج جي سهولت فراهم ڪرڻ جي حوالي سان ڪو ابهام نه آهي. حڪومت جو ايگزيڪيوٽو فنڪشن آهي ته قيدي کي جيل مينوئل موجب صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻيون آهن. اها سهولت فراهم ڪئي ويندي رهي آهي ۽ اڳتي به ٿيندي رهندي. ان ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو ابهام نه آهي. اسان اها ذميواري اڳ ۾ به نڀائيندا آيا آهيون ۽ اڳتي به نڀائيندا رهنداسين. عظميٰ خان جي باني پي ٽي آءِ سان ملاقات جي حوالي سان هن چيو ته حڪومت مسلسل اهو چوندي رهي آهي ته ان معاملي تي سياست ۽ سياسي بيان بازي کان پاسو ڪيو وڃي. عدالت به پابندي لڳائي ته سياست نه ڪريو صحت جو معاملو سياست کان جدا رهڻ گهرجي ۽ حڪومت پنهنجي ذميواري نڀائيندي رهندي. هن چيو ته قانون واري وزير قانون ڪالهه به نجي اسپتال جي حوالي سان ڳالهه ڪئي آهي. حڪومت سمجهي ٿي ته نظرثاني جي درخواست داخل ٿيڻ گهرجي، جيڪڏهن اهڙي طرح جو ڪو مثال قائم ٿئي ٿو ته ان حوالي سان واضح ٿيڻ گهرجي ته اهو حق سمورن قيدين کي حاصل هوندو يا نه.

بقايا 9 روزاني عبرت

طبقن کي قومي ٽيڪس جي دائري ۾ آڻڻ ۽ ٽيڪس نظام کي آسان شفاف ۽ ڪاروبار دوست بڻائڻ آهي ننڍن دڪاندارن ۽ واپارين لاءِ متعارف ڪرايل آسان ٽيڪس اسڪيم انهي مقصد طرف اهم قدم آهي اهڙو اظهار هن اربع ڏينهن واپارين ۽ ڪاروباري ماڻهن لاءِ آسان ٽيڪس ايپ جي جاري ڪرڻ واري تقريب جي موقعي تي ناڻي بابت مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني ايف بي آر جي چيئرمين راشد محمد لنگڙيال ايف بي آر جي ميمبر حامد عتيق ۽ واپاري اڳواڻن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو. ناڻي واري وزير چيو ته واپارين جي پراڻي خواهش رهي آهي ته ٽيڪس اسڪيم کي آسان ۽ عمل جوڳو بڻايو وڃي. ان لاءِ حڪومت موجوده اسڪيم ۾ طريقيڪار کي انتهائي سادو رکيو آهي. هن چيو ته جيڪڏهن ڪوبه طبقو قومي ڌارا ۾ شامل نه ٿئي ته ٽيڪس نظام مؤثر انداز ۾ نٿو هلي سگهي. حڪومت چاهي ٿي ته ننڍا دڪاندار ۽ واپاري پيچيده طريقيڪار بدران هڪ سادي نظام تحت پنهنجون ٽيڪس ذميداريون پوريون ڪن ۽ غير ضروري ڏکيائين کان محفوظ رهن. محمد اورنگزيب چيو ته واپاري پنهنجي ڪاروباري نوعيت ۽ ضرورت موجب ريگيولر ٽيڪس اسڪيم يا خاص ٽيڪس اسڪيم ۾ شامل ٿي سگهن ٿا. حڪومت جو مقصد ٽيڪس جي شرح ۾ غير ضروري واڌ ڪرڻ بدران ٽيڪس نيٽ کي وسيع ڪرڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن کي قومي نظام جو حصو بڻائڻ آهي. ناڻي واري وزير ٻڌايو ته ننڍن دڪاندارن لاءِ فڪسڊ ٽيڪس اسڪيم ۾ ڪيٽيگريون ٺي سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن. اسڪيم تحت هڪ صفحي تي ٻڌل آسان ٽيڪس فارم متعارف ڪرايو ويو آهي جڏهن ته اسڪيم ۾ شامل دڪاندارن کي معمول جي آڊٽ ۽ پوائنٽ آف سيل جي شرط کان ڇوٽ حاصل هوندي. هن چيو ته جون ۾ اعلان ڪيل اسڪيم تحت ساليانو 20 ڪروڙ رپين تائين وڪرو ڪندڙ دڪاندار فڪسڊ ٽيڪس نظام ۾ ٿي سگهن ٿا. جڏهن ته اسڪيم کي اختياري رکيو ويو آهي. ننڍا دڪاندار چاهين ته ان اسڪيم بدران معمول جي ٽيڪس نظام ۾ به رهي سگهن ٿا. هن چيو ته حڪومت ٽيڪس ڏيندڙن ۽ ڪاروباري برادريءَ سان اعتماد تي ٻڌل ناتن کي هٿي ڏيڻ چاهي ٿي انهي مقصد تحت ملڪ جي مختلف شهرن ۾ واپارين ۽ ڪاروباري نمائندن سان سڌيءَ ريت صلاح مشوري جو عمل جاري رکيو ويندو. هن چيو ته ايف بي آر چيئرمين به لاڳاپيل ڌرين سان صلاح مشورا ڪري رهيو آهي. ڪراچيءَ کان پوءِ لاهور ۽ ٻين شهرن ۾ به مشاورتي ويهڪون منعقد ڪيون وينديون ته جيئن مقامي سطح تي ڪاروباري برادريءَ کي درپيش مسئلن جو جائزو وٺي سندن حل لاءِ قدم کڻي سگهجن. هن واضح ڪيو ته جيڪي ماڻهو اسڪيم مان فائدو نه کڻندا ۽ ٽيڪس نظام جو حصو بڻجڻ کان پاسو ڪندا، انهن خلاف آئينده ضروري قدم کنيا ويندا. حڪومت جي ڀرپور ڪوشش سهولت، آگاهي ۽ صلاح مشوري ذريعي وڌ کان وڌ دڪاندارن کي ٽيڪس نيٽ ۾ شامل ڪرڻ آهي. محمد اورنگزيب چيو ته پاڪستان جي 25 کان 26 ڪروڙ آباديءَ واري ملڪ ۾ هر طبقي کي گڏ ڪئي هلڻ اڻٽر آهي. ڪنهن هڪ طبقي کي نظرانداز ڪري ملڪ جو نظام نٿو هلائي سگهجي. عوام لاءِ نظام کي آسان ۽ مؤثر بڻائڻ حڪومت جي بنيادي ترجيح آهي. ناڻي واري وزير دڪاندارن کي اپيل ڪئي ته هو نئين اسڪيم ۾ شامل ٿي ان مان ڀرپور فائدو کڻن. هن چيو ته اسڪيم جي ڪاميابيءَ لاءِ حڪمت، ايف بي آر ۽ واپاري برادري جو سهڪار بنيادي اهميت رکي ٿو گڏيل ڪوشش سان ٽيڪس نيٽ کي هٿي ڏيڻ معيشت کي دستاويزي بڻائڻ ۽ ٽيڪس وصولين ۾ بهتري آڻڻ ۾ مدد ملندي ان موقعي تي مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني چيو ته آسان ٽيڪس اسڪيم تحت ايپ ۾ رجسٽرڊ دڪاندارن جي وڪري تي هڪ سيڪڙو ٽيڪس لاڳو هوندو. جڏهن ته ايپ انهن واپارين لاءِ به دستياب آهي جيڪي اڃا تائين ٽيڪس نيٽ ۾ شامل ناهن ٿيا. هن چيو ته پهرين کان ٽيڪس نظام ۾ موجود دڪاندار به ان ايپ ذريعي اسڪيم ۾ شامل ٿي سگهن ٿا. ايپ ذريعي ٽيڪس جي ادائگي ۽ ننڍن دڪاندارن کي رجسٽريشن حاصل ڪرڻ جي سهولت به فراهم ڪئي ويندي. هن ٻڌايو ته مقرر تاريخ کان پهرين رجسٽريشن ڪرائيندڙ دڪاندارن کي پليٽ مفت فراهم ڪئي ويندي، جڏهن ته مقرره تاريخ کانپوءِ رجسٽريشن ڪرائيندڙن کي پليٽ جي قيمت ادا ڪرڻي پوندي. ايپ کي سيپٽمبر تائين ٻين مقامي ٻولين ۾ به متعارف ڪرايو ويندو. هن چيو ته اسڪيم جي تياريءَ دوران واپاري اڳواڻن کي صلاح مشوري جي عمل ۾ شامل رکيو ويو ۽ واپارين جي رهنمائي ۽ صلاح مشوري سان اسڪيم کي حتمي شڪل ڏني وئي. اسڪيم جو اعلان 5 جون تي ناڻي واري وزير جي صدارت هيٺ تقريب ۾ ڪيو ويو هو جڏهن ته بجيٽ پيش ٿيڻ کان پوءِ ان جي عملي لاڳو ڪرڻ لاءِ تيارين جي شروعات ڪئي وئي. مملڪتي وزير چيو ته خاص ٽيڪس اسڪيم سان اربين رپين جو روينيو امڪان آهي. جيڪڏهن اسڪيم ڪامياب ٿئي ته ٽيڪس نظام ۾ موجود سيلري ڪلاس تي ٽيڪس جي بار کي گهٽ ڪرڻ ۾ به مدد ملي سگهي ٿي. حڪومت جو مقصد ننڍين ڪاروباري ماڻهن کي سهولت فراهم ڪندي کين قومي ٽيڪس نظام جو حصو بڻائڻ آهي. ان موقعي تي ايف بي آر ميمبر حامد عتيق چيو ته اينڊرائيڊ موبائل صارفين لاءِ آسان ٽيڪس ايپ تيار ڪئي وئي آهي جنهن ذريعي ننڍا دڪاندار انتهائي آسان طريقي سان پاڻ کي رجسٽرڊ ڪرائي سگهن ٿا. ايف بي آر عملدارن موجب ايپ ذريعي دڪاندارن لاءِ ٽيڪس رٽرن فائل ڪرڻ جو عمل به آسان بڻايو ويو آهي ۽ هو صرف 8 کان 10 ڪلڪس ۾ پنهنجو رٽرن فائل ڪري سگهندا. واپاري اڳواڻن آسان ٽيڪس اسڪيم جي جاري ٿيڻ کي سٺو قرار ڏيندي چيو ته حق جي ويڙهه ۾ ڪاميابيءَ کان پوءِ هاڻ ملڪ کي معرڪهءِ معيشت طرف وڌڻو پوندو. واپاري اڳواڻ ڪاشف چوڌري چيو ته هر واپاريءَ کي نيشنل ٽيڪس نمبر حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجا رٽرن فائل ڪرڻ جي ذميداري پوري ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته پنهنجا رٽرن فائل نه ڪرڻ هڪ ڏوهه آهي. واپاري ٽيڪس ڏيڻ لاءِ تيار آهن. جڏهن ته حڪومت کين سازگار ڪاروباري ماحول فراهم ڪري.

بقايا 10 روزاني عبرت

کان واقعي جون فوري تفصيلون طلب ڪري ورتيون آهن. گهرو وزير ايس ايس پي خيرپور کي واقعي جي مڪمل ۽ غيرجانبدارانه جاچ ڪرائڻ مبينا طور ملوث جوابدارن خلاف قانون موجب فوري ڪارروائي ڪرڻ ۽ انهن جي گرفتاري يقيني بڻائڻ جون هدايتون جاري ڪيون آهن. ضياءُ الحسن لنجار متاثر معصوم نينگر ۽ سندس خاندان کي هر ممڪن قانوني تحفظ فراهم ڪرڻ جو حڪم ڏيندي چيو آهي ته معصوم ٻار سان مبينا زيادتي جهڙي سنگين واقعي ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت يا ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي. هن چيو ته واقعي جي مبينا وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ واري معاملي جي پڻ مڪمل جاچ ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن وڊيو وائرل ڪرڻ ۾ ڪو قانوني ڏوهه سامهون اچي ته ملوث عنصرن خلاف به قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. گهرو وزير چيو ته متاثر خاندان کي ڌمڪيون ڏيڻ يا واقعي کي دٻائڻ جي ڪوشش ثابت ٿي ته ذميوار عنصرن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. ضياءُ الحسن لنجار چيو ته قانون کان ڪو به مٿانهون ناهي. متاثر خاندان کي انصاف جي فراهمي هر صورت ۾ يقيني بڻائي وڃي. هن هدايت ڪئي ته ايس ايس پي خيرپور واقعي جي جاچ ۾ ٿيندڙ اڳڀرائي بابت کيس مسلسل آگاهه ڪندو رهي.

بقايا 11 روزاني عبرت

بلوچ، ايس ايس پي ڊسٽرڪٽ سينٽرل ڊاڪٽر عمران خان ۽ پوليس ٽيم کي شاباش. شاهراهه نورجهان واري علائقي ۾ پوليس مقابلي دوران مارجي ويل جوابدار ڀتا خور گروپ جو اهم ڪمانڊر نڪتو ـ ايس ايس پي سينٽرل جوابدار ڀتا خوري، فائرنگ ۽ خوف ۽ هراس پکيڙڻ جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث ۽ گهربل هو ـ ايس ايس پي سينٽرل آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ڊسٽرڪٽ سينٽرل پوليس جي مؤثر ڪارروائي کي ساراهيندي آفيسرن ۽ جوانن کي شاباش ڏني آءِ جي سنڌ هدايت ڪئي ته گرفتار ۽ فرار جوابدارن خلاف قانون موجب ڪارروائي يقيني بڻائي وڃي ۽ دستياب شاهدين جي بنياد تي جاچ کي وڌيڪ اڳتي وڌايو وڃي.

بقايا 12 روزاني عبرت

۽ رضاڪارن کي خراج تحسين پيش ڪري ٿو جيڪي ضرورت جي وقت ماڻهن جي مدد جي لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏين ٿا. اربع ڏينهن پرڏيهي آفيس موجب انساني همدرديءَ جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته هي ڏينهن اسان کي همدرديءَ خدمت ۽ آفتن ۽ ٻين هنگامي حالتن کان متاثر ماڻهن سان گڏ بيهڻ جي اهميت جي ياد ڏياري ٿو نائب وزيراعظم چيو ته هي ان عزم جي ورجاءَ جو موقعو آهي ته اسان گڏيل طور تي ڪمزور ۽ متاثر طبقن جي مدد ۽ انسانيت جي خدمت جي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهون. هن چيو ته پاڪستان کي سخاوت، رضاڪارانه خدمتن ۽ معاشرتي خدمت جي پنهنجي پراڻي روايت تي فخر آهي، اهي قدر اسان جي معاشري ۾ مضبوط پاڙون رکن ٿا ۽ مشڪلاتن جي وقت سدائين اسان جي ماڻهن کي متحد ڪرڻ جو سبب بڻجن ٿيون سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو ته موسمياتي تبديلي جي نتيجي ۾ ايندڙ آفتن جي حوالي سان اسان جي تجربي ڪيترائي ڀيرا پاڪستاني عوام جي حوصلي يڪجهتي ۽ تعاون جي جذبي کي ثابت ڪيو آهي. شهرين وفاقي ۽ صوبائي ادارن سان گڏجي متاثر آبادين جي مدد، امداد ۽ بحالي جي ڪوشش ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. هن چيو ته ان موقعي تي آئون انساني خدمت جي لاءِ سرگرم سمورن ماڻهن کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو ۽ همدرديءَ يڪجهتي ۽ انسانيت جي خدمت جي اصولن سان پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪريان ٿو.

بقايا 13 روزاني عبرت

ڪيترن ئي زخمين کي الشفا اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو آهي اهو ڊرون حملو اهڙي وقت ۾ ٿيو جڏهن اسرائيل جنگ بندي جي معاهدي باوجود غزه ۾ رهائشي علائقن ۽ پناهگيرن جي مرڪزن کي نشانو بڻائي رهيو آهي ٻئي پاسي فلسطين جي صحت واري وزارت اعلان ڪيو ته گذريل 24 ڪلاڪن دوران قابض اسرائيلي جارحيت جي نتيجي ۾ شهيد ٿيل فلسطينين جا لاش ۽ زخمين کي اسپتال آندو ويو آهي صحت واري وزارت پنهنجي روزاني رپورٽ ۾ ٻڌايو ته 11 آڪٽوبر 2025ع تي جنگ بندي کان پوءِ اسرائيلي فوجي ڪارروائين ۾ مارجي ويل فلسطينين جو ڪل تعداد 1266 ۽ زخمين جو تعداد 4200 تي پهچي ويو آهي ان کان علاوه 813 ماڻهن جا لاش ملبي هيٺان ڪڍيا ويا آهن فلسطيني اخبارين موجب اڃا به ڪيترائي لاش ملبي هيٺان ۽ روڊن تي موجود آهن ڇاڪاڻ ته ايمبولينس ۽ شهري دفاع جون ٽيمون اڃا تائين انهن وٽ ناهن پهچي سگهيون.

بقايا 14 روزاني عبرت

ڪهاڙين جو آزادانه استعمال ٻنهي ڌرين جا 3 ماڻهو زخمي،شادي لارج ويجهو ڪلوئي ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڪي ٽي ۾ پراڻي تڪرار تان لنڊ ۽ ميگهواڙ برادري جي ماڻهن ۾ جهيڙو ٿي پيو ٻنهي ڌرين جا ڪي ماڻهو شديد زخمي ٿي پيا آهن جن ۾ هر هڪ رحيم لنڊ سمون لنڊ ليمون ميگهواڙ شامل آهن ٻنهي ڌرين جي زخمين کي علاج لاءِ ڪلوئي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جهيڙي بعد خوف هراس ڇانيل آهي وڌيڪ فساد جو خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي.

بقايا 15 روزاني عبرت

رپورٽون پيش ڪيون ويون اربع ڏينهن قومي اسيمبليءَ ۾ واپار بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي چيئرمين محمد جاويد حنيف خان جي جاءِ تي ڪميٽي جي ميمبر حافظ نعمان انشورنس بل 2026ع تي اسٽينڊنگ ڪميٽي جي رپورٽ ايوان ۾ پيش ڪئي سامونڊي معاملن بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي چيئرمين عبدالقادر پٽيل پورٽ قاسم اٿارٽي (ترميمي) بل 2025ع ۽ گوادر پورٽ اٿارٽي (ترميمي) بل 2025ع تي اسٽينڊنگ ڪميٽي جون رپورٽون ايوان ۾ پيش ڪيون.

بقايا 16 روزاني عبرت

ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن کي شهر جي وڌيڪ اهم شاهراهن تي ڪم شروع ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي مک شاهراهن تي سولر لائيٽن جي تنصيب جا مثبت نتيجا سامهون اچڻ کانپوءِ هن منصوبي جو دائرو وڌايو پيو وڃي ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته شهر جي اهم شاهراهن تي اسٽريٽ لائيٽن کي سولر انرجي تي منتقل ڪرڻ سان بجلي جي بچت سان گڏ شهرين کي بهتر ۽ مسلسل روشني جي سهولت فراهم ٿيندي ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن شهر جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي توانائي جي متبادل ۽ ماحول دوست ذريعن جي استعمال کي هٿي ڏئي رهي آهي هن چيو ته شاهراهه سعدي تي اسٽريٽ لائيٽن کي سولر انرجي تي منتقل ڪرڻ جو ڪم تيزيءَ سان جاري آهي جڏهن ته ايندڙ ڏينهن ۾ شهر جي وڌيڪ اهم ۽ مک شاهراهن تي پڻ سولر اسٽريٽ لائيٽن جي تنصيب جو ڪم شروع ڪيو ويندو هن منصوبي جو مقصد شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ سان گڏ توانائي جي خرچن ۾ گهٽتائي آڻڻ آهي ميئر ڪراچي لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته سولر اسٽريٽ لائيٽن جي تنصيب جو ڪم مقرر وقت اندر مڪمل ڪيو وڃي ۽ شهر جي ٻين اهم شاهراهن کي پڻ مرحليوار سولر انرجي تي منتقل ڪرڻ لاءِ جامع منصوبابندي ڪئي وڃي هن چيو ته ڪراچي ۾ جديد، ماحول دوست ۽ پائيدار نظام متعارف ڪرائڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ جو سلسلو جاري رکيو ويندو.

بقايا 17 روزاني عبرت

گذري، جنهن ۾ متفقه طور تي بنا مقابلي اسد اشرف ملڪ کي صدر چونڊيو ويو. جڏهن ته غلام شبير شيخ نائب صدر ۽ غلام سرور جمالي کي جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو عهديدارن جو مدو ٻن سالن تائين هوندو. صدر ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبرن جي نامزدگي نائب صدر ۽ جنرل سيڪريٽري جي صلاح مشوري سان ڪندو ان موقعي تي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد پيش ڪئي.

بقايا 18 روزاني عبرت

اقليتي معاملن بابت خاص معاون ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي اعزازي مهمان طور شرڪت ڪئي اجلاس ۾ سنڌ اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر نويد انٿوني اقليتي معاملن واري کاتي جي سيڪريٽري جمشيد عالم ميمڻ نيشنل لابنگ ڊيليگيشن جا ذميوار ۽ عهديدار رضاڪارانه طور خدمتون سرانجام ڏيندڙ رام ڪولهي، سيما مهيشوري، بنسي لال ايڊووڪيٽ، پاڳچند، سارنگ معراڻي ۽ سوزين سميت ملڪ جي مختلف علائقن سان تعلق رکندڙ ميمبرن شرڪت ڪئي. اجلاس جي خاص ڳالهه سنڌ جي مختلف علائقن خاص طور تي ٿر ۽ ميرپورخاص جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي وڏي انگ ۾ شرڪت هئي عورتن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ پنهنجي علائقائي ۽ ثقافتي لباس وسيلي سنڌ جي ثقافتي رنگارنگي کي اجاگر ڪيو تقريب ۾ پهچڻ تي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي ۽ ٻين معزز مهمانن جو شاندار استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي نيشنل لابنگ ڊيليگيشن جي نمائندن ۽ شرڪت ڪندڙن پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي مختلف علائقن کي درپيش مسئلن، ضرورتن ۽ مطالبن کان آگاهه ڪيو پنهنجي خطاب ۾ ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي منتظمين کي ڪامياب پروگرام منعقد ڪرڻ تي مبارڪباد ڏيندي چيو ته گراس روٽ سطح تي سرگرم سياسي سماجي ۽ مذهبي اڳواڻن خاص طور تي عورتن کي مشاورتي عمل ۾ شامل ڪرڻ هڪ ساراهه جوڳو قدم آهي هن چيو ته اڄ جي پروگرام ۾ شرڪت ڪرڻ منهنجي لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي، ڇاڪاڻ ته اڄ مان پنهنجي ماڻهن جي وچ ۾ موجود آهيان. اڄ هو مون سان ۽ مان انهن سان دل جون ڳالهيون ڪري رهيو آهيان هي اهي ماڻهو آهن جيڪي سنڌ جا وارث ۽ سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت جا حقيقي امين آهن ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت ۽ وڏي وزير سنڌ جون واضح هدايتون آهن ته عوام جي وچ ۾ وڃي، انهن جي ڏک سک ۾ شريڪ ٿي ۽ انهن جا مسئلا ۽ مطالبا ٻڌا وڃن هن چيو ته اڄ هتي منهنجي موجودگي به انهيءَ هدايت تي عمل جو حصو آهي پارٽي قيادت مون کي صرف سنڌ اسيمبلي جو ميمبر نه بڻايو آهي ۽ نه ئي وڏي وزير سنڌ مون کي صرف خاص معاون مقرر ڪيو آهي، پر مون کي عوام ۽ حڪومت وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪرڻ جي ذميواري ڏني وئي آهي، ته جيئن ٻنهي وچ ۾ رابطي جو ذريعو بڻجي سگهان هن چيو ته منتظمين طرفان پيش ڪيل چارٽر آف ڊمانڊ ۽ شرڪت ڪندڙن پاران پيش ڪيل مطالبا مان پنهنجي قيادت آڏو رکندو ۽ انهن تي عملدرآمد ۽ مطالبن جي پورائي لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندس ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته سنڌ حڪومت جو اقليتي معاملن وارو کاتو اقليتي برادرين جي ڀلائي ۽ بهتري لاءِ ترجيحي بنيادن تي قدم کڻي رهيو آهي جن ۾ اقليتي برادرين جي مالي مدد، عبادتگاهن جي مرمت ۽ تزئين و آرائش ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي شامل آهي هن چيو ته هلندڙ سال پڻ سنڌ جي مختلف علائقن ۾ اقليتي عبادتگاهن لاءِ وڏي انگ ۾ ترقياتي اسڪيمون ڏنيون ويون آهن هن وڌيڪ چيو ته حڪومت سنڌ جون ڪوششون رڳو مالي مدد يا عبادتگاهن جي مرمت ۽ تزئين و آرائش تائين محدود ناهن، پر هلندڙ سال اقليتن خاص طور تي هندو برادري جي شاگردن ۽ شاگرديائين لاءِ اهم قدم کنيو ويو آهي. جنهن تحت انهن جي مذهبي ڪتابن کي نصاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي ايندڙ ڏينهن ۾ ٻين اقليتي برادرين لاءِ پڻ اهڙي نوعيت جا قدم کنيا ويندا ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته مختصر طور اهو چوڻ ڪافي هوندو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت رڳو دعوائن تائين محدود ناهي، پر اقليتن ۽ پسمانده برادرين جي ڀلائي ۽ بااختياري لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي جن جي مستقبل ۾ وڌيڪ بهتر تيز رفتار ۽ اثرائتو بڻايو ويندو.

بقايا 19 روزاني عبرت

سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو آهي نوٽيفڪيشن موجب ذوالفقار علي نظاماڻي جي نئين مقرري ڪانپوءِ بي ايس-(BS-19) آفيسر ۽ ايڊيشنل سيڪريٽري ايڊمن محمد يعقوب مگريو کي ورڪس اينڊ سروسز کاتي جي سيڪريٽري واري اضافي چارج (Look-after charge) تان فارغ ڪيو ويو آهي چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه جي حڪم سان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن 19 آگسٽ 2026ع تي جاري ڪيو ويو.

بقايا 20 روزاني عبرت

سپر هاءِ وي تي مسجد فاطما زهرا جي ويجهو ڏنڊين وار سان 28 سالن جو قادري محمد حنيف ولد علي حسن قتل ٿي ويو آهي اطلاع ملندي واقعي واري هنڌ پوليس پهچي مقتول جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ اسپتال منتقل ڪري پوليس واقعي بابت جاچ شروع ڪري ڏني منگهوپير ٿاڻي جي حد حب پمپنگ اسٽيشن منگهوپير 40 کان 45 سالن جي شهباز ولد الله ڏنا جو لاش مليو.

بقايا 21 روزاني عبرت

موقعي تي ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته گلستان جوهر جي مختلف يونين ڪائونسلن ۾ 145 ملين رپين جي لاڳت سان پيور بلاڪ لڳائڻ سميت ٻيا ترقياتي ڪم مڪمل ڪيا ويا آهن جڏهن ته مختلف علائقن ۾ 271 هزار چورس فوٽ پيور بلاڪ لڳايا ويا آهن هن چيو ته ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن پنهنجي منشور ۽ عوام سان ڪيل واعدن موجب هن ئي سال ترقياتي ڪم مڪمل ڪري رهي آهي اسان جو مقصد شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ بنا ڪنهن فرق جي ترقياتي ڪم يقيني بڻائڻ آهي ميئر ڪراچي چيو ته عوامي خدمت جو اسان جو منشور ۽ عزم شهرين لاءِ اطمينان جڏهن ته مخالفن لاءِ پريشاني جو سبب بڻجي رهيو آهي هن چيو ته ڪجهه ماڻهن جڻ ته شهرين کي تڪليف ۽ اذيت ڏيڻ جو قسم کڻي رکيو آهي پنهنجي ڊائون ۾ ته اهي ڪجهه ڪري نه سگهيا، هاڻي رڳو پروپيگنڊا ڪري سگهن ٿا ۽ روئي سگهن ٿا. هن چيو ته گلستان جوهر جي مختلف علائقن ۾ پيور بلاڪ لڳائڻ سان نه رڳو روڊن ۽ گهٽين جي حالت بهتر ٿي آهي پر شهرين کي اچ وڃ ۾ پڻ سهولت حاصل ٿيندي هن چيو ته ترقياتي منصوبن جي تڪميل ۾ معيار ۽ پائيداري کي خاص اهميت ڏني پئي وڃي جيئن شهرين کي ڊگهي عرصي تائين انهن منصوبن مان فائدو حاصل ٿي سگهي هن چيو ته ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن شهر جي مختلف علائقن ۾ ترقياتي ڪمن جو دائرو وڌائي رهي آهي ۽ جتي بنيادي سهولتن جي ضرورت آهي اتي ترجيحي بنيادن تي ڪم ڪيا پيا وڃن گلستان جوهر ۾ مڪمل ڪيل ترقياتي منصوبا پڻ انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهن جن سان علائقي جي رهواسين کي بهتر شهري سهولتون ميسر ٿينديون ميئر ڪراچي چيو ته ڪراچي جي ترقي لاءِ سمورا دستياب وسيلا ڪتب آندا پيا وڃن ۽ ترقياتي منصوبن جي رفتار کي وڌيڪ تيز ڪيو پيو وڃي هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته عوام سان ڪيل واعدن جي تڪميل جو سلسلو جاري رهندو ۽ شهرين کي بهتر انفراسٽرڪچر صاف سترو ماحول ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قدم کنيا ويندا رهندا.

بقايا 22 روزاني عبرت

100 انڊيڪس 1109.14 پوائنٽس جي گهٽتائي سان 176846.36 پوائنٽس تي بند ٿيو ريڊي مارڪيٽ ۾ 787.893 ملين شيئرز جو ڪاروبار ٿيو جنهن جي مجموعي ماليت 39.567 ارب رپيا رهي. جڏهن ته مارڪيٽ جي مجموعي سيڙپڪاري ماليت 19.906 ٽريلين رپين کان گهٽجي 19.814 ٽريلين رپيا رهجي وئي مارڪيٽ ۾ مجموعي طور تي 565 ڪمپنين جي شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي، 185 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ اضافو 271 جي شيئرز جي قيمتن ۾ گهٽتائي ۽ 109 ڪمپنين جي شيئرز جون قيمتون مستحڪم رهيون ڳالهائي جي لحاظ سان سينر جيڪو بي ڪي 217.459 ملين شيئرز سٽيل ملز 27.214 ملين شيئرز سان ترتيب وار ٻي ۽ ٽئين نمبر تي رهيا يوني ليور پاڪستان فوڊز لميٽيڊ جي شيئرز سڀ کان وڌيڪ 75.88 رپين جي اضافي سان 25273.97 رپيا ۽ هوئسٽ پاڪستان لميٽيڊ جي شيئرز 73.01 رپيا جي اضافي کانپوءِ 4073 رپين تي بند ٿيا. ڪي ايس اي 30 انڊيڪس 423.49 پوائنٽس جي گهٽتائي سان 52438.22 پوائنٽس جڏهن ته اسلامي ماليات رکندڙ ڪي ايم آءِ 30 انڊيڪس 1628.55 پوائنٽس جي گهٽتائي سان 248794.51 پوائنٽس تي بند ٿيو

بقايا 23 روزاني عبرت

فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. پاڪستان کي پرڪشش سيڙپڪاري منزل بڻائڻ لاءِ امن استحڪام ۽ دوستانا عالمي ناتا اڻٽر آهن اهڙو اظهار هن عالمي تعليمي سربراهي اجلاس ۽ نمائش ۾ خاص مهمان جي حيثيت سان خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته دنيا تيزيءَ سان تبديل ٿي رهي آهي ۽ مصنوعي ذهانت، ڊجيٽلائيزيشن ۽ جديد ٽيڪنالاجي عالمي معيشتن جو رُخ طئي ڪري رهي آهي ان ۾ پاڪستان جي تعليمي نظام کي جديد گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ ۽ شاگردن کي عملي فني ۽ ڊجيٽل مهارتن ۾ تيار ڪرڻ اڻٽر آهي هن چيو ته پاڪستان ۾ هر ٻار تائين معياري تعليم جي پهچ يقيني بڻائڻ لاءِ وڌيڪ وسيلا ۽ توانائي صرف ڪرڻي پوندي، تعليم کي فقط ڊگري حاصل ڪرڻ تائين محدود رکڻ بدران ان کي روزگار جدت ڪاروبار ۽ معاشي ترقيءَ سان جوڙڻو پوندو ته جيئن نوجوان ملڪي معيشت ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهن قيصر احمد شيخ چيو ته او آءِ سي ملڪن ۾ نوجوانن جي تعليم ايندڙ سالن ۾ اٽڪل 42 ڪروڙ 70 لک تائين پهچڻ جو امڪان آهي اهي نوجوان مسلم دنيا لاءِ وڏو اثاثو آهن جيڪڏهن کين معياري تعليم جديد هنر ۽ روزگار جا مناسب موقعا فراهم ڪيا وڃن ته هو معاشي ترقي جدت ۽ خوشحاليءَ جو ذريعو بڻجي سگهن ٿا هن نوجوانن ۾ قومي اتفاق راءِ برداشت، بين المذاهب هم آهنگي ۽ گڏيل احترام کي هٿي وٺرائڻ جي ضرورت تي زور ڀريندي چيو ته مضبوط معاشرو صرف معاشي ترقيءَ سان نه پر تعليم برداشت ۽ گڏيل قومي مقصدن ذريعي جوڙي سگهجي ٿو هن چين جو حوالو ڏيندي چيو ته ڪروڙين ماڻهن کي غربت مان ڪڍڻ ۾ تعليمي ترقي ۽ قومي اتفاق راءِ اهم ڪردار ادا ڪيو هن چيو ته پاڪستان به پنهنجي انساني وسيلن نوجوان آبادي ۽ جاگرافيائي ۽ معاشي امڪانن مان ڀرپور فائدو کڻي ترقيءَ جون نيون راهون کولي سگهي ٿو. وفاقي وزير نوجوانن تي زور ڀريو ته هو دنيا جي بدلجندڙ گهرجن کي سمجهڻ ۽ جديد مهارتون حاصل ڪن هن نوجوان نسل کي پيغام ڏنو ته مهارتون پيدا ڪريو اتفاق راءِ اختيار ڪريو ۽ ثابت قدميءَ کي مضبوط بڻايو ڇاڪاڻ ته اهي ئي عنصر کين ڪاميابيءَ طرف وٺي وڃڻ ۽ ملڪ کي ترقيءَ جي راهه تي گامزن ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا.

بقايا 24 روزاني عبرت

خاص قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته هڪ مثالي هيلٿ پروفيشنل بڻجڻ لاءِ پيشيوراڻي لگن، محنت ۽ جديد ريسرچ سان پاڻ کي هم آهنگ ڪرڻ اڻٽر آهي حڪومت صحت جي شعبي ۾ جدت ۽ ريسرچ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ هر ممڪن سهڪار فراهم ڪندي ته جيئن پاڪستان صحت جي شعبي ۾ پاڻ ڀرو بڻجي سگهي هن اها ڳالهه اميرالدين ميڊيڪل ڪاليج تحت رٿيل ريسرچ اينڊ ايجوڪيشن 2026ع ڪانفرنس کي وڊيو لنڪ ذريعي خاص مهمان جي حيثيت سان خطاب ڪندي ڪئي. ڪانفرنس ۾ سڄي ملڪ ۽ پرڏيهه مان طبي ماهرن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. هن چيو ته جديد ريسرچ ۽ ٽيڪنالاجي ئي قومي ترقيءَ جي ضمانت آهي ڊاڪٽرن کي عالمي ريسرچ ۽ ٽيڪنالاجيءَ سان جوڙي اسان عالمي سطح تي پنهنجو مقام بڻائي سگهون ٿا، ڇاڪاڻ ته طب جو مستقبل ريسرچ ۽ جديد تدريسي طريقن سان واڳيل آهي پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل انسٽيٽيوٽ ۽ لاهور جنرل اسپتال جي پرنسپل پروفيسر ڊاڪٽر محمد فاروق افضل پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته ميڊيڪل ايجوڪيشن ۾ جدت آڻڻ ڪانسواءِ عالمي معيار جا ڊاڪٽر تيار نٿا ڪري سگهجن هن چيو ته اميرالدين ميڊيڪل ڪاليج، پي جي ايم آءِ هميشه طبي تعليم ۾ نون تجربن جو علمبردار رهيو آهي ۽ شاگردن کي ڪلاس روم کان ڪڍي ڪلينيڪل ۽ ريسرچ بيسڊ لرننگ طرف آڻڻ اسان جي پهرين ترجيح آهي تقريب جي پڇاڙيءَ تي شاندار خدمتن ۽ مقالا پيش ڪرڻ تي مهمانن ۽ شرڪت ڪندڙن ۾ شيلڊز ۽ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا. ڪانفرنس ۾ فيڪلٽي ميمبرن، سينيئر پروفيسرن ۽ شاگردن جو وڏو انگ موجود هو.

بقايا 25 روزاني عبرت

موجب اهڙن خيالن جو اظهار صدر بلوچستان جي وڏي وزير مير سرفراز بگٽي سان ملاقات دوران ڪيو جنهن ساڻس هتي ايوان صدر ۾ ملاقات ڪئي صدر چيو ته ايراضي جي لحاظ کان پاڪستان جو سڀ کان وڏو صوبو خصوصي ڌيان ۽ وسيلن جو حقدار آهي ٻاهرين سرپرستي ۾ سرگرم دهشتگردن جون بلوچستان جي ترقي کي روڪڻ لاءِ رڪاوٽون وجهڻ جون ڪوششون هر قيمت تي ناڪام بڻايون وينديون اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن بلوچستان مان دهشتگردي جو پاڙ کان خاتمو ڪيو ويندو صدر کي بلوچستان جي مجموعي صورتحال ۽ صوبي ۾ جاري ترقياتي قدمن بابت پڻ بريفنگ ڏني وئي ان موقعي تي پيپلزپارٽي عورتاڻي ونگ جي صدر فريال ٽالپر ۽ بلوچستان جو اڳوڻو وزير مير علي حسن زهري پڻ موجود هئا.

بقايا 26 روزاني عبرت

ڇڏي نظرثاني جي درخواست چيف ڪمشنر اسلام آباد ايڊووڪيٽ جنرل اسلام آباد جي ذريعي داخل ڪئي درخواست ۾ چيو ويو آهي ته سپريم ڪورٽ 18 آگسٽ تي عبوري حڪم جاري ڪندي پي ٽي آءِ باني کي شفا اسپتال منتقل ڪرڻ جي هدايت ڪئي عدالتي حڪم ٻڌڻي واري اختيار کان ٻاهر آهي تنهن ڪري ان تي نظرثاني ٿيڻ گهرجي واضح رهي ته گذريل ڏينهن سپريم ڪورٽ عمران خان کي خانگي اسپتال منتقل ڪرڻ جو فيصلو ٻڌائيندي معاملي تي ميڊيڪل بورڊ جوڙڻ جو حڪم ڏنو هو پاڪستان تحريڪ انصاف سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي آجيان ڪندي چيو هو ته پي ٽي آءِ عدالتي فيصلي جو احترام ڪندي ۽ عمران خان جي سياست بابت ڪنهن به قسم جي سياست نه ڪئي ويندي ٻئي پاسي قانون واري وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ اشارو ڏنو هو ته وفاقي حڪومت عمران خان کي خانگي اسپتال منتقل ڪرڻ بابت عدالتي فيصلي تي نظرثاني جي درخواست داخل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ته جيئن باني پي ٽي آءِ جو ڪنهن سرڪاري اسپتال مان طبي معائنو ڪرايو وڃي.

بقايا 27 روزاني عبرت

موسمياتي تبديلين جي اثرن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت، پائيدار ترقي ۽ قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ گڏيل قومن جي مسلسل سهڪار کي ساراهيندي ان اميد جو اظهار ڪيو آهي ته پاڪستان ۽ گڏيل قومن جي وچ ۾ ويجهي حصيداري وڌيڪ مضبوط ٿيندي. هو پاڪستان ۾ گڏيل قومن جي ريزيڊنٽ ۽ هيومينٽيرين ڪوآرڊينيٽر محمد يحيٰ سان ڳالهائي رهيو هو جنهن اربع ڏينهن هتي ساڻس الوداعي ملاقات ڪئي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف محمد يحيٰ جو سندس مقرري جي دور دوران پاڪستان ۽ گڏيل قومن جي وچ ۾ تعاون کي مضبوط بڻائڻ جي شاندار خدمتن تي سندس ٿورا ادا ڪيا. هن پاڪستان جي ترقي ۽ انساني همدرديءَ بابت ترجيحن خاص طور تي موسمياتي تبديلين جي اثرن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت، پائيدار ترقي ۽ قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ گڏيل قومن جي ٽيم جي مسلسل معاونت کي پڻ ساراهيو وزيراعظم پاڪستان جي لاءِ عالمي حمايت حاصل ڪرڻ ۾ گڏيل قومن جي ڪردار خاص طور تي 2022ع جي ٻوڏ دوران گڏيل قومن جي ڪوشش کي ساراهيو وزيراعظم محمد شهباز شريف محمد يحيٰ کي گڏيل قومن جي انساني معاملن بابت رابطا آفيس ۾ اسسٽنٽ سيڪريٽري جنرل ۽ ڊپٽي ايمرجنسي ريليف ڪوآرڊينيٽر مقرر ٿيڻ تي مبارڪباد ڏني هن نئين ذميواري سنڀالڻ جي لاءِ محمد يحيٰ جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته پاڪستان ۽ گڏيل قومن جي وچ ۾ ويجهي حصيداري وڌيڪ مضبوط ٿيندي. وزيراعظم پاران ساراهڻ تي ٿورا ادا ڪندي محمد يحيٰ پنهنجي مقرري واري دور جي دوران پاڪستان حڪومت پاران کيس ۽ گڏيل قومن جي ڪنٽري ٽيم کي فراهم ڪيل تعاون تي ٿورا ادا ڪيا. هن پاڪستان جي ترقي ۽ انساني همدرديءَ جي ايجنڊا جي حمايت جاري رکڻ جي لاءِ گڏيل قومن جي عزم جو ورجاءُ ڪيو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار، وزيراعظم جو خاص معاون سيد طارق فاطمي ۽ ٻيا اعليٰ سرڪاري عملدار پڻ ملاقات ۾ موجود هئا.

بقايا 28 روزاني عبرت

اربع ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب صدر آصف علي زرداري چيو ته پائيلٽ آفيسر راشد منهاس شهيد گهٽ عمر ۾ ملڪ جي لاءِ پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪري جرئت، فرض شناسي ۽ حب الوطني جو اهڙو مثال قائم ڪيو جيڪو سدائين ياد رکيو ويندو صدر چيو ته پاڪستان جي سڀ کان گهٽ عمر نشان حيدر راشد منهاس جي عظيم قرباني اسان جي قومي تاريخ جو هڪ روشن باب آهي جيڪا ايندڙ نسلن کي جرئت، عزم ۽ وطن سان وفاداري جو پيغام ڏئي ٿي هن چيو ته قوم پنهنجي ان عظيم فرزند، ٻين شهيدن ۽ انهن جي گهرڀاتين جي قربانين کي سدائين قدر ۽ احترام جي نگاهه سان ڏسي ٿي صدر آصف علي زرداري چيو ته وطن جي دفاع لاءِ جانين جا نذرانا پيش ڪندڙ اسان جا قومي هيروز آهن جن جون خدمتون ۽ قربانيون سدائين ياد رکيون وينديون.

بقايا 29 روزاني عبرت

پاڪستان کي ترقي ۽ استحڪام نٿو ملي سگهي ميڊيا سان ڳالهائيندي فاروق ستار چيو ته جن علائقن ۾ صوبن جي ضرورت آهي اتي ريفرنڊم ڪرايو وڃي، جڏهن ته آرٽيڪل 239 ۾ به ٻه ٽهائي تي اڪثريت سان ترميم ٿي سگهي ٿي. فاروق ستار جو چوڻ هو ته 80 سالن کان پاڪستان ۾ اسٽيٽس ڪو ۽ ساڪت آهي وڏن صوبن مان پاڪستان کي استحڪام ۽ ترقي نٿي ملي سگهي، هاڻي فيصلو ڪندڙ ادارن ۾ به صوبا ٺاهڻ بابت ڳالهه ٿي رهي آهي هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن آئين جي ڪا شق نوان صوبا ٺاهڻ ۾ رنڊڪ آهي ته ان کي ختم ڪيو وڃي، چئن صوبن جي اجارا داري سان هاڻي پاڪستان نه هلندو.

بقايا 30 روزاني عبرت

شروعات تي 100 انڊيڪس 700 پوائنٽس جي واڌ سان وڌي هڪ لک 78 هزار 613 پوائنٽس جي سطح تي پهچي ويو گذريل ڪاروباري ڏينهن جي پڇاڙي تي 100 انڊيڪس هڪ لک 77 هزار 955 پوائنٽس جي سطح تي بند ٿيو هو ٻئي پاسي انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي قدر ۾ استحڪام ڏٺو ويو جيڪو 277.61 رپين تي ٽريڊ ڪري رهيو آهي.

بقايا 31 روزاني عبرت

تي پابندي ۾ 24 سيپٽمبر تائين واڌ ڪري ڇڏي آهي اربع تي پاڪستان ايئر پورٽس پاران جاري پڌرائي مطابق ڀارتي ايئر لائينز ۽ آپريٽرز جي انتظام هيٺ ملڪيتي يا ليز تي ورتل جهاز به پابندي ۾ شامل آهن ۽ فوجي اڏامن کي به ڇوٽ حاصل نه آهي ڀارتي جهازن لاءِ پاڪستاني هوائي حدن جي استعمال تي پابندي 18 آگسٽ کان 24 سيپٽمبر تائين برقرار رهندي

بقايا 32 روزاني عبرت

پوءِ في تولو سون 4 لک 58 هزار 236 رپيا ٿي ويو آهي آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب اربع تي سون جي في تولي قيمت ۾ 3700 رپين جي گهٽتائي کان پوءِ سون جو في تولو 4 لک 58 هزار 236 رپيا ٿي ويو 24 قيراط سون جي 10 گرام جي قيمت 3172 رپين جي گهٽتائي کان پوءِ 396035 رپين کان گهٽجي 392863 رپيا ٿي وئي 10 گرام 22 قيراط سون جي قيمت 045363 رپين کان گهٽجي 360137 رپيا ٿي وئي.

بقايا 33 روزاني عبرت

جي خدمت، حفاظت ۽ ڏکي گهڙي ۾ متاثر ماڻهن جو ساٿ ڏيڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ جي ڌرتي هميشه محبت، رواداري، ڀائيچاري ۽ انسان دوستي جي روايتن جي امين رهي آهي سنڌي قوم هميشه مصيبت ۾ گهيريل انسانن جو ساٿ ڏنو آهي، اهي ئي سنڌ جون عظيم صوفياڻيون ۽ انساني قدر آهن هن چيو ته سنڌين جي سڃاڻپ محبت، مهمان نوازي، رواداري ۽ انسانيت سان جڙيل آهي عالمي انسانيت وارو ڏهاڙو اسان کي ياد ڏياري ٿو ته هر انساني جان قيمتي آهي ۽ هر انسان عزت ۽ تحفظ جو حقدار آهي سنڌ جي وڏي وزير چيو ته جنگين ۽ بحرانن دوران عام شهرين، طبي عملي ۽ امدادي ڪارڪنن جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي امدادي ڪارڪن انسانيت جا سفير آهن انهن تي حملا عالمي قانونن ۽ انساني قدرن جي ڀڃڪڙي آهن سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ حڪومت انساني همدردي، فلاحي ڀلائي ۽ ضرورتمندن جي مدد جي اصولن تي يقين رکي ٿي سنڌ جي صوفياڻي روايت اسان کي محبت، امن برداشت ۽ انسانيت جو درس ڏئي ٿي هن عالمي انسانيت واري ڏهاڙي تي انهن سمورن امدادي ڪارڪنن کي سلام پيش ڪيو جيڪي پنهنجي جانن جي پرواهه ڪرڻ ڪانسواءِ انسانيت جي خدمت ۾ مصروف آهن سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ ۽ سنڌي عوام امن، محبت ۽ انسانيت جو پيغام سڄي دنيا ۾ هٿي وٺرائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهندا هن چيو ته اچو ته عهد ڪريون ته هڪ ٻئي جي حفاظت، عزت ۽ مدد کي انسانيت جي سڀ کان وڏي ترجيح بڻائينداسين

بقايا 34 روزاني عبرت

صوبي ۾ هڪ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب 5 ماڻهو فوت ۽ 17 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن پرڏيهي ميڊيا موجب مينيجمينٽ بيورو جي حوالي سان ٻڌايو ويو آهي ته اهو حادثو گذريل رات تقريباً 5:30 وڳي چانگ ٽنگ ڪائونٽي جي هڪ ڳوٺ ۾ پيش آيو جتي هڪ ماڻهو پنهنجي گهر ۾ ضيافت جو اهتمام ڪري رهيو هو ۽ برسات کان بچڻ لاءِ نصب ڪيل عارضي ڇت تي تمام گهڻو پاڻي گڏ ٿي ويو جنهن جي ڪري ڇت کي سهارو ڏيندڙ پيٽ ڪرڻ جي نتيجي ۾ 5 ماڻهو فوت ٿي ويا ۽ 17 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن.

بقايا 35 روزاني عبرت

اي - 7 قمري جاچ مشن ۽ لانگ مارچ 5 واءِ 14 ڪيريئر راڪيٽ کي ڏکڻ چين جي صوبي هنان ۾ واقع وين چانگ خلائي لانچ سائيٽ جي لانچنگ ايريا منتقل ڪري ڇڏيو آهي ، جڏهن ته مشن جي لانچنگ مناسب وقت تي ڪئي ويندي پرڏيهي ميڊيا مطابق چين جي انسان بردار خلائي ايجنسي (سي ايم ايس اي) ٻڌايو ته چانگ اي - 7 قمري جاچ مشن ۽ لانگ مارچ 5 — واءِ 14 ڪيريئر راڪيٽ کي اربع ڏينهن عمودي حالت ۾ وين چانگ خلائي لانچ سائيٽ ايريا منتقل ڪيو ويو آهي . پرڏيهي ميڊيا مطابق قمري مشن ۽ راڪيٽ ترتيبوار اپريل ۽ جولاءِ ۾ لانچ سائيٽ تي پهتا هئا . جتي ان جو ٻيو سمورو عمل مڪمل ڪيو ويو لانچ سائيٽ تي سمورين سهولتن ۽ اوزار درست حالت ۾ آهن . لانچ کان اڳ مقرر شيڊول مطابق فنڪشنل چيڪ اپ، گڏيل ٽيسٽون ۽ پروپيلنٽ ڀرڻ جو عمل مڪمل ڪيو ويندو . چانگ اي -7 مشن جو مقصد ڪيترن اهم ٽيڪنالاجيز ۾ اڳڀرائي حاصل ڪرڻ آهي ، جنهن ۾ چنڊ جي سطح تي انتهائي درست سافٽ لينڊنگ، ٽنگن ذريعي حرڪت، هاپنگ ۽ مستقل طورتي ڇانو ڏيندڙ کڏن جي تحقيق شامل آهي . مشن دوران چنڊ جي ڏکڻ قطب جي ماحول ۽ وسيلن جو جامع جائزو ورتو ويندو . ان مقصد لاءِ مدار ۾ گردش ، لينڊ سلائيڊنگ ، روونگ ۽ هاپنگ تي ٻڌل جاچ طريقڪار استعمال ڪيو ويندو . چانگ اي - 7 مشن ۾ عالمي سهڪار به شامل هوندو

بقايا 36 روزاني عبرت

پنهنجي صلاحيتن کي بهتر نموني سڃاڻي مستقبل ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهن اها ڳالهه هن ڊي ايڇ اي صفا يونيورسٽي ۾ سيد رضا عابدي جي ڪتاب “Understanding Career Counseling” جي مهورت تقريب کي خاص مهمان طور خطاب ڪندي ڪئي. تقريب ۾ ڪتاب جي ليکڪ رضا عابدي، ڊي ايڇ اي صفا يونيورسٽي جي وائيس چانسلر بريگيڊيئر (ر) پروفيسر ڊاڪٽر احمد سعيد منهاس، گرين وچ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر سيما مغل، بحريا يونيورسٽي ڪراچي جي ڊي جي وائيس ايڊمرل اطهر مختار، محمد مبين جمالي، استادن ۽ شاگردن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه رضا عابدي کي نوجوانن جي رهنمائي بابت ڪتاب لکڻ تي مبارڪباد ڏيندي چيو ته نوجوانن کي درست رخ ڏيکارڻ اڄ جي دور جي اهم ترين ضرورت آهي. ڪيريئر ڪائونسلنگ نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن، دلچسپين ۽ مستقبل جي موقعن کي سمجهڻ ۾ مدد فراهم ڪري ٿي. هن چيو ته اڄ جي نوجوانن وٽ اڳي کان وڌ جا بيشمار موقعا موجود آهن ضرورت صرف درست رهنمائي جي آهي دنيا ۾ نوان نوان شعبا سامهون اچي رهيا آهن. تنهنڪري نوجوانن کي روايتي شعبن سان گڏ نون ۽ ايندڙ موقعن بابت به آگاهي ڏيڻ ضروري آهي. سيد سردار علي شاهه چيو ته نوجوان صرف ان بنياد تي ڪنهن شعبي جي چونڊ نه ڪن ته اهو هن وقت ٽرينڊ ۾ آهي، پر پنهنجي دلچسپي ۽ صلاحيت کي به نظر ۾ رکن. جنهن ڪم سان جذباتي لڳاءُ هجي ۽ جيڪو ڪم ڪرڻ ۾ دل لڳي اڪثر ڪاميابي جو رستو اتي ئي موجود هوندو آهي. هن چيو ته اسان کي پنهنجي ٻارن کان صرف اهو نه پڇڻ گهرجي ته هو ڇا بڻجڻ چاهين ٿا، پر اهو به پڇڻ گهرجي ته کين ڇا ڪرڻ پسند آهي نوجوانن جون صلاحيتون مختلف آهن. تنهنڪري انهن لاءِ موقعا ۽ رستا به مختلف هجڻ گهرجن تعليم واري وزير چيو ته جن ٻارن بابت اسان اڪثر چوندا آهيون ته اهي اسان جي ڳالهه نٿا سمجهن شايد ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسان پهريان انهن جي ڳالهه سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون جنريشن زي کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته اسان انهن سان ڳالهه ٻولهه ڪريون انهن کي ٻڌون ۽ انهن جي سوالن کي اهميت ڏيون هن وڌيڪ چيو ته نوجوانن کي اهو ٻڌائڻ جي ضرورت آهي ته رستا ڪيترائي آهن ۽ انهن جي منزل صرف اها ناهي جيڪا معاشرو انهن لاءِ طئي ڪري ٿو ڪتاب ‘Understanding Career Counseling’ نوجوانن، والدين ۽ تعليمي ادارن لاءِ رهنمائي جو هڪ اهم ذريعو ثابت ٿي سگهي ٿو ڪتاب جي ليکڪ رضا عابدي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته شاگردن کي پنهنجي مستقبل ۽ ڪيريئر بابت مڪمل معلومات هجڻ گهرجي انهن کي خبر هجڻ گهرجي ته ڪهڙي شعبي ۾ سندن صلاحيت بهتر آهي ۽ جيڪڏهن هو پرڏيهه ۾ تعليم يا روزگار لاءِ وڃڻ چاهين ٿا ته ڪهڙي ملڪ جي چونڊ ڪرڻي آهي ۽ ان لاءِ ڪهڙيون گهرجون پوريون ڪرڻيون پونديون هن چيو ته هر شاگرد کي پنهنجي ڪيريئر بابت درست رهنمائي حاصل ڪرڻ گهرجي جيڪڏهن ڪو شاگرد رياضي ۾ سٺو ناهي ته ان کي رياضي سان لاڳاپيل شعبي کي پيشي طور چونڊڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي اهڙي طرح جيڪڏهن ڪنهن شاگرد ۾ ڳالهائڻ ۽ رابطي جي صلاحيت گهٽ آهي ته مارڪيٽنگ جهڙي شعبي ۾ اڳتي وڌڻ ڏکيو ٿي سگهي ٿو رضا عابدي چيو ته جيڪڏهن ڪو شاگرد انجنيئرنگ جي شعبي لاءِ موزون ناهي ته صرف دٻاءُ يا موجوده رجحان جي بنياد تي ان شعبي جي چونڊ سندس لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي سگهي ٿي. ڪيريئر ڪائونسلنگ جو بنيادي مقصد اهو ئي آهي ته هر ماڻهو پنهنجي صلاحيت ۽ دلچسپي کي سمجهي مستقبل بابت درست فيصلو ڪري سگهي هن چيو ته ‘Understanding Career Counseling’ انهن شاگردن لاءِ خاص طور تي مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو، جيڪي مستقبل بابت مونجهاري جو شڪار آهن ڪتاب جي مطالعي سان شاگردن کي پنهنجي ڪيريئر جي چونڊ ۾ مدد ملندي، جڏهن ته شاگردن لاءِ ڪتاب تي خاص رعايت پڻ رکي وئي آهي تقريب کي گرين وچ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر سيما مغل ۽ ٻين مقررن پڻ خطاب ڪيو بعد ۾ سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه ٻين شرڪت ڪندڙن سان گڏ ‘Understanding Career Counseling’ ڪتاب جي مهورت پڻ ڪئي.

بقايا 37 روزاني عبرت

ڪري احتجاجي مراسلو (ڊيمارش) حوالي ڪيو پاڪستان ڀارت ۾ مقرر آمريڪي سفير ايرڪ گارسيٽي پاران مقبوضه جمون ۽ ڪشمير جي حيثيت بابت ڏنل بيان تي سخت احتجاج ڪيو آهي پرڏيهي آفيس ۾ آمريڪي چارج دي افيئرز کي طلب ڪيو ويو ۽ ان بيان تي سخت احتجاجي مراسلو جاري ڪيو ويو جيڪو آمريڪي سفير مقبوضه جمون ۽ ڪشمير جي دوري دوران ڏنو هو ۽ جيڪو ڪشمير مسئلي جي حيثيت بابت حقيقتن جي ابتڙ هو. پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب پاڪستان جمون ۽ ڪشمير کي ”ڀارت جو حصو“ قرار ڏيڻ جي سخت مذمت ڪندي ان بيان کي واضح طور تي رد ڪري ڇڏيو آهي. آمريڪي چارج دي افيئرز (Charge d'Affaires) کي واضح طور تي آگاهه ڪيو ويو ته جمون ۽ ڪشمير هڪ بين الاقوامي طور تي تسليم ٿيل تڪراري علائقو آهي ۽ ڪشمير جي حتمي فيصلي جو تعين گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن ۽ ڪشميري عوام جي امنگن مطابق ٿيڻ گهرجي.

بقايا 38 روزاني عبرت

ڪابل جي هڪ تعليمي مرڪز ۾ ڌماڪي جي مذمت ڪندي واقعي جي فوري جاچ جو مطالبو ڪيو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب گڏيل قومن جي افغانستان بابت معاون مشن سوشل ميڊيا اڪائونٽ تي ٻڌايو ته سومر تي ڪابل جي هڪ تعليمي مرڪز ۾ ٿيل ڌماڪي ۾ 9 کان 14 سالن جي عمر جا 42 ٻار زخمي ٿيا هئا. افغانستان ۾ گڏيل قومن جي معاون مشن يو اين اي ايم زخمي ٻارن ۽ انهن جي خاندانن سان همدردي جو اظهار ڪندي واقعي جي حالتن جو تعين ڪرڻ لاءِ جاچ جو مطالبو ڪيو مشن ان ڳالهه تي به زور ڀريو ته اسڪولن ۽ تعليمي مرڪزن کي محفوظ رکڻ گهرجي هن وقت تائين ڪنهن گروهه يا ماڻهو ان حملي جي ذميواري قبول ناهي ڪئي

بقايا 39 روزاني عبرت

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ايندڙ اعليٰ سطح جي دورن ۽ ملاقاتن جي تيارين جو جائزو وٺڻ جي لاءِ اربع ڏينهن هتي هڪ اجلاس جي صدارت ڪئي پرڏيهي آفيس موجب نائب وزيراعظم کي انتظامن ۽ اڳتي ٿيندڙ ملاقاتن جي مختلف رخن بابت بريفنگ ڏني وئي نائب وزيراعظم محمد اسحاق ڊار چيو ته ايندڙ دورن ۽ ملاقاتن جي ڪامياب انعقاد کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ ويجهي رابطي ۽ جامع تيارين جي ضرورت آهي پرڏيهي سيڪريٽري آمنہ بلوچ ۽ پرڏيهي وزارت جي اعليٰ عملدارن اجلاس ۾ شرڪت ڪئي

ٹریڈنگ کارپوریشن آف پاکستان (پرائیویٹ) لمیٹڈ
وزارتِ تجارت
حکومتِ پاکستان

پروکیورمنٹ نوٹس
غیر مشاورتی خدمات کی خریداری

ٹریڈنگ کارپوریشن آف پاکستان (پرائیویٹ) لمیٹڈ (TCP) نے مالی سال 27-2026 کے لیے مقررہ خریداری کے سلسلے میں فنڈز مختص کیے ہیں۔ ٹریڈنگ کارپوریشن آف پاکستان (پرائیویٹ) لمیٹڈ (TCP) ان فنڈز سے حاصل ہونے والی رقم کا ایک حصہ بیرونی آڈٹ فرم کی خدمات حاصل کرنے کے معاہدے کے تحت قابلِ ادائیگی اخراجات کی تکمیل کے لیے استعمال کرنے کا ارادہ رکھتی ہے، جس کا حوالہ P89473 ہے۔

2- ٹریڈنگ کارپوریشن آف پاکستان (پرائیویٹ) لمیٹڈ (TCP)، غیر مشاورتی خدمات کی فراہمی کے لیے EPADS V2.0 پر رجسٹرڈ اہل بولی دہندگان سے EPADS V2.0 کے ذریعے بولیاں طلب کرتی ہے۔

3- مذکورہ خریداری کے لیے سنگل اسٹیج، ون انولیپ طریقۂ کار کے تحت بنیادی طریقۂ خریداری، یعنی اوپن مسابقتی بولی، اختیار کیا جائے گا اور کم ترین لاگت کی بنیاد پر انتخاب (LCBS) کی تکنیک استعمال کی جائے گی۔ یہ عمل پبلک پروکیورمنٹ رولز 2004 اور متعلقہ اتھارٹی کی جانب سے وقتاً فوقتاً جاری کردہ ضوابط اور ہدایات کے مطابق ہوگا۔

4- تمام بولیوں کے ساتھ بولی دستاویز میں درج بولی ضمانت (Bid Security) جمع کرانا لازم ہوگا۔ جو مقررہ فارمیٹ کے مطابق پے آرڈر یا بولی ضمانتی اعلامیہ e-Pak (Bid Securing Declaration) کی صورت میں جمع کرائی جاسکتی ہے۔ تفصیلی شرائط وضوابط، اور دیگر ضروری تقاضوں پر مشتمل ای۔ بولی دستاویزات Acquisition and Disposal System (EPADS) پر دستیاب ہیں:
https://epads.gov.pk/opportunities/federal/procurements/89473

5- ای۔ بولی دستاویزات میں دی گئی ہدایات کے مطابق تیار کردہ ای۔ بولیاں EPADS V2.0 کے ذریعے پیر، 7 ستمبر 2026، صبح 11:00 بجے تک جمع کرانا ہوں گی۔ ای۔ بولیاں اسی روز پیر، 7 ستمبر 2026، صبح 11:30 بجے کھولی جائیں گی۔ دستی طور پر جمع کرائی جانے والی بولیاں قابلِ قبول نہیں ہوں گی۔ وہ وینڈرز جنہوں نے ابھی تک EPADS V2.0 کے نئے ورژن پر رجسٹریشن نہیں کرائی، وہ درج ذیل لنک پر خود کو رجسٹر کر سکتے ہیں: https://vendors.epads.gov.pk
رجسٹریشن کے طریقۂ کار کی وضاحت کے لیے ٹیوٹوریل یہاں دستیاب ہے: https://www.youtube.com/watch?v=MNW6T38v7tc

6- پبلک پروکیورمنٹ رولز 2004 کے رول 48 کے تحت مذکورہ خریداری کے لیے شکایات کے ازالے کی کمیٹی (Grievance Redressal Committee - GRC) تشکیل دے دی گئی ہے۔ کمیٹی کے نوٹیفکیشن کی نقل متعلقہ پروکیورنگ ایجنسی کی ویب سائٹ EPADS V2.0 اور اتھارٹی کی ویب سائٹ www.ppra.org.pk پر بھی دستیاب ہے۔

محمد علی
چیف فنانشل آفیسر

PID K.552/26

Thursday 20 august 2026

خميس 20 آگسٽ 2026ع

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

چناب تي نوان ڊيم ۽ سنڌ جي پاڻيءَ جو سوال

صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

يادگار فتح: منهنجي نظر ۾..!

صفحو 4

پاڪ-ڀارت امڪاني ٽڪراءَ جو اشارو!

رشيد صافي

صفحو 4

مختيار اڙو

اڄوڪو ڏينهن ـــ 20 آگسٽ

صفحو 4

عمران خان کي اسپتال منتقل ڪرڻ واري عدالتي فيصلي بعد کپرو ۾ عوام جو وڏو انگ روڊن تي نڪري آيو

غوثيه جماعت ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي سڏ تي مخدوم شاهه محمود قريشي جي آزادي لاءِ ريلي ڪڍي وئي

عمران خان کي شفا اسپتال منتقل ڪرڻ بابت سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي آجيان ڪريون ٿا: مخدوم زاده زين حسين قريشي

شاهه محمود قريشي کي به عدالت مان جلد رليف ملڻ جي اميد آهي. سندس ٻن ڪيسن ۾ ضمانت رهيل آهي اميد آهي ته هو جلد آزاد ٿي ويندو

حيدرآباد: غوثيه جماعت ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي سڏ تي مخدوم شاهه محمود قريشي جي آزادي لاءِ ريلي ڪڍي وئي

کپرو (ن ع) عمران خان کي شفا اسپتال منتقل ڪرڻ بابت سپريم ڪورٽ جي فيصلي کانپوءِ کپرو ۾ عوام جو وڏو انگ روڊن تي نڪري آيو غوثيه جماعت ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي سڏ تي مخدوم شاهه محمود قريشي جي آزادي ۽ سندس قيد جا ٽي سال مڪمل ٿيڻ تي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. ريلي ۾ پي ٽي آءِ ڪارڪنن ۽ غوثيه جماعت جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ريلي کي ايم اين اي مخدوم زاده زين حسين قريشي وڊيو لنڪ ذريعي خطاب ڪيو جڏهن ته پي ٽي آءِ سنڌ جو صدر حليم عادل شيخ ڪراچي کان ريلي جي اڳواڻي ڪندي کپرو پهتو. ريلي سانگهڙ روڊ ۽ ميرپورخاص روڊ کان ٿيندي شهيد چوڪ تي پهتي. ريلي جي اڳواڻي چيف خليفه غوثيه جماعت محمد حيات درس، خليفه امان الله درس، صديق خاصخيلي، غلام قادر درس، حاجي يار محمد درس، علي نواز هڱورجو، محمد نواز درس، حاجي محمد اسلم جت، امام بخش گجو، محمد علي درس ۽ ٻين اڳواڻن ڪئي. ريلي جي شرڪت ڪندڙن مخدوم شاهه محمود قريشي جي فوري آزادي جو مطالبو ڪيو. مخدوم زاده زين حسين قريشي چيو ته عمران خان کي شفا اسپتال منتقل ڪرڻ بابت سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي آجيان ڪريون ٿا. شاهه محمود قريشي کي به عدالت مان جلد رليف ملڻ جي اميد آهي. سندس ٻن ڪيسن ۾ ضمانت رهيل آهي اميد آهي ته هو جلد آزاد ٿي ويندو. هن چيو ته ٽي سال قيد باوجود اسان جا اڳواڻ حق ۽ سچ سان گڏ بيٺل آهن دير ضرور ٿي، پر اسان هميشه آئين ۽ قانون جو رستو اختيار ڪيو ۽ انصاف جي هميشه فتح ٿي آهي. ٻئي طرف حليم عادل شيخ چيو ته مخدوم شاهه محمود قريشي وفا جو قيدي آهي، کيس عمران خان سان گڏ بيهڻ جي سزا ڏني وئي آهي پي ٽي آءِ جو هر ڪارڪن شاهه محمود قريشي کي سلام پيش ڪري ٿو حليم عادل شيخ سنڌ حڪومت تي تنقيد ڪندي چيو ته پيپلز پارٽي سنڌ کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي ۽ شهر کنڊرن ۾ تبديل ٿي ويا آهن سندس چوڻ موجب 18 سالن دوران 33 هزار ارب رپين جو بجيٽ آيو پر عوام اڄ به بنيادي سهولتن کان محروم آهي هن وڌيڪ چيو ته نون صوبن جو شوشو پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم ڇڏيو آهي جڏهن ته نااهل حڪمرانن کي عوام جي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ جو ڪو اختيار ناهي هن ضلع سانگهڙ کي غوثيه جماعت ۽ حر جماعت جو قلعو قرار ڏيندي چيو ته سانگهڙ جون سيٽون به فارم 47 ذريعي لٽيون ويون هيون حليم عادل شيخ عمران خان کي شفا اسپتال منتقل ڪرڻ بابت سپريم ڪورٽ جي فيصلي کي تازي هوا جو جهونڪو قرار ڏيندي مخدوم شاهه محمود قريشي سميت سمورن پي ٽي آءِ اڳواڻن جي آزادي جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي غلام قادر درس ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا

سنڌ ايڪشن ڪميٽي پاران 22 آگسٽ تي حيدرآباد ۾ ٿيندڙ وحدت سنڌ مارچ جون تياريون تيز

حيدرآباد ۾ ٿيندڙ وحدت سنڌ مارچ ۾ لکين ماڻهو شريڪ ٿي پنهنجي ڌرتي ماءُ سان وچن نڀائيندا: اڳواڻ

ملڪ جا حڪمران ۽ طاقتور قوتون سنڌ جي جاگرافيائي وحدت کي ٽوڙڻ ۽ تقسيم لاءِ نون صوبن ۽ نون انتظامي يونٽن جو رنگت، مصروف آهن: روشن ٻرڙو

سنڌو درياءَ کان 6 ڪينال ڪڍڻ وارو منصوبو سنڌ جي عوام جي احتجاج کانپوءِ سي سي آئي پينڊنگ حوالي ڪيو آهي: مسرور شاهه

جلال پور ڪئنال ڪڍي سنڌ کان دوکو ڪيو ويو آهي، اين ايف سي ايوارڊ تي ڌاڙو هڻي سنڌ جي وسيلن تي قبضو ڪيو پيو وڃي: بدر چنا

ملڪ ۾ آئين جي وائيليشن ٿي رهي آهي، پيڪا ايڪٽ جهڙا ڪارا قانون آندا ويا آهن، عدالتن جا دروازا بند ڪيا ويا آهن: آفتاب خانزاده

ڪشمير ۽ بلوچستان ۾ رت وهي رهيو آهي، وزير محسن نقوي ملڪ جي صدر کان ملي نوان صوبا ٺاهڻ جي ڳالهه ڪئي آهي: آصف بالادي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻ روشن ٻرڙو ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ مسرور شاهه، بدر چنا، آفتاب خانزاده، آصف بالادي ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته 22 آگسٽ تي حيدرآباد ۾ ٿيندڙ وحدت سنڌ مارچ ۾ لکين ماڻهو شريڪ ٿي پنهنجي ڌرتي ماءُ سان وچن نڀائيندا. هن چيو ته 22 آگسٽ 2026 تي منجهند 3 وڳي ڌاري حيدرآباد ۾ پونم پمپ کان وحدت سنڌ مارچ ڪڍي واڌو واهه گيٽ تي جلسو ڪيو ويندو جنهن ۾ لکين جي تعداد ۾ عوام شريڪ ٿيندي هن چيو ته سنڌ تي هن وقت مشڪل وقت آيو آهي ملڪ جا حڪمران پيپلزپارٽي، مسلم ليگ نون ۽ طاقتور قوتون سنڌ جي جاگرافيائي وحدت کي ٽوڙڻ ۽ تقسيم لاءِ نون صوبن ۽ نون انتظامي يونٽن جو رنگت ڪري سنڌين جي تاريخي وطن کي بي وطن ڪرڻ جي سازش ۾ مصروف آهن هن چيو ته سنڌو درياءَ کان 6 ڪينال ڪڍڻ وارو منصوبو سنڌ جي عوام جي احتجاج کانپوءِ سي سي آئي پينڊنگ حوالي ڪيو آهي جڏهن ته جبري طور تي جلال پور ڪئنال ڪڍي سنڌ کان دوکو ڪيو ويو آهي اين ايف سي ايوارڊ تي ڌاڙو هڻي سنڌ جي وسيلن تي قبضو ڪيو پيو وڃي، هن جهڙين سازشن ملڪ لاءِ بهتر نه آهن. هاڻي هن ملڪ ۾ آئين جي وائيليشن ٿي رهي آهي پيڪا ايڪٽ جهڙا ڪارا قانون آندا ويا آهن، عدالتن جا دروازا بند ڪيا ويا آهن ڪشمير ۽ بلوچستان ۾ رت وهي رهيو آهي، وزير محسن نقوي ملڪ جي صدر کان ملي نوان صوبا ٺاهڻ جي ڳالهه ڪئي آهي ته ٻئي طرف سنڌ جي سامونڊي پٽي ۽ خاص ڪري ڪراچيءَ کي وفاق حوالي ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو ويو آهي. سنڌو درياهه تي نوان ڪئنال ۽ ڊيم جوڙي سنڌ جي پاڻيءَ تي ڌاڙي جو منصوبو ٺاهيو ويو آهي ته جيئن سنڌ جي زراعت ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ کان محروم ڪيو وڃي ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون نجي ڪمپنين جي حوالي ڪري انهن تي قبضي جي ڪوشش ڪئي وئي آهي اين ايف سي ايوارڊ مان ڪٽوتي ڪري سنڌ جي ناڻي تي ڌاڙو هڻي اهي ئي پئسا وفاق کي ڏئي سنڌو درياهه تي نوان ڊيم ٺاهي سنڌ جو نالو ۽ سنڌ جو پاڻي هضم ڪرڻ جي سازش ڪئي وئي آهي هن چيو ته انهن سمورن سنڌ دشمن منصوبن جي خلاف سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي پليٽفارم تي 22 آگسٽ ڇنڇر جي ڏينهن منجهند 3 وڳي پونم پمپ کان ريلي ڪڍي واڌو واهه گيٽ تائين "وحدت سنڌ مارچ" ڪيو ويندو هن چيو ته 22 آگسٽ سنڌ جا لکين غيرتمند ماڻهون پنهنجي وطن ۽ ڌرتيءَ سان عهد وفا جو ڏينهن ملهائي سنڌ دشمن حڪمرانن کي پيغام ڏيندا ته سنڌ جا غيرتمند ماڻهون سنڌ جي ورهاست ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندا. هن عوام کي اپيل ڪئي ته اچو ته گڏجي پنهنجي وطن ۽ ڌرتيءَ سان عهد وفا ڪريون سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي ۽ سنڌ جي درياهه ۽ سنڌ جي ناڻي تي ڌاڙي خلاف سنڌ متحد آهي

ٽنڊوالهيار ضلعي جي 26 يونين ڪائونسلز جا چيئرمين عوام کي ڪو به لاڀ نه ڏئي سگهيا

هر مهيني 26 يونين ڪائونسلن کي او زي ٽي جي مد ۾ ملندڙ 2 ڪروڙ 60 لک روپين جي رقم ۾ ٽين وال ٿيڻ لڳي

يوسي چيئرمين، آڊيٽر اڪائونٽنٽ ۽ ٻين عملدارن پاران ملي ڀڳت ڪري سلائي مشينن ۽ نلڪن جا ڪوڙا واؤچر ٺاهي بجيٽ هڙپ

ضلعي جي 26 يونين ڪائونسلن کي ملندڙ ڪروڙين روپين جي خرچ جي انڪوائري ڪرائي عوام کي رليف ڏنو وڃي: شهرين جو مطالبو

ٽنڊوالهيار (رپورٽ: راجه ساجد خانزاده) ٽنڊوالهيار ضلعي جي 26 يونين ڪائونسلز عوام کي ڪو به لاڀ نه ڏئي سگهيون. ملندڙ سال تائين 1 ارب 24 ڪروڙ کان مٿي جي رقم هڙپ ٿيڻ جا اطلاع. هر مهيني 26 يونين ڪائونسلن کي ملندڙ او زي ٽي شيئر 2 ڪروڙ 60 لک روپين جي رقم ۾ مبينا خرد برد ٿيڻ لڳي. ڪجهه يونين ڪائونسلن ۾ نالي ماتر سلائي مشين، نلڪا ڏئي ٻيا پئسا هڙپ ڪيا ويا. يوسي چيئرمين، آڊيٽر اڪائونٽنٽ ۽ ٻيا ملوث. ادارن کان انڪوائري جي گهر خبر موجب ٽنڊوالهيار ضلعي جي 26 يونين ڪائونسلز عوام کي ڪو به لاڀ نه ڏئي سگهيون آهن عوام جا پئسا هڙپ ڪندڙ ڪک پتي چيئرمين ۽ آفيسر لک پتي بڻجي ويا آهن جڏهن ته ضلعي جي 26 يونين ڪائونسلن کي ملندڙ سال تائين 1 ارب 24 ڪروڙ کان مٿي جي ملندڙ رقم هڙپ ٿيڻ جو انڪشاف پڻ ٿيو آهي مليل ڄاڻ موجب هر مهيني 26 يونين ڪائونسلن کي ملندڙ 2 ڪروڙ 60 لک روپين جي رقم ۾ مبينا خرد برد ٿيڻ لڳي آهي ڪجهه يونين ڪائونسلن ۾ پگهارون ڪڍڻ بعد نالي ماتر سلائي مشين نلڪا ڏئي ٻيا پئسا هڙپ ڪيا وڃن ٿا جنهن ۾ يوسي چيئرمين، آڊيٽر اڪائونٽنٽ ۽ ٻيا عملدار ملوث آهن ذريعن موجب يوسي چيئرمينن طرفان آفيسرن جي ملي ڀڳت سان هر مهيني 26 يونين ڪائونسلن کي ملندڙ لکين روپيا ڪوڙا واؤچر ۽ بل ٺاهي مبينا خرد برد ڪئي ويندي آهي جڏهن ته ايتري وڏي بجيٽ هجڻ باوجود ضلعي جي عوام کي ڪو به لاڀ ناهي ملي سگهيو ضلعي جي عوام ڪارروائي ڪندڙ ادارن کان گهر ڪئي آهي ته ضلعي جي 26 يونين ڪائونسلن کي ملندڙ ڪروڙين روپين جي خرچ جي انڪوائري ڪرائي عوام کي رليف ڏنو وڃي ۽ عوام جا پئسا عوامي ڪمن تي خرچ ڪري کين بنيادي سهولتون مهيا ڪيون وڃن

ڏگهڙي ۾ مرحوم يوسف خان قائمخاني چاليهي جو انعقاد، قرآن خواني ۽ محفل ميلاد

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي ۾ مرحوم ماسٽر محمد يوسف علي خان قائمخاني جي چاليهي جي محفل جو انعقاد ڏگهڙي جي معروف تعليمي شخصيت، اڳوڻي ايس ڊي او ايجوڪيشن ۽ ڏگهڙي پريس ڪلب جي جوائنٽ سيڪريٽري ساجد يوسف قائمخاني جي والد مرحوم ماسٽر محمد يوسف علي خان قائمخاني جي سوئم ۽ فاتحه چاليهي جي سلسلي ۾ غوثيه مهاجر مسجد ڏگهڙي ۾ قرآن خواني محفل ميلاد ۽ فاتحه چهلم جو اهتمام ڪيو ويو محفل جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ ۽ قرآن خواني سان ڪئي وئي جنهن کانپوءِ محفل ميلاد منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ مشهور معروف نعت خوانن نعت خواني ڪئي معروف نعت خوان ۽ ڪمپيئر محمود خان قائمخاني اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض انجام ڏنا محفل کي معروف عالم دين علامه ۽ قاري حافظ اختر حسين سعيدي روحاني ۽ ايمان افروز خطاب ڪندي قرآن ۽ سنت جي روشني ۾ نيڪ عملن ايصالِ ثواب ۽ ديني تعليمات تي عمل ڪرڻ جي اهميت تي روشني وڌي محفل جي آخر ۾ درود ۽ سلام پيش ڪيو ويو جڏهن ته مرحوم ماسٽر محمد يوسف علي خان قائمخاني جي درجات جي بلندي، مغفرت ۽ روح جي ايصالِ ثواب لاءِ خصوصي دعا ڪئي وئي

باڊهه جي نوجوان سگهڙ جونيئر محمد ملوڪ عباسي سان رهاڻ

ذات اگرچ ورثي ۾ نه به ملي، پر تربيت ۽ ماحول انسان تي اثر انداز ٿئي ٿو: مقررين

سنڌ علم، ادب، ڏاهپ ۽ هنر جي لحاظ کان لاتعداد شخصيتن کي جنميو آهي

باڊهه (ن ع) باڊهه جي نوجوان صحافي طاهر نور هيسباڻي ۽ بلال نور هيسباڻي پاران نوجوان سگهڙ جونيئر محمد ملوڪ عباسي سان رهاڻ رچائي وئي. هيسباڻي هائوس تي منعقد تقريب ۾ نور احمد هيسباڻي، ظهير حسين قريشي، عدنان چنه، غلام عباس پنهور ۽ حسان نور هيسباڻي شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سينيئر صحافي نور احمد هيسباڻي جونيئر محمد ملوڪ عباسي کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ اوڍايو ۽ کيس آجياڻو ڏنو پروگرام ۾ نوجوان سگهڙ نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي شان ۾ سينگار سان گڏ سنڌ جي موجوده حالتن سميت مختلف موضوعن تي تمام بهترين انداز ۾ پنهنجي ڏاڏي سگهڙن جي سرتاج مرحوم استاد محمد ملوڪ عباسي ۽ پنهنجي شاعري پيش ڪئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي سينيئر صحافي نور احمد هيسباڻي چيو ته پاڳين جا پاڙ خالي نه ٿيندا آهن ۽ ذات اگرچ ورثي ۾ نه به ملي، پر تربيت ۽ ماحول انسان تي اثر انداز ٿئي ٿو جونيئر محمد ملوڪ عباسي ۾ پنهنجي ڏاڏي نامياري سگهڙ استاد محمد ملوڪ عباسي ۽ والد ممتاز عباسي جيان سگهڙائپ وارا اکر ٽوڙي گڻ موجود آهن. سائنس ٿيل رهاڻ ۾ استاد محمد ملوڪ جي خوشبوءِ محسوس ٿئي پئي جونيئر محمد ملوڪ عباسي چيو ته سنڌ صوفين بزرگن ۽ درويشن جي اها ڌرتي آهي، جنهن علم، ادب، ڏاهپ ۽ هنر جي لحاظ کان لاتعداد شخصيتن کي جنميو آهي. جن پنهنجي پنهنجي تخليقي صلاحيتن ذريعي نه رڳو سنڌ، پر پوري دنيا ۾ مانائتو مقام حاصل ڪيو آهي. هن نوجوان صحافي طاهر نور هيسباڻي ۽ بلال نور هيسباڻي جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته پاڻين جون ڏنل محبتون هميشه ياد رهنديون ۽ انشاالله تعاليٰ هي محبتي ميڙاڪا هميشه قائم رهندا.

باڊهه: ذات اگرچ ورثي ۾ نه به ملي، پر تربيت ۽ ماحول انسان تي اثر انداز ٿئي ٿو: مقررين

حيدرآباد ۾ ڳوٺ مان لڏائڻ ڌمڪين ۽ پلاٽ وڪرو ڪندڙن خلاف احتجاج

ڪٽڙ جي ڳوٺ سردار خان بروهي جي رهواسين پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي تعلقي لطيف آباد علائقي ڪٽڙ جي ڳوٺ سردار خان بروهي جي قديمي رهواسين پاران ڳوٺ مان لڏائڻ ڌمڪين ۽ زبردستي پلاٽ وڪرو ڪندڙ بااثرن جي ظلم خلاف حيدرآباد پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن محمد جمن بروهي عبدالعيم بروهي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيوته اسان ڳوٺ جا قديمي رهواسي آهيون اسان جي ڳوٺ جي بلاڪن کي

ڏني آهي پر بااثرن خلاف پوليس ڪارروائي نه ڪري رهي آهي اسان جي زندگين کي خطرو آهي اسان ايس ايس پي حيدرآباد ڊي آءِ جي حيدرآباد آءِ جي پوليس سنڌ سميت لاڳاپيل اختيارين کي هن معاملي جو نوٽيس وٺندي اسان سان انصاف ڪيو وڃي هنن الزام هنيو ته بااثرن گڏجي ڳوٺ جي پرساڻ لنڪ روڊ بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ اسان کي روزانو لڏي وڃڻ جون ڌمڪيون ملي رهيون آهن ڏيهه ڪٽڙ ۾ اسان جي ڳوٺ جي

ٿرپارڪر ۾ چوماسي جي وڻڪاري مهم جي حوالي سان ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ گڏجاڻي

مٺي (ڊ-ر) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون هاشم مسعود جي صدارت هيٺ ٿرپارڪر ۾ چوماسي جي وڻڪاري مهم جي حوالي سان سندس آفيس ۾ گڏجاڻي ٿي، گڏجاڻي ۾ ضلعي جي سمورن واسطيدار کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي. گڏجاڻي ۾ ٿرپارڪر ۾ هلندڙ وڻڪاري مهم دوران هن مهل تائين ضلعي ۾ لڳايل ٻوٽن جا تفصيلي انگ اکر پيش ڪيا ويا، گڏجاڻي ۾ ڏنل بريفنگ تي پنهنجي اطمينان جو اظهار ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون سمورن عملدارن کي هدايت ڪئي ته مهم کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته جتي ۾ ٻوٽا لڳايا وڃن اتي انهن

مٺي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ الوداعي پارٽي

غلام محمد محمداڻي جي ريٽائرمينٽ تي اجرڪن جا تحفا پيش

غلام محمد محمداڻي پنهنجي سروس نهايت ئي ايمانداري سان ڪئي آهي: مقررين

مٺي (ڊ-ر) گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٺي جي نهايت ئي فرض شناس محنتي ۽ انتهائي قابل منتظم سائين غلام محمد محمداڻي جن پنهنجي نوڪريءَ جا 60 سال نهايت ئي خوش اسلوبي سان پورا ڪري رٽائرڊ ٿيو. ان حوالي سان گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٺي جي سموري اسٽاف طرفان سندس مان ۾ اسيمبلي ۾ شاندار استقبال ڪيو ويو ۽ گلابن ۽ تاڙين جي گونج سان آجيان ڪئي وئي ۽ استادن لفظن، هارن ۽ اجرڪ جي تحفن سان آڌرڀاءُ ڪيو ۽ ان کانپوءِ گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٺي جي سموري اسٽاف طرفان مان ۾ الوداعي تقريب ۽ مانجهاندي جو انعقاد ڪيو ويو تقريب ۾ مهمان خصوصي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري ٿرپارڪر شمس الدين راڻو، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري ٿرپارڪر نصر الله ساهڙ ارجن لال سوٿهڙ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر لٽريسي ٿرپارڪر تعليمدان انور ساهڙ ڪنگهار سنگهه هوتچند لڪاڻي هيڊ ماسٽر گورنمينٽ هاءِ اسڪول ترڪيا ڪالوني مٺي، ڪيلاش لوڊا هيڊ ماسٽر گورنمينٽ بوائز لوئر سيڪنڊري اسڪول ٻجير ڪالوني مٺي، ڪاڪائو جاني جيتيش راڻي صدر گسٽا ٿرپارڪر ڇهنو مل پيشم ڪوٺاري ۽ ٻين غلام محمد محمداڻي جن جي پنهنجي ڪيريئر دوران ڪيل خدمتن ان جي پيشه ورانه صلاحيتن ان جي شخصيت جي حوالي سان خراج پيش ڪندي چيو ته غلام محمد محمداڻي پنهنجي سروس نهايت ئي ايمانداري، سچائيءَ ۽ ادارن جي سالڪي ڪندي گذاري ۽ پنهنجي سروس دوران ڪڏهن به ڪا ڪوتاهي وغيره نه ڪئي ۽ پنهنجي ڪم کي عبادت سمجهي پنهنجو فرض سرانجام ڏنو ڪالهه رٽائرمينٽ جي موقعي تي نهايت خواهشن جو اظهار ڪيو ته مالڪ کيس سٺي صحت ۽ عزت بخشي تقريب ۾ شريڪ استادن لوئين، اجرڪن هارن جا تحفا پيش ڪري تقريب کي وڌيڪ حسن بخشيو. ان کانپوءِ گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٺي جي هميشه جي روايت جيان اسڪول جي سموري اسٽاف طرفان ريلي جي صورت ۾ سائين غلام محمد محمداڻي جن کي پنهنجي اباڻي شهر ڏيپلي تائين الوداع ڪرڻ هليا جتي سائين جي گهر ڀاتين ۽ برادري وارن سمورن آيل استادن جو شاندار استقبال ۽ آڌرڀاءُ ڪيو ۽ خوب تواضع ڪئي ۽ آجياڻي جي ڳيتن جي پيڙا ڏني ۽ آخر ۾ سڀني آيل استادن کي لنگين ۽ لوئين جون اوڍائيون اوڍائيون خوب مهمان نوازي ڪئي وئي ۽ ان کان پوءِ سندس سالگرهه جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو

LIBRARY
LEADERSHIP ENGLISH MEDIUM GOVT: HIGH SCHOOL MITHI
A Farewell Party

مٺي: غلام محمد محمداڻي جي ريٽائرمينٽ تي اجرڪن جا تحفا پيش

بدوقمبراڻي لڳ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول عبدالحق ڀرڳڙي ۾ تقريب

ٻارڙن پاران جشنِ آزادي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو، ڪيڪ پڻ ڪاٽا

شاگردن پاران قومي جذبي، علم ۽ حب الوطني جو ڀرپور اظهار ڪيو ويو

بدوقمبراڻي (ن ع) بدوقمبراڻي لڳ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول عبدالحق ڀرڳڙي ۾ ٻارڙن پاران جشن آزادي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول عبدالحق ڀرڳڙي ۾ جشنِ آزادي جي حوالي سان هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ شاگردن استادن والدين ۽ ڳوٺاڻن وڏي جوش ۽ جذبي سان شرڪت ڪئي تقريب دوران شاگردن پاران قومي جذبي علم ۽ حب الوطني جو ڀرپور اظهار ڪيو ويو ان موقعي تي سائين عبدالرشيد ڀرڳڙي چيو ته "هي ٻار اسان جو قومي اثاثو آهن انهن جي خدمت ۽ بهتر تعليم اسان سڀني تي فرض آهي جيڪڏهن اسان گڏجي ڪم ڪنداسين ته هي قوم ضرور ترقي ڪندي انشاالله" هن چيو ته 6 سيپٽمبر به ڌام ڌوم سان ملهايو ويندو تقريب ۾ ڊپٽي ڊي اِي او محمد اڪرم ٽاليس ٻرڊس اين جي اوز سان لاڳاپيل خادم انصاري، قادر بخش ٽاليس گسٽا صدر شوڪت شهزاد، پ ٽ الف صدر نثار ڀرڳڙي سينيئر استاد الهه بچايو جروار سائين انعام الله ڏاڏوپوٽو سائين سجاد آرائين والدين ڳوٺاڻن ۽ اسڪول جي استادن شرڪت ڪئي مقررن چيو ته اهڙيون سرگرميون شاگردن ۾ خوداعتمادي، قومي شعور ۽ تعليم سان محبت پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون تقريب دوران اسڪول انتظاميا پاران تعليم جي واڌاري ۽ شاگردن جي روشن مستقبل لاءِ گڏيل جدوجهد جاري رکڻ جو عزم پڻ ورجايو ويو

GOVERNMENT BOYS HIGH SCHOOL ABDUL HAQUE BHURGRI

بدوقمبراڻي: گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول عبدالحق ڀرڳڙي ۾ تقريب

دولتپور صفن ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ چوري ۽ ڦر جي وارداتن ۾ اضافو

ڪبير سٽي دولتپور صفن ۾ نامعلوم چور چئن گهرن مان سامان ٻهاري ويا

رات دير سان چورن گهرن ۾ گهڙي چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن: متاثر شهري

دولتپور صفن (ن ع) دولتپور صفن ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ چوري ۽ ڦر جي وارداتن ۾ اضافو شهرين ۾ خوف ۽ بيچيني پکڙيل آهي ڪبير سٽي دولتپور صفن ۾ نامعلوم چور چئن شهرين ماجد علي ڪنڀر، وسيم اتڙ دلدار علي اوٺو ۽ ارشاد علي ڪنڀر جي گهرن ۾ داخل ٿي مبينا طور سون، روڪ رقم ۽ قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا چوري جي وارداتن کانپوءِ علائقي واسين ۾ سخت ڳڻتي پکڙجي وئي آهي ان موقعي تي وسيم اتڙ ۽ ماجد علي ڪنڀر احتجاج ڪندي چيو ته اسان پنهنجي گهرن ۾ ستل هئاسين ته رات دير سان چورن گهرن ۾ گهڙي چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن اسان کي صبح جو خبر پئي آهي هنن چيو ته اسان جي گهرن مان ٿيل چوري واپس ڪرائي وڃي ۽ واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي هنن پوليس جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته دولتپور صفن ۽ آس پاس جي علائقن ۾ وڌندڙ چوري ۽ ڦر جي وارداتن جو نوٽيس وٺي شهرين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

دولتپورصفن: ڪبير سٽي دولتپور صفن ۾ نامعلوم چور چئن گهرن مان سامان ٻهاري ويا

گلاب لغاري ۾ ٻه گڏهه ۽ پاڻي جي ڊرمن سميت گاڏي چوري، احتجاج

چورن پکالي ممتاز لوهار ۽ دادن لغاري جي ٻن گڏهن سميت گاڏي چوري ڪري ورتي

پورهيتن پاران احتجاج، گڏهه گاڏي ذريعي پاڻي ڀري شهر ۾ پاڻي سپلاءِ ڪندا آهيون: پورهيت

گلاب لغاري (ن ع) گلاب لغاري شهر جي سعيد خان ڪالوني چمبڙ ٿاڻي جي حد مان ڪن نامعلوم چورن پاران پکالي ممتاز لوهار ۽ دادن لغاري جي ٻن گڏهن ۽ پاڻي جي ڊرمن سميت گاڏي چوري ڪري فرار ٿيڻ خلاف پورهيتن پاران احتجاج ڪيو ويو پورهيتن ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته اسان گڏهه گاڏي ذريعي پيئڻ جو پاڻي ڀري شهر ۾ پاڻي سپلاءِ ڪندا آهيون جنهن تي ئي پوري گهر جو گذر سفر هلي ٿو هنن جو چوڻ هو ته گذريل رات دير سان نامعلوم چور گڏهه گاڏي سان گڏ ٻه گڏهه ۽ پاڻي جا ڊرم چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن هنن چيو ته اڳ ۾ به اهڙيءَ طرح جون وارداتون ٿيون آهن ليڪن ڪڏهن به چور پڪڙجي نه سگهيا آهن متاثرين ايس ايس پي ٽنڊوالهيار سيد سليم شاهه، ڊي ايس پي چمبڙ ۽ ايس ايڇ او چمبڙ کان گهر ڪئي آهي ته چورن کي گرفتار ڪري چوري واپس ڪرائي وڃي

گلاب لغاري: چورن پکالي ممتاز لوهار ۽ دادن لغاري جي ٻن گڏهن سميت گاڏي چوري ڪري ورتي

سڪرنڊ: رئيس نظير احمد راهو کي عمري شريف جي سعادت حاصل ڪرڻ تي تحفا پيش

سڪرنڊ (س ر) تعلقي سڪرنڊ جي ٻن معزز شخصيتن غلام مرتضيٰ ڏهيو ۽ سيد

ڏنيون ان موقعي تي رئيس نظير احمد راهو پاران سندن مڪي مديني جي سوغات سان

فريدآباد شهر مان مبينه اغوا ٿيل نوجوان جي وارثن پاران ميهڙ انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو

ڌرڻي ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت وڏي انگ ۾ وارثن ۽ علائقي واسين شرڪت ڪئي، ڌرڻي سبب ٽريفڪ معطل ٿي وئي

پوليس موبائل ۾ سوار اهلڪارن ۽ نامعلوم ويگو گاڏي سوار ماڻهن هوٽل تي ويٺل رياض خاصخيلي کي مبينا طور کڻي ويا آهن: وارث

جيڪڏهن مٿس ڪو ڪيس داخل آهي ته سندس گرفتاري ظاهر ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي: گهرواري/ پيڻ/ پٽ

ميهڙ: ڌرڻي سبب ٽريفڪ معطل ٿي وئي ڌرڻي ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت وڏي انگ ۾ وارثن ۽ علائقي واسين شرڪت ڪئي

ميهڙ (رپورٽ: نعمت الله مهيسر) ميهڙ لڳ فريدآباد شهر مان پنهنجي ئي هوٽل تان مبينه طور اغوا ٿيل نوجوان رياض خاصخيلي جي وارثن ميهڙ انڊس هاءِ وي تي انڪ پمپ پرسان ڌرڻو هنيو جنهن سبب ٽريفڪ معطل ٿي وئي ڌرڻي ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت وڏي انگ ۾ وارثن ۽ علائقي واسين شرڪت ڪئي ڌرڻي سبب ڪراچي، حيدرآباد، نصيرآباد، لاڙڪاڻو ۽ سکر ڏانهن ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي ڌرڻي جي اڳواڻي مبينا اغوا ٿيل نوجوان جي گهرواري صنع خاصخيلي، پيڻ موسل، پٽ بلاول خاصخيلي ۽ ٻين ڪئي هنن روئيندي الزام هنيو ته گذريل ڏينهن پوليس موبائل ۾ سوار اهلڪارن ۽ نامعلوم ويگو گاڏي سوار ماڻهن هوٽل تي ويٺل رياض خاصخيلي کي مبينا طور کڻي ويا ورتو وارثن جو چوڻ هو ته فريدآباد ۽ ميهڙ پوليس کان پڇا ڳاڇا باوجود رياض جي گرفتاري ظاهر نه ڪئي وئي آهي هنن چيو ته رياض جي طبيعت به ٺيڪ ناهي ۽ سندس زندگي کي خطرو آهي جيڪڏهن مٿس ڪو ڪيس داخل آهي ته سندس گرفتاري ظاهر ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي وارثن اپيل ڪندي چيو ته خدارا اسان مسڪينن جو نوٽيس ورتو وڃي، رياض خاصخيلي کي بازياب ڪرائي سندس جان بچائي وڃي ۽ اسان جي گهرڀاتين جي بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻئي طرف ميهڙ بي سيڪشن پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪيون ۽ کين رياض خاصخيلي جي بازيابي بابت يقين ڏيارڻ بعد ڌرڻو ختم ڪرايو جنهن کانپوءِ ٽريفڪ بحال ٿي وئي

حيدرآباد ۾ گهر تي پوليس چڙهائي، تشدد، ڦرلٽ ۽ گرفتاري خلاف احتجاجي مظاهرو

لالو لاشاري واسڻ زهره مگٺهار گهر جي عورتن سوڌو احتجاجي مظاهرو ڪيو

پنجاري پوليس ناحق چڙهائي ڪري عورتن، مردن ۽ ٻارن کي تشدد جو نشانو بڻايو: زهره

ڦرلٽ بعد جنگهه کان معذور منهنجي مڙس هاشم کي گرفتار ڪري کڻي وئي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي لالو لاشاري جي رهواسڻ زهراه مگٺهار پنهنجي گهر جي عورتن سوڌو گهر تي پوليس چڙهائي، تشدد، ڦرلٽ ۽ مڙس جي ناحق گرفتاري خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هن الزام هنيو ته پنجاري ٿاڻي جي پوليس ناحق رات جو 2 وڳي ڌاري گهر تي چڙهائي ڪري عورتن، مردن ۽ ٻارن کي وحشياڻي تشدد جو نشانو بڻايو جڏهن ته هو گهر ۾ ڌي جي ڏاج لاءِ رکيل 65 هزار رپيا روڪ ۽ گهر جو قيمتي سامان ڦرلٽ بعد منهنجي جنگهه کان معذور مڙس هاشم مگٺهار کي گرفتار ڪري کڻي وئي ۽ ڪوڙي پوليس مقابلي ۽ غير قانوني پسٽل رکڻ جو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته اسان غريب ۽ گداگر آهيون اسان ڪڏهن به گهر ۾ هٿيار ناهي رکيو پنهنجي پيٽ گذر سفر ڪندا آهيون هن چيو ته پاڙي ۾ مين پوري جو ڪاروبار ٿيندو جنهن جي پوليس ڪارروائي ڪرڻ بدران اسان جي گهر تي چڙهائي ڪئي آهي جيڪو ظلم آهي هن چيو ته مون وٽ پيسا ناهن جو وڪيل ڪري مڙس کي جيل مان آزاد ڪرايان. هن ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي جاچ ڪرائي منهنجي مڙس هاشم کي آزاد ڪرائي گهر مان ڦرلٽ ڪيل پئسا واپس ڪرائي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

ڏگهڙي لڳ ڳوٺ جٽيو ڪلوئي ۾ واٽر سپلاءِ جي ٿري فيز موٽر چوري، پاڻي جي فراهمي معطل

واٽر سپلاءِ اسڪيم جي مريد ڊسٽري شاخ تي لڳل قيمتي ٿري فيز بجلي واري موٽر نامعلوم چور چوري ڪري فرار

علائقي ۾ پيئڻ جو پاڻي جي سپلائي معطل هئڻ ڪري رهواسين کي سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي ويو

نوٽيس وٺي موٽر چوري ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري چوري ٿيل موٽر هٿ ڪري پاڻي جي فراهمي ترت بحال ڪئي وڃي: رهواسي

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي: جٽيو ڪلوئي ديهه 192 ۾ واٽر سپلاءِ جي ٿري فيز موٽر چوري، پاڻي جي فراهمي معطل. ڏگهڙي پرسان ڳوٺ جٽيو ڪلوئي ديهه 192 ۾ واٽر سپلاءِ اسڪيم جي ٿري فيز بجلي واري موٽر نامعلوم چور رات جي اونداهي ۾ چوري ڪري فرار ٿي ويا، جنهن سبب ڳوٺ ۽ آس پاس جي علائقن ۾ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي مڪمل طور تي معطل ٿي وئي آهي تفصيل موجب ٽنڊو جان محمد ٿاڻي جي حد ۾ واقع ڳوٺ جٽيو ڪلوئي ديهه 192 ۾ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتي جي واٽر سپلاءِ اسڪيم جي مريد ڊسٽري شاخ تي لڳل قيمتي ٿري فيز بجلي واري موٽر نامعلوم چور چوري ڪري فرار ٿي ويا. موٽر چوري ٿيڻ کانپوءِ واٽر سپلاءِ جو نظام بند ٿي ويو جنهن سبب علائقي ۾ پيئڻ جو پاڻي جي سپلائي معطل هئڻ ڪري رهواسين کي سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي پبلڪ هيلٿ کاتي جي عملي پاران ٽنڊو جان محمد ٿاڻي تي نامعلوم چورن خلاف اين سي داخل ڪرائي وئي آهي. علائقي واسين ايس ايس پي ميرپورخاص ۽ لاڳاپيل اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي موٽر چوري ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري چوري ٿيل موٽر هٿ ڪري پاڻي جي فراهمي ترت بحال ڪئي وڃي

ڀورڙي ٿاڻي جي حد ۾ نوجوان پسٽل جو فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي

32 ورهين جي نوجوان غلام شبير قمبراڻي سيني تي پسٽل جو فائر ڪيو

اطلاع ملڻ تي واقعي واري هنڌ پوليس پهچي لاش اسپتال منتقل ڪيو

نوجوان درزڪو ڪم ڪندڙ هو، گهر آيو، ڪجهه دير بعد فائر ڪري ڇڏيو: وارث

خيرپورناٿن شاهه (ن ع) ڀورڙي ٿاڻي جي حد مير ڪالوني ۾ رهندڙ 32 ورهين جي نوجوان غلام شبير قمبراڻي مبينا طور پاڻ مٿان پسٽل جو فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي، پوليس موجب نوجوان غلام شبير پٽ سرور قمبراڻي گهر اندر پنهنجي سيني ۾ پسٽل جو فائر ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ هو ٿڌي تي ئي فوت ٿي ويو اطلاع ملڻ تي واقعي واري هنڌ پوليس پهچي لاش اسپتال منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو آهي. وارثن جو چوڻ آهي ته نوجوان درزڪو ڪم ڪندڙ هو اڄ صبح جو شهر مان سبزي ۽ سامان خريد ڪري گهر آيو ڪجهه دير بعد ڪمري ۾ مبينا طور پاڻ مٿان فائر ڪري ڇڏيو پوليس جو چوڻ آهي ته واقعو گهرو پريشانين سبب معلوم ٿئي ٿو جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي

شاهپور ڏرپور ٿاڻي جي حد ۾ منشيات جو سرعام وڪرو، نوجوان نسل تباهي جي ڪناري تي پهچي ويو

منشيات جي عادت سبب مختلف صحت جي مسئلن ۽ مختلف سنگين بيمارين جا ڪيس پڻ سامهون اچڻ لڳا

منشيات جي وڪري خلاف خاموشي اختيار ڪرڻ سان صورتحال وڌيڪ خراب ٿيندي ۽ سڀ کان وڏو نقصان نوجوان نسل کي پهچندو: رهواسي

معاملي جو فوري، غيرجانبدار ۽ شفاف نوٽيس وٺي مبينا منشيات فروشي، هفتيوار وصولين ۽ پوليس جي مبينا غفلت بابت جاچ ڪرائي وڃي

مسيرڳڙي (ن ع) مٽياري جي شاهپور ڏرپور ٿاڻي جي حد ۾ مٺن پڙي، سفينا، زيلا 21 ۽ ٻين منشيات جي مبينا وڪري جا الزام سامهون اچڻ بعد علائقي واسين ۾ سخت ڳڻتي پکڙجي وئي آهي. رهواسين جو چوڻ آهي ته منشيات جي وڌندڙ وڪري سبب نوجوان نسل تباهي جي ڪناري تي پهچي ويو آهي، جڏهن ته علائقي ۾ منشيات جي عادت سبب مختلف صحت جي مسئلن ۽ سنگين بيمارين جا ڪيس پڻ سامهون اچڻ جون دعوائون ڪيون پيون وڃن رهواسين پاران الزام لڳايو ويو آهي ته منشيات جي مبينا ڪاروبار لاءِ علي شير خاصخيلي کي هفتيوار وڏي رقم عيوض مبينا طور اجازت حاصل آهي، جڏهن ته پوليس جي مبينا خاموشي سبب منشيات فروش بي خوف ٿي پنهنجو ڪاروبار هلائي رهيا آهن علائقي واسين جو اهو به چوڻ آهي ته جيڪڏهن الزام درست آهن ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي نگراني ۽ ڪارروائي تي انتهائي سنجيده سوال اڀرن ٿا. ٻئي طرف علي شير خاصخيلي سان منسوب موقف ۾ مبينا طور چيو ويو آهي ته "لکين رپيا هفتو ڏيون ٿا، ڪير به نالو نه وٺي سگهي" علائقي واسين جو چوڻ آهي ته منشيات جي وڪري خلاف خاموشي اختيار ڪرڻ سان صورتحال وڌيڪ خراب ٿيندي ۽ سڀ کان وڏو نقصان نوجوان نسل کي برداشت ڪرڻو پوندو. رهواسين سوال اٿاريو آهي ته جيڪڏهن ٿاڻي جي حد ۾ منشيات جو ڪاروبار ايترو وڌي ويو آهي ته پوءِ پوليس جي نگراني ۽ ڪارروائي جو نظام ڪٿي آهي؟ شهرين ايس ايس پي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري، غيرجانبدار ۽ شفاف نوٽيس وٺي مبينا منشيات فروشي، هفتيوار وصولين ۽ پوليس جي مبينا غفلت بابت جاچ ڪرائي وڃي. رهواسين جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن الزام بي بنياد آهن ته حقيقت عوام آڏو آندي وڃي، ۽ جيڪڏهن الزام درست ثابت ٿين ته منشيات فروشن سان گڏ انهن جي سهولتڪار خلاف به قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي

حيدرآباد جي واسا ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ 47 ڏينهن ۾ احتجاجي مظاهرو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 47 ڏينهن ۾ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله، محمد نديم، شاهد خان، جاويد پٽني ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي هنن چيو ته حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيو ته 20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيو ته ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سمورين مراعتون وٺي رهيا آهن پر ٻين ملازمن لاءِ پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي جيڪا مزدور دشمني آهي هنن چيو ته اداري جي هر مهيني ڪروڙين رپين جي وصولي هجڻ باوجود ننڍا ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، وزير بلديات کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

نوابزاده مير محمد زرين خان مگسي جي سيڪريٽري جي سڪرنڊ ۾ تعزيت

سڪرنڊ (ن ع) نوابزاده مير محمد زرين خان مگسي جي سيڪريٽري محمد اسلم مگسي نوابشاهه پهچي زاهد حسين مگسي جي ٿنهن جي وفات تي تعزيت ڪئي ۽ ڏک جو اظهار ڪيو هن پنهنجي تعزيتي پيغام ۾ چيو ته پنهنجن جا وڇوڙا جي جهوري ڇڏيندا آهن دعا آهي ته الله سائين

سنڌ زرعي يونيورسٽي جا 5 شعبا اعليٰ ايڪريڊيٽيشن رينڪنگ ۾ شامل

يونيورسٽي کي معيار ۽ تعليمي بهتري جي حوالي سان اهم ڪاميابي حاصل

وائيس چانسلر الطاف سيال، ايڪريڊيٽيشن سرٽيفڪيٽ ۽ اي آئي سي رپورٽون ورهايون

ٽنڊوڄام (پريس رليز) هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاران يونيورسٽين جي تدريسي معيار ۽ مختلف تعليمي شعبن جي معيار جو جائزو وٺڻ لاءِ قائم ڪيل نيشنل ايگريڪلچر ايجوڪيشن ايڪريڊيٽيشن ڪائونسل جي ٽيم سنڌ زرعي يونيورسٽي جي دوري دوران بائيو ٽيڪنالاجي، ڊيري ٽيڪنالاجي، فشريز اينڊ ايڪوا ڪلچر، پولٽري سائنس ۽ سوائل سائنس شعبن جو تفصيلي جائزو ورتو ڪائونسل جي ٽيم پاران انهن شعبن ۾ تدريسي معيار، ليبارٽرين، فيڪلٽي، بنيادي ڍانچي نصاب جي تياري ۽ ترقي، شاگردن جي جائزي ۽ تشخيص، شاگردن جي سهائتا ۽ تعليمي اڳڀرائي، تحقيق ۽ مشاورتي سرگرمين، انتظام ۽ قيادت ۽ لاڳاپيل ڌرين جي راءِ سميت مختلف معيارن جو جائزو ورتو ويو. جڏهن ته استادن، شاگردن ۽ معاون عملي کان پڻ تفصيلي راءِ حاصل ڪئي وئي. ڪائونسل پاران جاري ڪيل نتيجن موجب، سوائل سائنس شعبي 88.1 سيڪڙو اسڪور سان ڊبليو 2 رينڪنگ حاصل ڪئي جڏهن ته پولٽري سائنس شعبي پنهنجي پهرين ايڪريڊيٽيشن ۾ ايڪس 2، بائيو

ڪئي ان سلسلي ۾ يونيورسٽي جي سينيٽ هال ۾ منعقد ٿيل مختصر تقريب دوران وائيس چانسلر انجنيئر پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال، سوائل سائنس شعبي جي سربراهه ڊاڪٽر الله وڌايو گانداهي، پولٽري سائنس جي سربراهه ڊاڪٽر ناصر راجپوت، بائيو ٽيڪنالاجي جي سربراهه ڊاڪٽر محرم علي قمبراڻي، ڊيري ٽيڪنالاجي جي سربراهه ڊاڪٽر عطا حسين شاهه ۽ فشريز اينڊ ايڪوا ڪلچر جي سربراهه ڊاڪٽر محمد بچل ڀٽو کي نيشنل ايگريڪلچر ايجوڪيشن ايڪريڊيٽيشن ڪائونسل پاران جاري ڪيل ايڪريڊيٽيشن سرٽيفڪيٽ ۽ اي آئي سي رپورٽون پيش ڪيون. تقريب کي خطاب ڪندي وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال چيو ته يونيورسٽي جي مختلف شعبن ۽ ڊگري پروگرامن جي رينڪنگ ۾ بهتري استادن، شعبن جي سربراهن ۽ مددگار عملي جي مسلسل محنت ۽ عزم جو نتيجو آهي، جيڪو يونيورسٽي لاءِ هڪ وڏو اعزاز آهي هن چيو ته بدلجندڙ عالمي صورتحال، ملڪي ۽ عالمي مارڪيٽ جي ضرورتن ۽ خانگي توڙي صنعتي شعبن ۾ وڌندڙ

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 20 آگسٽ 2026ع

چناب تي نوان ڊيم ۽ سنڌ جي پاڻيءَ جو سوال

خبر آهي ته وفاقي حڪومت چناب جي وهڪرن تي چار نوان ڊيم يعني بجلي منصوبا شروع ڪرڻ جي رٿا آٽڻ جي تياري تيز ڪري ڇڏي آهي. اڳاري واري ڏينهن چناب دريا تي چنيوٽ ۾ ڊيم ٺاهڻ جي رٿا تي واپڊا پاران ارسا کي بريفنگ ڏني وئي. چنيوٽ ڊيم جي فزيبلٽي تيار ڪئي وئي آهي، جڏهن ته منصوبي کي ايڪنڪ ۾ منظوريءَ لاءِ پيش ڪرڻ جون تياريون شروع ڪيون ويون آهن. چناب درياهه تي چئن نون ڊيمن ۽ بجلي گهرن جي رٿا سامهون اچڻ فطري طور تي سنڌ اندر ڳڻتي پيدا ڪري رهي آهي. هي معاملو رڳو هڪ نئين منصوبي جو نہ پر ملڪ جي پاڻيءَ جي منصفاڻي ورهاست، صوبن جي حقن ۽ درياهن جي مستقبل سان لاڳاپيل هڪ اهم سوال آهي. ٻڌايو وڃي ٿو ته چناب تي مجموعي طور چار نئين ڊيم ٺاهڻ جي رٿا تيار ڪئي وئي آهي، جن ۾ مڏ رانجها، شاهه جيوڻا، چنيوٽ ۽ وزيرآباد وٽ ڊيم شامل آهن. پهرين مرحلي ۾ چنيوٽ منصوبي کي اڳتي وڌائڻ لاءِ فزيبلٽي تيار ڪئي وئي آهي ۽ ان کي منظوريءَ لاءِ لاڳاپيل فورمن ڏانهن موڪلڻ جون تياريون پڻ ڪيون پيون وڃن. چنيوٽ ڊيم بابت ٻڌايو ويو آهي تہ ان مان 80 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت هوندي، جڏهن تہ باقي ٽن منصوبن مان پڻ مجموعي طور 400 ميگاواٽ بجلي پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي. چئن منصوبن جي مجموعي پاڻي ذخيري بابت چار ملين ايڪڙ فوٽ کان وڌيڪ انگ ٻڌايو پيو وڃي. جيڪڏهن اهي انگ درست آهن تہ پوءِ معاملو رڳو بجلي پيدا ڪرڻ تائين محدود نٿو رهي پر پاڻيءَ جي ذخيرن ۽ درياهن جي قدرتي وهڪري تي ان جا اثر پڻ انتهائي اهم بڻجي وڃن ٿا. سنڌ جو سوال اهو آهي تہ جيڪڏهن چناب سميت مٿين وهڪرن وارن درياهن تي بار بار نوان ذخيرا ٺاهيا ويندا تہ هيٺئين وهڪري ۾ رهندڙ سنڌ کي ان جو حصو ڪهڙي طريقي سان يقيني بڻايو ويندو؟ سنڌ اڳ ئي پاڻيءَ جي کوٽ، سمنڊ ۾ وڌندڙ ڪاراڻ، زمينن جي بنجر ٿيڻ ۽ لکين ايڪڙ زرعي زمين جي پاڻيءَ لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ پاڻيءَ جي هر نئين رٿا کي صرف مٿين وهڪري جي ضرورتن جي بنياد تي ڏسڻ بدران هيٺين وهڪري وارن علائقن جي حقن کي بہ برابر اهميت ڏيڻ ضروري آهي. سنڌ جو موقف ڪنهن بہ صورت ۾ ترقي يا بجلي پيدا ڪرڻ جي مخالفت ناهي. ملڪ کي بجلي گهرجي، پاڻيءَ جا ذخيرا بہ گهرجن ۽ معاشي ترقي پڻ ضروري آهي پر ترقي اهڙي هئڻ گهرجي، جيڪا ڪنهن هڪ صوبي جي فائدي لاءِ ٻئي صوبي جي پاڻيءَ جي حق کي متاثر نہ ڪري. جيڪڏهن بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ اهڙا منصوبا جوڙيا وڃن، جن جا منفي اثر هيٺين وهڪري تي پون تہ پوءِ انهن منصوبن بابت شفاف ۽ گڏيل قومي اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ لازمي آهي. خاص طور تي ان وقت، جڏهن سنڌ ۽ وفاق وچ ۾ ڪينالن واري معاملي تي اعتماد جو بحران موجود آهي. نوان ڊيم ۽ پاڻيءَ جا وڏا ذخيرا ٺاهڻ جون رٿائون صورتحال کي وڌيڪ حساس بڻائي سگهن ٿيون. سنڌ جو بنيادي مطالبو اهو هجڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ اهڙي منصوبي تي اڳتي وڌڻ کان اڳ صوبن کي اعتماد ۾ ورتو وڃي. ارسا جي قانوني ۽ آئيني دائري اندر مڪمل جاچ ڪئي وڃي ۽ پاڻيءَ جي دستيابي، ماحولياتي اثرن ۽ هيٺين وهڪري جي ضرورتن جو جامع جائزو ورتو وڃي. ڇو تہ ماهرن جو خدشو آهي تہ چناب تي نوان ڊيم ٺهڻ سان سنڌو درياهه جي وهڪرن تي اثر پئجي سگهي ٿو ۽ خاص طور خريف جي موسم ۾ سنڌ کي اڳ ئي درپيش پاڻيءَ جي کوٽ وڌيڪ سنگين ٿي سگهي ٿي. سنڌ لاءِ خريف جو پاڻي انتهائي اهم آهي، ڇاڪاڻ تہ ان جو وڏو حصو زرعي پيداوار، خاص طور ڪپهه، چانور، ڪمند ۽ ٻين فصلن سان لاڳاپيل آهي. پاڻي گهٽ ٿيندو تہ صرف فصل متاثر نہ ٿيندا پر هاري، زرعي مزدور، مالوند ماڻهو ۽ مجموعي طور سنڌ جي معيشت بہ متاثر ٿيندي. تنهنڪري وقت اچي ويو آهي تہ پاڻيءَ جي معاملن کي سياسي نعريبازي بدران مستقل قومي پاليسيءَ تحت حل ڪيو وڃي. سنڌ کي پنهنجي حصي جي پاڻيءَ لاءِ هر ڀيري احتجاج ۽ جدوجهد ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ بدران اهڙو نظام قائم ڪيو وڃي، جنهن ۾ صوبن جو اعتماد بحال هجي ۽ هر نئين منصوبي کان اڳ ان جا اثر سڀني صوبن جي سامهون رکيا وڃن. سنڌو درياهه سنڌ جي ساهه جيان آهي. ان جي وهڪرن کي متاثر ڪندڙ هر منصوبي بابت سنڌ کي اعتماد ۾ وٺڻ، ان جي آئيني ۽ قانوني حقن جو تحفظ ڪرڻ ۽ پاڻيءَ جي منصفاڻي ورهاست کي يقيني بڻائڻ وفاق جي ذميواري آهي. جيڪڏهن واقعي قومي ترقي مقصد آهي تہ پوءِ ان جو بنياد بہ قومي اتفاق، صوبائي حقن جي احترام ۽ پاڻيءَ جي انصاف تي رکڻو پوندو.

فيس ريڪگنيشن سان تدريسي معيار ڪيئن بهتر ٿيندو؟

محمد اسلم سميجو

(حصو ٻيو ۽ آخري)

ٽيڪنالاجي سان گڏ انصاف بہ ضروري: حاضري ۽ پگهار جي نظام کي ڳنڍڻ سان وقت جي پابندي ۽ جوابدهي ۾ واڌ اچي سگهي ٿي پر اهڙي نظام سان گڏ انصاف جو اصول پڻ لازمي هجڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن استاد جي حاضري نيٽ ورڪ، GPS، موبائل فون يا ڪنهن فني خرابي سبب رڪارڊ نہ ٿئي تہ ڪيس بنا تحقيق جي غيرحاضر قرار ڏيڻ مناسب نہ هوندو اهڙين حالتن لاءِ Appeal، Verification ۽ Correction Mechanism هجڻ گهرجي. ٽيڪنالاجي جو مقصد ملازمن کي غيرضروري طور سزا ڏيڻ نہ پر نظام کي شفاف، منظم ۽ جوابده بڻائڻ هجڻ گهرجي.

اصل سوال: استاد موجود آهي پر شاگرد ڇا سکي رهيو آهي؟

هڪ استاد روزانو اسڪول اچي ٿو وقت تي حاضري لڳائي ٿو ۽ ڪيترائي ڪلاڪ اسڪول ۾ موجود رهي ٿو پر جيڪڏهن ڪلاس روم ۾ مؤثر تدريس نہ ٿي رهي هجي تہ ڇا اسان چئي سگهون ٿا تہ تعليم جو معيار بهتر ٿي ويو؟ هرگز نہ. استاد جي موجودگي تعليم جي شروعات آهي پر معياري تعليم جي ضمانت نہ آهي.

اصل ڪاميابي تڏهن ٿيندي، جڏهن شاگرد پڙهڻ، لکڻ، حساب ڪرڻ، سوچڻ، سوال ڪرڻ ۽ مسئلا حل ڪرڻ جون صلاحيتون حاصل ڪن. ان ڪري تعليمي پاليسي جو مرڪز صرف Teacher Attendance نہ پر Student Learning هجڻ گهرجي. ڪلاس روم مانيٽرنگ بہ ضروري آهي. هاڻي جڏهن استاد جي حاضري کي ڊجيٽل طريقي سان مانيٽر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي تہ ساڳئي انداز ۾ Teaching Quality Monitoring System پڻ متعارف ڪرائڻ گهرجي. مانيٽرنگ دوران اهو ڏسڻ گهرجي تہ: استاد ڪلاس روم ۾ ڇا پڙهائي رهيو آهي؟ شاگرد سبق کي ڪيترو سمجهي رهيا آهن؟ مقرر ڪيل نصاب وقت سر مڪمل ٿي رهيو آهي يا نہ؟ شاگردن جي پڙهڻ لکڻ ۽ حساب جي بنيادي صلاحيت ڪهڙي سطح تي آهي؟ ڪمزور شاگردن لاءِ اضافي مدد جو ڪو نظام آهي يا نہ؟ استاد ڪهڙو تدريس جو طريقو استعمال ڪري رهيو آهي؟ شاگردن جي Learning Outcomes کي ڪيئن ماپيو وڃي ٿو؟ اهي سوال ئي تدريسي معيار کي ماپڻ لاءِ اهم آهن. امتحاني نظام ۾ بہ اصلاح ضروري آهن. تعليمي معيار جي ڳالهہ امتحاني نظام کان سواءِ مڪمل نٿي ٿي سگهي. اسان جي معاشري ۾ امتحانن دوران ڪاپي جو رجحان شاگردن جي حقيقي سکيا لاءِ هڪ وڏو مسئلو آهي. جيڪڏهن شاگرد بغير سمجهڻ ۽ سکڻ جي صرف ڪاپي ذريعي امتحان پاس ڪن ٿا تہ نتيجا شايد سٺا نظر اچن پر حقيقت ۾ تعليمي معيار بهتر نٿو ٿئي. ان ڪري امتحاني نظام کي Learning Outcomes سان ڳنڍڻ گهرجي. اهڙو Assessment System هجڻ گهرجي، جيڪو شاگرد جي يادگيري سان گڏ سندس سمجهہ، تجزياتي صلاحيت، تخليقي سوچ ۽ عملي قابليت کي پڻ جانچي. استادن جي مڪمل سروس کي ڊجيٽل بڻايو وڃي

FRAMES کان اڳتي وڌندي استادن جي مڪمل سروس رڪارڊ کي پڻ هڪ مربوط آن لائن نظام سان ڳنڍڻ گهرجي. استاد جي Joining، Service Record، Seniority، Promotion، Salary، Leave، Retirement، GP Fund ۽ ٻين سروس معاملن کي هڪ ئي ڊجيٽل پليٽ فارم تي آڻڻ سان شفافيت وڌي سگهي ٿي. ان سان استادن کي غيرضروري آفيسن جا چڪر، فائلن جي دير، سفارش ۽ وچولي ماڻهن جي مداخلت کان بہ ڇوٽڪارو ملي سگهي ٿو.

فريمس FRAMES کي حاضري کان سڪيا تائين آڻڻ گهرجي: FRAMES کي صرف Attendance Monitoring System تائين محدود نہ رکڻ گهرجي. مستقبل ۾ هن نظام کي هڪ جامع Education Monitoring and Evaluation System ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو جنهن ۾: Teacher Attendance، Classroom Observation، Curriculum Progress، Student Assessment، Learning Outcomes ۽ School Performance جهڙا اهم شعبا پڻ شامل ڪيا وڃن. ان وقت تعليم کاتي وٽ صرف اهو ڊيٽا نہ هوندو تہ استاد اسڪول ۾ موجود هو يا نہ پر اهو پڻ معلوم ٿي سگهندو تہ استاد جي موجودگيءَ دوران شاگردن ڪيترو سکيو؟

آخري ڳالهہ: فريمس (FRAMES) يقيناً تعليم کاتي جي ڊجيٽل سفر ۾ هڪ مثبت قدم آهي. استاد جي حاضري يقيني بڻائڻ ضروري آهي، ڇو تہ استاد جي غيرحاضري سان تعليم جو عمل متاثر ٿئي ٿو، پر تعليم صرف حاضري جو نالو

يادگار فتح: منهنجي نظر ۾..!

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

هر سال پاڪستاني قوم 14 آگسٽ تي آزاديءَ جو ڏينهن وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائيندي آهي پر هن سال جو آزاديءَ جو ڏينهن پاڪستان جي تاريخ ۾ هڪ غير معمولي ۽ يادگار ڏينهن طور هميشہ لاءِ لکجي ويو آهي وفاقي گاديءَ واري هنڌ ۾ يادگارِ فتح جي افتتاحي تقريب ۾ صدرِ مملڪت آصف علي زرداري، وزيراعظم محمد شهباز شريف، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير، نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار، سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني، قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق، وفاقي وزيرن، صوبائي اڳواڻن ۽ پارليامينٽ جي ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي هن تقريب پاڪستان جي موقف کي واضح ۽ مضبوط نموني دنيا آڏو پيش ڪرڻ جو هڪ اهم موقعو فراهم ڪيو، ميڊيا تي لائيو نشريات دوران بار بار اهو چيو ويو تہ گذريل سال 9 مئي جي واقعن ڪانپوءِ تاريخي ڪاميابيءَ جي پسمنظر ۾ ملڪ جي اعليٰ قيادت، سول انتظاميا ۽ سفارتي نمائندن جي موجودگي آزاديءَ جي تقريب کي قومي يڪجهتي ۽ اتحاد جي هڪ سچي تصوير بڻائي ڇڏيو، عالمي ميڊيا پڻ پنهنجي رپورٽن ۾ اُن ڳالهہ کي نمايان ڪيو تہ يادگارِ فتح جو افتتاح پاڪستان جي 80 سالن جي قومي سفر ۾ هڪ وڏي سنگِ ميل جي حيثيت رکي ٿو هن عمارت جو منفرد ۽ مقصد پرپو نقشو، خوبصورت تعميراتي انداز ۽ قومي جذبي سان ڀريل پسمنظر ان کي پاڪستان جي خودمختياري ۽ آزاديءَ جي زنده نشاني بڻائي ٿو يادگارِ فتح جي افتتاحي تقريب ۾ صدرِ مملڪت آصف علي زرداري جو خطاب قوم جي جذبن ۽ اميدن جو عڪاس هو هن امن استحڪام ۽ قومي عزم کي اجاگر ڪندي چيو تہ هي يادگار شهيدن ۽ غازين جي قربانين جي علامت آهي، جن ملڪ جي حفاظت ۽ سلامتي لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون.

وزيراعظم شهباز شريف جي خطاب جو سڀ کان اهم پهلو اِهو هو تہ هن پاڪستان جي امن پسند سوچ ۽ دفاعي عزم وچ ۾ هڪ واضح توازن رکيو هن صاف لفظن ۾ خبردار ڪيو تہ جيڪڏهن مستقبل ۾ ڪنهن بہ پاڪستان جي خودمختياري يا سلامتي کي للڪارڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ان کي مئي 2025ع کان بہ وڌيڪ طاقت سان جواب ڏنو ويندو هي پيغام دنيا جي وڏين طاقتن لاءِ بلڪل واضح هو تہ پاڪستان امن چاهي ٿو پر پنهنجي آزادي، علائقائي سلامتي ۽ قومي مفادن جي حفاظت تي ڪنهن بہ قسم جو سمجهوتو نہ ڪندو اڄ کان لڳ ڀڳ 80 سال اڳ جڏهن پاڪستان دنيا جي نقشي تي وجود ۾ آيو هو تہ ڪجهه پاڙيسري ملڪن کي اها غلط فهمي هئي تہ پاڪستان شايد ڇهن مهينن کان وڌيڪ بہ قائم نہ رهي سگهندو پر اڄ اٺ ڏهاڪن ڪانپوءِ اِهو ئي پاڪستان پاڻ کي هڪ اهڙي مضبوط طاقت طور مڃرائي چڪو آهي، جو جڏهن بہ ڪنهن پاڪستاني سرزمين ڏانهن خراب نظر سان ڏسڻ جي همت ڪئي، تہ اسان جي بهادر هٿياربند فوجن اڳ کان وڌيڪ مضبوط جواب ڏئي حملي ڪندڙن کي ئي نہ پر سڄي دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو اسان جي اعليٰ قيادت جو اِهو چوڻ تہ پاڪستان هاڻي خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي ضمانت بڻجي چڪو آهي، منهنجي نظر ۾ حقيقت ۾ پاڪستان جي دفاعي سفارتڪاري جي عڪاسي ڪري ٿو اٿون ماضي ۾ بہ مختلف موقعن تي چوندو رهيو آهيان تہ گذريل سال 9 مئي تي اسان جي اوڀر واري سرحدن جي آسمانن ۾ ٿيل هوائي مقابلي ۾ پاڪستان جي وڏي ڪاميابي دنيا جي نظرن ۾ اسان جي حيثيت کي وڌيڪ مضبوط ڪيو ان ڪاميابي جو اثر ايترو ٿيو جو دنيا جي وڏي طاقت آمريڪا جي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جهڙي طاقتور اڳواڻ کي بہ ان جو نوٽيس وٺڻو پيو. دنيا جي مختلف ميڊيا ادارن سان لاڳاپيل تجزيي نگار اُن ڳالهہ تي متفق نظر اچن ٿا تہ فيلڊ مارشل عاصم منير جي قيادت ۾ پاڪستان جي ڪاميابي اڳتي هلي هڪ اهڙو اهم ڪردار ادا ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ آمريڪا ۽ ايران کي هڪ ٽئي ميز تي ويهاري ڳالهين جو رستو کولڻ ۾ مدد ملي.

منهنجي خيال ۾ يادگارِ فتح جي افتتاحي تقريب هن حقيقت کي بہ اجاگر ڪيو آهي تہ پاڪستان جي اصل طاقت قوم جي اتحاد ۽ يڪجهتي ۾ لڪيل آهي سول ۽ فوجي قيادت آزاديءَ جي ڏينهن تي گڏجي هڪ ئي قومي مقصد هيٺ گڏ ٿي اِهو ثابت ڪري ڇڏيو تہ پاڪستان جي سبز هلالي پرچم هيٺ اسان سڀ هڪ آهيون.

اسان اهڙي امن پسند ۽ پراعتماد پاڪستان جا شهري آهيون، جيڪو جنگ جو خواهشمند ناهي، پر پنهنجي دفاع لاءِ هروقت تيار ۽ خبردار رهي ٿو جيڪو دنيا جي مسئلن کي ڳالهين ذريعي حل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري ٿو پر پنهنجي خودمختياري تي ڪنهن بہ قسم جي آڱر کڻڻ جي اجازت نٿو ڏئي. جيڪو خطي ۾ امن ۽ استحڪام چاهي ٿو، پر پنهنجي سرحدن جي حفاظت لاءِ ڀرپور جواب ڏيڻ جي همت ۽ طاقت بہ رکي ٿو منهنجي نظر ۾ يادگارِ فتح اتحاد، قرباني، دفاع، امن، خودمختياري ۽ مستقبل جي تعمير جو هڪ عزم نامو آهي. هي قائداعظم محمد علي جناح رحہ جي ان خواب جو عملي اظهار آهي، جنهن ۾ هن پاڪستان کي هڪ عظيم ۽ مضبوط ملڪ بڻائڻ جي خواهش ڪئي هئي هي ذوالفقار علي ڀٽو جي پاڪستان کي ايٽمي طاقت بڻائڻ واري عزم جي ڪاميابيءَ جي نشاني پڻ آهي. هي فيلڊ مارشل عاصم منير جي قيادت ۾ پاڪ فوج طرفان هڪ طاقتور پاڙيسري جي جارحاڻي ارادن کي ناڪام بڻائڻ جي ڪهاڻي بہ بيان ڪري ٿي. پر افسوس جي ڳالهہ اِها آهي تہ هر سال وانگر هن سال بہ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ قائم پاڪستاني سفارتخانا ۽ سفارتي عملو آزاديءَ جي ڏينهن بابت مونجهاري جو شڪار نظر آيا. سوشل ميڊيا تي سرڪاري اڪائونٽن مان مليل ڄاڻ موجب جيڪڏهن تهران ۽ نيويارڪ ۾ پاڪستاني سفارتخانن 79هين آزاديءَ جي تقريب ملهائي، تہ نئين دهلي ۽ رباط وغيره ۾ پاڪستاني سفارتڪار 80هين آزاديءَ جي تقريبون ملهائيندا نظر آيا. پرڏيهي وزارت طرفان واضح هدايتون نہ هجڻ سبب هر سفارتڪار پنهنجي حساب سان آزاديءَ جي سال جو تعين ڪيو. اهڙي مونجهاري واري صورتحال هڪ ڀيرو ٻيهر سفارتي سطح تي پاڪستان لاءِ شرمندگيءَ جو سبب بڻجي، ڇاڪاڻ تہ دنيا کي اهو تاثر مليو تہ اٺ ڏهاڪا گذرڻ باوجود پاڪستان پنهنجي آزاديءَ جي سال بابت بہ هڪ راءِ تي متفق ناهي. تنهن هوندي بہ مون کي يقين آهي تہ وفاقي گاديءَ واري هنڌ ۾ تعمير ڪيل يادگارِ فتح جلد ئي پاڪستاني قوم جي اتحاد جي علامت بڻجي اڀرندي. هيءَ يادگار هر ايندڙ پرڏيهي مهمان کي اهو پيغام ڏيندي تہ اسان جي وڏڙن آزاديءَ جهڙي عظيم نعمت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيتري وڏي جدوجهد ڪئي، ان آزادي جي حفاظت لاءِ پاڪستان جي بهادر هٿياربند فوجن ڪيتريون وڏيون قربانيون ڏنيون ۽ هاڻي پنهنجي پياري وطن پاڪستان کي وڌيڪ مضبوط، مستحڪم ۽ خوشحال بڻائڻ لاءِ هر محب وطن پاڪستاني کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. منهنجي نظر ۾ هيءَ شاندار يادگار ايندڙ نسلن کي صرف ماضي جي عظيم ڪاميابين جي ڪهاڻي نہ ٻڌائيندي، پر ڪين هڪ روشن ۽ بهتر مستقبل جي تعمير جو رستو بہ ڏيکاريندي.

بزمِ طالب المولىٰ اڪيڊمي: سنڌ جي علم، ادب ۽ ثقافت جو روشن باب!

اياز وگهيو

سنڌ جي سڃاڻپ رڳو ان جي قديم تاريخ، ثقافت، درياهہ ۽ ڌرتيءَ سان نہ پر ان جي علمي، ادبي ۽ صوفي روايتن سان پڻ واڳيل آهي. سنڌ اها سرزمين آهي جتي صدين کان عالمن، صوفين، شاعرن ۽ اديبن پنهنجي فڪر، علم ۽ قلم وسيلي محبت، امن، رواداري ۽ انسانيت جو پيغام عام ڪيو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، سامي ۽ ٻين صوفي شاعرن سنڌ جي روح کي پنهنجي شاعريءَ ۾ بيان ڪيو. انهيءَ شاندار روحاني ۽ علمي روايت کي زنده رکڻ وارن خاندانن ۾ مخدوم خاندان جو نالو وڏي احترام سان ورتو وڃي ٿو مخدوم خاندان جي تاريخ سنڌ جي روحاني علمي ۽ ادبي تاريخ سان گهريءَ ريت ڳنڍيل آهي هالا جي سروري جماعت سنڌ جي صوفي فڪر ۾ هڪ نمايان مقام رکي ٿي هن خاندان جي بزرگن روحاني تربيت سان گڏ علم، اخلاق، انسان دوستي ۽ سماجي ڀلائيءَ کي بہ اهميت ڏني. وقت جي تبديلين سان گڏ هن خاندان پنهنجي روحاني ورثي کي علم، ادب، تعليم ۽ ثقافت سان ڳنڍيل رکيو. جنهن سان سنڌ جي فڪري ۽ ادبي زندگيءَ کي پڻ فائدو پهتو هن شاندار روايت ۾ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جو نالو خاص اهميت رکي ٿو پاڻ هڪ وڏو شاعر، اديب، علم دوست ۽ صوفي فڪر رکندڙ شخصيت هو سندن شاعريءَ ۾ محبت، روحانيت، انسانيت ۽ سنڌي ثقافت جو رنگ نمايان نظر اچي ٿو سندن وڏي خدمت اها هئي تہ پاڻ ادب کي صرف پنهنجي ذاتي تخليق تائين محدود نہ رکيو پر ٻين شاعرن، اديبن ۽ نوجوان قلمڪارن جي حوصلا افزائي پڻ ڪئي انهيءَ فڪري سوچ مان بزمِ طالب المولىٰ هڪ اهم ادبي پليٽ فارم طور اڳتي آيو بزم جو مقصد سنڌي ٻولي ۽ ادب جي واڌ ويجهہ، شاعرن ۽ اديبن جي حوصلا افزائي ادبي محفلن ۽ مشاعرن جو انعقاد ۽ سنڌ جي علمي ادبي ۽ ثقافتي ورثي کي اجاگر ڪرڻ هو بزم جي سرگرمين ڪيترن ئي شاعرن ۽ اديبن کي پنهنجي تخليق پيش ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو ۽ سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ادبي سرگرمين کي هٿي ملي بزمِ طالب المولىٰ جي اهم خصوصيت اها رهي آهي تہ ادب کي سنڌ جي صوفي ۽ ثقافتي روايت کان جدا نہ ڪيو ويو شاعريءَ سان گڏ تصوف، راڳ، موسيقي تاريخ ۽ ثقافت کي پڻ اهميت ڏني وئي سنڌ جي صوفي فڪر جو بنيادي پيغام محبت، رواداري ۽ انسانيت آهي ۽ بزم جي ادبي روايت بہ انهن ئي قدرن کي اڳتي وڌائڻ جو ذريعو ٿي هاڻوڪي دور ۾ بزمِ طالب المولىٰ اڪيڊمي جي اهميت ان ڪري بہ وڌي وئي آهي جو ڪتابن جي اشاعت ۽ علمي مواد کي محفوظ ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي قومن جي فڪري زندگي ڪتابن سان زنده رهندي آهي ڪتاب رڳو ڪاغذ تي لکيل لفظ نہ پر هڪ دور جي سوچ، تاريخ، تحقيق ۽ تجربن جو محفوظ خزانو هوندا آهن ڪتابن جي حفاظت دراصل قوم جي فڪري سڃاڻپ جي حفاظت آهي هن سلسلي ۾ سروري جماعت جي روحاني پيشوا مخدوم جميل الزمان جن جون علمي ادبي ۽ روحاني خدمتون خاص طور تي قابلِ ذڪر آهن پاڻ نہ رڳو هڪ روحاني پيشوا هو پر سنڌي ادب جي دنيا ۾ پڻ هڪ وڏي شاعر ۽ اديب جي حيثيت آهي سندن شاعريءَ ۾ صوفي فڪر، روحانيت، محبت، انسانيت، سنڌ جي ثقافت ۽ سماجي احساسن جا رنگ نمايان نظر اچن ٿا سروري جماعت جي روحاني پيشوا مخدوم جميل الزمان جن جا ڪيترائي علمي ۽ ادبي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن سندن تصنيفون ۽ شاعري سنڌي ادب جي خزاني ۾ قيمتي اضافو آهن سندن قلم مان نڪتل فڪر ۾ روحاني احساس سان گڏ سنڌ جي ڌرتي ماڻهن ٻولي ۽ ثقافت سان محبت پڻ محسوس ٿئي ٿي هڪ شاعر ۽ اديب جي حيثيت سان سندن ادبي سفر مخدوم خاندان جي صدين کان هلندڙ علمي ۽ صوفي روايت جو تسلسل آهي سندن ذاتي ادبي تخليق سان گڏ ڪتابن جي اشاعت ۽ علمي مواد کي محفوظ ڪرڻ لاءِ پڻ خاص دلچسپي قابلِ قدر آهي سروري جماعت جي روحاني پيشوا مخدوم جميل الزمان جن جي خاص محنتن ۽ ڪاوشن سان اٽڪل 60 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن جڏهن تہ ڪيترائي ٻيا ڪتاب پرنٽنگ لاءِ تياري هيٺ آهن اها ڪاوش سنڌ جي علمي ادبي تاريخي ۽ صوفي ورثي کي محفوظ ڪرڻ لاءِ هڪ اهم قدم آهي ڪتاب ڇپائڻ جو عمل رڳو ڇپائيءَ تائين محدود ناهي هوندو، ان جي پويان مواد گڏ ڪرڻ، تحقيق، ترتيب، تصحيح، پروف ريڊنگ ۽ اشاعت جي ڏکيئي محنت شامل هوندي آهي بزمِ طالب المولىٰ اڪيڊمي جهڙن ادارن جو ڪردار انتهائي اهم آهي وڏي ڳالهہ اها آهي تہ اڪيڊمي جي پليٽ فارم تان ادبي سيمينار، مشاعرا، ڪتابن جون رونمائيون، مطالعاتي ويهڪون، صوفي ادب تي مذاڪرا ۽ نوجوان شاعرن ۽ اديبن لاءِ پروگرام وڌيڪ منظم انداز ۾ منعقد ڪيا پيا وڃن اهڙيون سرگرميون نئين نسل ۾ پنهنجي ٻولي، ادب، تاريخ ۽ ثقافت لاءِ محبت پيدا ڪري سگهن ٿيون ان سان گڏ مخدوم خاندان ۽ بزمِ طالب المولىٰ سان لاڳاپيل ناياب ڪتابن، قلمي نسخن، پراڻن رسالن، خطن ۽ تاريخي دستاويزن کي جديد ٽيڪنالاجيءَ وسيلي محفوظ ڪيو پيو وڃي تہ جيئن سنڌ ۽ دنيا جي مختلف حصن ۾ موجود محقق ان علمي خزاني مان فائدو وٺي سگهن بزمِ طالب المولىٰ اڪيڊمي سنڌ جي روحاني روايت ۽ جديد ادبي شعور جي وچ ۾ هڪ اهم پل بڻجي سگهي ٿي هڪ طرف مخدوم خاندان جو صوفي ورثو آهي تہ ٻئي طرف جديد دور ۾ ڪتابن جي اشاعت، تحقيق ۽ ادبي سرگرمين جو سفر آهي سروري جماعت جي روحاني پيشوا مخدوم جميل الزمان جن جي ادبي شخصيت، شاعري ۽ علمي ڪاوشون هن ٻنهي روايتن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن علم جو سفر ڪڏهن ختم نٿو ٿئي ڪتاب ان سفر جا نشان آهن ادب ان جو آواز آهي تصوف ان جو روح آهي ۽ بزمِ طالب المولىٰ اڪيڊمي ان روشن روايت کي اڳتي وڌائڻ جو هڪ خوبصورت نالو آهي

پاڪ-ڀارت امڪاني ٽڪراءَ جو اشارو!

رشيد صافي

پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ هڪ ٻي جنگ جا اشارا ۽ امڪان رد نٿا ڪري سگهجن. امڪاني طور تي اها جنگ پاڪستان طرفان ڀارت جي مسلسل ۽ ناجائز آبي جارحيت خلاف دفاعي قدم هوندي. ان کان اڳ بہ ڀارت هميشہ جارحيت وارو رستو اختيار ڪندو رهيو آهي ۽ هر ڀيري خطي جي امن کي داءَ تي لڳائيندو آيو آهي پر مئي 2025ع جي پاڪ-ڀارت جنگ کان پوءِ پاڪستان جي جيڪا مضبوط ۽ اثرائتي پوزيشن قائم ٿي آهي، ان طاقت جي توازن کي ئي بدلائي ڇڏيو آهي مئي 2025ع جي معرڪي ۾ پاڪستاني هٿياربند فوجن هٿان ڀارتي فوج کي جيڪا سخت شڪست کي منهن ڏيڻو پيو ان مان ثابت ٿيو تہ پاڪستان پنهنجي دفاع کان ڪنهن بہ صورت ۾ غافل ناهي. تنهن هوندي بہ ان شاندار عسڪري ڪاميابيءَ باوجود ڀارت پنهنجي روايتي هٺ ڌرمي برقرار رکي ۽ مسلسل پاڪستان ڏانهن ايندڙ درياهن تي غيرقانوني ڊيم ۽ آبي منصوبا شروع ڪندو رهيو. هن سنگين صورتحال جي ردعمل ۾ پاڪستان جي سول ۽ عسڪري قيادت طرفان ڏنل بيان ان ڳالهہ جي عڪاسي ڪن ٿا تہ پاڪستان ڀارت جي آبي جارحيت ڪنهن بہ قيمت تي قبول نہ ڪندو ۽ پنهنجي وجود جي بقا لاءِ هر حد تائين وڃڻ لاءِ تيار آهي.

حقيقت ۾ پاڪستان عالمي قانونن ۽ اخلاقي اصولن مطابق رڳو آخري مرحلي تائين سمورا سفارتي رستا استعمال ڪرڻ چاهي ٿو، جيئن دنيا تي اها حقيقت واضح ٿي سگهي تہ جنگ اسلام آباد جي چونڊ نہ پر مجبوري هوندي. آبي حقن جي معاملي تي عالمي ثالثي عدالت، گڏيل قومن ۽ ٻين اهم عالمي فورمن تي پاڪستان پنهنجي موقف کي قانوني بنيادن تي پيش ڪندو رهيو آهي. عالمي ثالثي عدالت جي فيصلن ۽ ڪشن گنگا ۽ رتلي جهڙن تڪراري منصوبن بابت قانوني مشاهدن پاڪستان جي موقف کي عالمي سطح تي وڌيڪ مضبوط بڻايو آهي. عالمي برادريءَ آڏو 1960ع ۾ ٿيل سنڌ طاس معاهدي جي حيثيت ۽ ان سان لاڳاپيل قانوني ذميوارين جو معاملو اهم بڻجي چڪو آهي اهڙي صورتحال ۾ جڏهن پاڪستان جو چوڻ آهي تہ ڀارت آبي حقن جي ڀڃڪڙي ڪري رهيو آهي، پاڪستان کي پنهنجي موقف لاءِ عالمي قانوني ۽ سفارتي فورمن تي ڪيس پيش ڪرڻو پوندو. پاڻي پاڪستان جي وجود، زراعت ۽ معيشت سان سڌو سنئون لاڳاپيل آهي، تنهنڪري هن مسئلي کي ڪنهن بہ صورت ۾ معمولي معاملو قرار نٿو ڏئي سگهجي.

ڀارت سان ماضيءَ ۾ جيڪي بہ جنگيون ٿيون آهن، انهن ۾ ٻنهي ملڪن جا پنهنجا پنهنجا موقف رهيا آهن ۽ هر ڌر پاڻ کي دفاع ڪندڙ طور پيش ڪندي رهي آهي ڪيترن ئي موقعن تي عالمي برادريءَ جي سياسي مفادن ۽ محدود ڄاڻ سبب هڪ ڌر جي موقف کي وڌيڪ اهميت ملي. پر اڄ عالمي سياسي صورتحال تبديل ٿي چڪي آهي ڏکڻ ايشيا جي تڪرارن کي هاڻي دنيا وڌيڪ ويجهي نظر سان ڏسي ٿي. تنهنڪري ڪنهن بہ نئين ٽڪراءَ جي صورت ۾ عالمي برادري ٻنهي ملڪن کان تحمل ۽ ذميواريءَ جي اميد رکندي. جيڪڏهن پاڻيءَ جي مسئلي تي پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ ٻيهر عسڪري ٽڪراءُ ٿيو تہ ان جا نتيجا انتهائي خطرناڪ ٿي سگهن ٿا. ٻنهي ملڪن وٽ جديد هٿيار، ميزائل، جنگي جهاز ۽ ايٽمي صلاحيت موجود آهي اهڙي صورتحال ۾ جنگ کي معمولي فوجي مقابلو سمجهڻ وڏي غلطي هوندي. مئي 2025ع جي جنگ ٻنهي ملڪن کي اهو ضرور سيکاريو آهي تہ جديد دور ۾ جنگ جا محاذ رڳو زمين ۽ هوا تائين محدود ناهن رهيا پر سائبر اطلاعاتي ۽ سفارتي محاذ بہ اوترا ئي اهم بڻجي چڪا آهن پاڪستان جي عسڪري قيادت طرفان تازو ڏنل بيانن ۾ بہ پنهنجي دفاعي تيارين ۽ صلاحيتن بابت واضح پيغام ڏنو ويو آهي. پاڪستان پنهنجي دفاعي نظام کي جديد بڻائڻ، جديد ٽيڪنالاجي حاصل ڪرڻ ۽ مختلف شعبن ۾ پنهنجي عسڪري صلاحيت وڌائڻ تي ڌيان ڏنو آهي. چين سان دفاعي سهڪار پاڪستان جي دفاعي صلاحيتن ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. جڏهن تہ ٻين دوست ملڪن سان دفاعي ۽ سفارتي لاڳاپا بہ پاڪستان جي مجموعي اسٽريٽجڪ حيثيت تي اثرانداز ٿين ٿا.

پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ ڪنهن بہ امڪاني جنگ جي صورت ۾ عالمي سفارتڪاريءَ جو ڪردار انتهائي اهم هوندو. چين پاڪستان جو اهم دوست آهي. جڏهن تہ آمريڪا، يورپي ملڪن، نار ملڪن ۽ ٻين عالمي طاقتن لاءِ بہ ڏکڻ ايشيا ۾ امن اهميت رکي ٿو. ان ڪري پاڪستان لاءِ ضروري آهي تہ هو پنهنجي موقف کي سفارتي، قانوني ۽ سياسي بنيادن تي دنيا آڏو واضح ڪري ۽ هر ممڪن ڪوشش ڪري تہ مسئلو جنگ بدران ڳالهين ۽ عالمي قانون ذريعي حل ٿئي. پاڻيءَ جو مسئلو يقيناً پاڪستان لاءِ زندگي ۽ موت جو سوال آهي پر ان جو حل صرف جنگ ذريعي ڳولڻ دانشمندي نہ هوندي. پاڪستان کي عالمي ادارن، عالمي عدالتن، سفارتي فورمن ۽ ٻن طرفن ڳالهين ذريعي پنهنجي حق لاءِ مضبوط جدوجهد جاري رکڻ گهرجي. ساڳئي وقت ملڪ اندر پاڻيءَ جي ذخيرن، آبپاشيءَ جي نظام، پاڻيءَ جي بچت ۽ جديد زرعي طريقن تي بہ سنجيدگيءَ سان ڪم ڪرڻ ضروري آهي.

پاڪستان ۽ ڀارت ٻئي ايٽمي ملڪ آهن. ڪنهن بہ جنگ جي شروعات تہ شايد هڪ فيصلي سان ٿي سگهي ٿي پر ان جا نتيجا ڪنهن جي ڪنٽرول ۾ نہ رهندا. تنهنڪري قومي سلامتيءَ جو تقاضو اهو آهي تہ ملڪ پنهنجي دفاع لاءِ مڪمل طور تي تيار هجي پر جنگ کي پهريون رستو نہ بڻائي. طاقت جو اصل مطلب صرف هٿيارن جو هجڻ نہ پر طاقت سان گڏ تحمل، سفارتڪاري، قانوني دليل ۽ سياسي بصيرت جو هجڻ پڻ آهي. اڄ پاڪستان لاءِ سڀ کان اهم ضرورت اها آهي تہ هو پنهنجي آبي حقن جو ڀرپور دفاع ڪري، عالمي قانون کي بنياد بڻائي، دنيا کي پنهنجي موقف کان آگاهہ ڪري ۽ ڀارت سان هر تڪرار کي جنگ جي بدران ڳالهين ۽ قانوني ذريعن سان حل ڪرڻ جي آخري حد تائين ڪوشش ڪري. جيڪڏهن ڪڏهن جنگ مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي تہ پاڪستان کي پنهنجي دفاع جي مڪمل صلاحيت ضرور استعمال ڪرڻي پوندي پر امن جو دروازو هر وقت کليل رکڻ گهرجي. ڇو تہ سنڌو درياهہ رڳو پاڻيءَ جو وهڪرو ناهي، اهو پاڪستان جي زراعت، معيشت ۽ لکين ماڻهن جي زندگيءَ جو سهارو آهي ان جي تحفظ لاءِ مضبوط قومي پاليسي، دانشمندانہ سفارتڪاري ۽ عالمي قانون تي ٻڌل جدوجهد ئي اهو رستو آهي، جيڪو پاڪستان کي پنهنجي حقن جي حفاظت سان گڏ خطي کي هڪ ٻي تباهيءَ واري جنگ کان بہ بچائي سگهي ٿو.

لطيفي لات ــــــ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي

هُنَ تَارِي کِي سَامُهَان، هُنَ تَارِي جِي لَامَ،
سَڄَڻَ مُون کِي مُوڪِلِئَا، سُهڻِي ڪَاڄ سَلامَ،
هُوتَ مَ ڀَڄِجُ هَامَ، ٻَڌِيَئِي جَا ٻَولَ ڪَري.

اونداهي رات جو جڏهن آسمان تي چنڊ بہ ناهي هوندو تہ ان مهل ستارن جي ئي جڳمڳاهٽ هوندي آهي اهڙي مهل تي لطيف سائين کي پنهنجا پرين ياد پون ٿا ۽ هو انهن جي ماڳ کي جتي هو رهندڙ آهن ستارن جي ڏِسَ مدد وسيلي ڳوليندي آسماني تارن ڏانهن واجهائيندي ٻڌائي ٿو تہ هُن تاري جي هيٺان ۽ او هو جيڪو پريرو، آخري چيڙهي وارو تارو نظر جي ٿو ان جي ٺي لام وٽ منهنجي سڄڻن جي رهائش آهي ان ڪانسواءِ سڄڻن پرينِ مون ڏانهن هي جيڪي خير سلامتي وارا اهڃاڻي (مصري، ايلاچون ۽ ٻيون شيون وغيره) سلام ڏاڍي شاندار نموني يا انداز ۾ موڪليا آهن تن مون کي ڏاڍو خوش ڪري ڇڏيو آهي پر بيت جي آخري سٽ ۾ مخالفن دشمنن جي نفسياتي حربن ۽ چالن کان پنهنجي محبوب کي خبردار ڪندي چيئيس ٿو تہ ليِ منهنجا هوت، ليِ منهنجي سر جا سائين ليِ منهنجا سڄڻ هڪ ڳالهہ ياد رکجانءِ متان اها هام ٽوڙڻي وڃهين متان ان وڏيءَ دعويٰ سان ڪيل واعدي تان ڪيل قول اقرار تان ڦري وڃين جيڪو مون سان وچن ڪيل اٿئي يعني توڙ نڀائڻ جو ۽ متان مون کي خلق ۾ ميهڻي حاب ڪري وڃهين ڇو تہ ڪميڻي ذهن وارن کان ڪا چڱائيءَ جي اميد ناهي رکي سگهبي

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اڄوڪو ڏينهن ..... 20 آگسٽ

مدد علي قادري

اڄ نامور تعليمي ماهر ۽ عالم پروفيسر مدد علي قادريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن 20 آگسٽ 1933ع ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ ڳڙهي قادريءَ ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو هن گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي اي ۽ ايم اي (عربي) جون سندون حاصل ڪيون. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪيڊٽ ڪاليج ميرپور خاص ۾ ليڪچرار طور ڪئي. ان بعد گورنمينٽ ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. هن 1960ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي عربي شعبي ۾ پڙهائڻ شروع ڪيو. پاڻ لڳ ڀڳ 30 سال انهيءَ شعبي ۾ پروفيسر ۽ چيئرمين طور ذميداريون سنڀاليون. هي پهريون سنڌي استاد هو. جنهن 1964ع ۾ عربي ٻوليءَ ۾ پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪئي. هن جيڪي ڪتاب لکيا، تن ۾ "حيات محمد بن عبدالوهاب" ۽ "عربي ۽ سنڌي ٻولين جو لغوي ڳانڍاپو" شامل آهن. هن 6 نومبر 2013ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

حضور بخش حقير رند

هن مشهور عوامي شاعر ۽ سماجي اڳواڻ جو جنم 20 آگسٽ 1966ع تي ڳوٺ سهجو رند، تعلقي شهدادپور ضلعي سانگهڙ ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي ۽ اڳتي هلي ايل ايل بي ۽ ايم اي جون سندون حاصل ڪيائين. هُو پنهنجي سماجي ڀلائيءَ جي ڪمن جي ڪري پنهنجي راڄ ۾ گهڻو مقبول آهي. هن "مهراڻ بلڊ بينڪ" قائم ڪئي ۽ شاهپور چاڪر جي اسپورٽس ڪلب جي سرپرستي ڪندو رهيو آهي. هو هڪ مقبول عوامي شاعر

ڊاڪٽر شازيہ پتافي

اڄ نامور ليکڪا شازيہ پتافي پنهنجي سالگرهہ ملهائي رهي آهي. هن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1981ع ۾ خيرپور ميرس ضلعي جي ڳوٺ رسول بخش پتافيءَ ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو ديدار حسين پتافي آهي.

هن مئٽرڪ ۽ ٻارهين ڪلاس جا امتحان سوڀي ديري مان پاس ڪيا. ان بعد بي اي (آنرس) ۽ ايم اي جون سندون ڪراچي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون. هن 2014ع ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جو لسانياتي جائزو' جي عنوان تي ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽر فهميده حسين جي نگرانيءَ ۾ پي ايڇ ڊي ڪئي آهي. ڊاڪٽر پتافيءَ پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات 2006ع ۾ وفاقي اردو يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار طور ڪئي ۽ 2009ع کان سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي سان سلهاڙيل آهي. پاڻ ڪينجهر رسالي جي سب ايڊيٽر پڻ آهي. هن جا مختلف موضوعن تي لکيل ادبي مضمون ۽ مقالا سنڌ جي ساک وارن ادبي رسالن ۾ ڇپجندا رهيا آهن. سندس ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر نويسيءَ جي ارتقا" سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 2009ع ۾ ڇپجي چڪو آهي.

پير حزب الله شاهہ مسڪين

پير حزب الله شاهہ مسڪين پيرپاڳارن جي خاندان جو برگزيدهہ بزرگ، گادي نشين ۽ قادرالڪلام شاعر هو. سندن ولادت 18 شوال 1258 هہ ۾ پيرڳوٺ ضلعي خيرپور ميرس ۾ ٿي. اڃا پنجن سالن جو معصوم ٻارڙو هو جو سندس والد پير علي گوهر شاهہ اول بنگلي ڌڻيءَ هي جهان ڇڏيو انهيءَ ننڍڙي ڄمار ۾ ئي ڪيس پيرپاڳارن

انهيءَ دوري کان پوءِ پيرپاڳارن جي گاديءَ جي مريدن جو تعداد گهڻو وڌي ويو. سنڌي ادبي دنيا ۾ کيس هڪ صاحب ديوان شاعر طور ياد ڪيو وڃي ٿو شاعريءَ ۾ سندس تخلص مسڪين هو سندس وفات 4 محرم 1308هہ مطابق 20 آگسٽ 1890ع ۾ ٿي.

مختيار اثر

حسن علي آفندي

حسن علي آفنديءَ جو نالو سنڌ واسين لاءِ ڪنهن بہ تعارف جو محتاج ناهي. هن جون سنڌ ۾ تعليم جي واڌاري لاءِ ڪيل ڪاوشون تاريخ ۾ سونهري اکرن ۾ لکڻ جهڙيون آهن. هن املهہ انسان جو جنم 14 آگسٽ 1830ع تي حيدرآباد جي آخوند ميمڻ خاندان ۾ ٿيو. ڪجهہ حوالن مطابق سندس جنم هالا ۾ ٿيو پر تعليم حيدرآباد ۾ حاصل ڪيائين سندس وڏا هالا جا رهواسي هئا. ان وقت جي دستور مطابق عربيءَ ۽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي ابتدا نوشهري فيروز جي ڊپٽي ڪليڪٽر جي آفيس ۾ ڪلارڪ طور ڪيائين. 1860ع واري ڏهاڪي دوران هن انڊس فلوٽيلا نالي جهازرانيءَ جي هڪ ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. هڪ ڀيرو هڪ انگريز جج انهيءَ ڪمپنيءَ جي هڪ جهاز ۾ سنڌو نديءَ ۾ سفر ڪيو. انهيءَ جج ڏٺو تہ هڪ نوجوان جهاز جي جهڪي روشنيءَ ۾ انگريزي ٻوليءَ ۾ لکيل هڪ ڪتاب پڙهي رهيو هو. اهو نوجوان حسن علي آفندي هو. جج ايترو تہ متاثر ٿيو جو هن حسين عليءَ کي ڪراچيءَ ۾ مترجم طور نوڪري وٺي ڏني. ڪراچيءَ ۾ انهيءَ جج کيس وڪالت ڪرڻ جي بہ اجازت ڏني جيتوڻيڪ هن وڪالت جي ڪا سند حاصل نہ ڪئي هئي. حسن علي آفنديءَ سنڌ جي مسلمانن



وچ ۾ هلندڙ جنگ دوران هن سڄي هندستان مان چندو ڪري ترڪي حڪومت جي مالي مدد ڪئي. انهيءَ مدد کي مڃتا ڏيندي ترڪي حڪومت کيس "ترڪي قونصل" ۽ "آفندي" جو خطاب ڏنو هن 20 آگسٽ 1895ع تي هن دنيا مان موڪلايو.

ارباب الهجڙيو

ارباب الهجڙيو پنهنجي دور جو مشهور سياستدان، راڄ جو چڱو مڙس ۽ خداترس انسان هو هن جو جنم 1862ع ڌاري ڏيپلي تعلقي جي مشهور ڳوٺ ڪيتلاريءَ ۾ ارباب مٺا خان جي گهر ۾ ٿيو. هن 1895ع ڌاري سياست ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو هن آل انڊيا مسلم ليگ، خلافت تحريڪ ۽ خاڪسار تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو. البتہ عمر جي پوئين حصي ۾ سياست کان ڪِنارهہ ڪَشي اختيار ڪري دين جي تبليغ تي ڌيان ڏنائين. هن 1929ع ڌاري ستارآباد ۾ هڪ وڏو ديني مدرسو قائم ڪيو. جنهن ۾ ديني تعليم ڏيڻ سان گڏ فارسي ۽ عربيءَ جي تعليم جو بہ جوڳو انتظام هو. انهيءَ مدرسي جو سمورو خرچ پاڻ پريندو هو هن مولوي احمد ملاح جي قرآن مجيد جو منظوم ترجمون پنهنجي خرچ تي ڇپرائي مفت ۾ ورهايو. اها يقينن هن جي وڏي ديني خدمت هئي. هن 20 آگسٽ 1988ع تي هن فاني دنيا مان موڪلايو.

امير حيدر شاهہ

امير حيدر شاهہ سنڌ جي قوم پرست اڳواڻ سائين جي ايم سيد جو وڏو فرزند هو هُو 1933ع ۾ سن ۾ تولد ٿيو هن ابتدائي تعليم سن ۾ ئي حاصل ڪئي ۽ ان بعد علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي نگرانيءَ ۾ ڪراچيءَ ۾ پڙهيو ان بعد وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ انگلينڊ روانو ٿي ويو انگلينڊ مان واپسيءَ تي پنهنجون زمينون سنڀالڻ شروع ڪيائين ۽ سماجي ۽ سياسي سرگرمين

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
(روبرو جناب عاشق علي)
فيملي سوٽ نمبر 73 سال 2026

مسمات اميدان ڌيءُ عزيز الله چانڊيو رهندڙ ڳوٺ علي مراد چانڊيو تعلقو ڪي اين شاهه .. پلينٽف بخلاف محمد خان ولد خميسو چانڊيو ويٺل ماروي ڪالوني دادو تعلقو ضلعو دادو. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته2026-08-22 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان
ايگزيڪيوشن سوٽ نمبر 02 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 47 سال 2025

مسمات بيبي ڌيءُ علي بخش ذات چانڊيو رهندڙ سڄل آباد ڪالوني ٽنڊو محمد خان .. پلينٽف بخلاف گل حسن ولد علي بخش ذات چانڊيو رهندڙ صاحب خان ميراڻي ضلعو ٽنڊو محمد خان. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي ايگزيڪيوشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته2026-08-20 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ڪوٽ غلام محمد
ايگزيڪيوشن سوٽ نمبر سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 22 سال 2026

شريمتي ڏائي ڌيءُ لڇمڻ ذات ڪولهي رهندڙ ديهه 333 تعلقو ڪوٽ غلام محمد .. پلينٽف بخلاف گلجي ولد مانجي هندو بالغ رهندڙ پوڙهو لغاري 10 ميل موري تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي ايگزيڪيوشن آف ڊڪري لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته2026-08-24 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات فوزيه .. پلينٽف بخلاف .. نذير احمد مستوئي ولد محبوب علي مستوئي رهندڙ گرانڊ سٽي جوهي موڙ ضلعو دادو 03222762486. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته2026-08-29 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج مورو
(روبرو جناب جميل مصطفيٰ انصاري)
فيملي سوٽ نمبر88 سال 2026

مسمات رضيه ڌيءُ خادم حسين ذات زرداري رهندڙ ڳوٺ مڪراڻي تعلقو مورو .. پلينٽف بخلاف .. دل جان ولد مراد ذات زرداري رهندڙ ڳوٺ مڪراڻي تعلقو مورو ضلعو نوشهرو فيروز ..ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ ڏاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته2026-08-20 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج مورو

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج جي ايم II ميرپورخاص
(روبرو جناب آصف علي)
فيملي سوٽ نمبر44 سال 2026

مسمات الماس ڌيءُ عبدالسلام ذات لاشاري رهندڙ ڳوٺ شاهه بخش لاشاري تعلقو سنڌڙي .. پلينٽف بخلاف .. غلام مصطفيٰ ولد حاجي محمد اسلم ذات لاشاري رهندڙ ڳوٺ شاهه بخش لاشاري ..ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس ٽوڙائڻ دستاورين جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته2026-08-24 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج جي ايم II ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 370 سال 2026

مسمات زرمينا ڌيءُ شير محمد رهندڙ وي آئي پي روڊ پنگوار ڪالوني نوابشاهه .. پلينٽف بخلاف شاهنواز ولد محمد نياز سومرو رهندڙ مورو بائي پاس تعلقو مورو سيل نمبر 03060334496.....ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس ۽ حق مهر لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته2026 -08-22 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج IV ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات گلزادي ڌيءُ صاحب ڏنو ذات ترڪ مسلم بالغ رهندڙ غريب آباد ڪچي آبادي نصرپور تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار (2) نعمت ولد محمد ابراهيم عمر 06 سال مائنر (3) عبدالحسيب ولد محمد ابراهيم عمر 04 سال مائنر معرفت ماءُ.....پلينٽف..بخلاف.. محمد ابراهيم ولد گل محمد مسلم بالغ ذات ترڪ رهندڙ مصري شاهه پاڙو نصرپور تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار واٽس اپ نمبر 03110032836..ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته2026 -08-22 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج IV ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ڄامشورو
(روبرو جناب عمران)
ايف سي سوٽ نمبر 93سال 2026

خير محمد ولد محمد حيات ذات بروهي رهندڙ ڳوٺ بروهي بشراج ڪالوني بي او ڄامشورو ضلعو ڄامشورو.....پلينٽف..بخلاف.. (1) چيئرمين نادرا اسلام آباد (2) انچارج/ مينيجر نادرا ڪوٽڙي (3) سيڪريٽري انٽيريئر اسلام آباد (4) ارسلان دستگير سيڪريٽري ٽائون ڪاميٽي ڄامشورو (5) جنرل پبلڪ..ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته2026 -08-28 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول جج ڄامشورو

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار محمد رمضان ولد محمد ابراهيم رهندڙ حسين آباد ڪالوني سڪرنڊ اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي احسن رمضان ولد محمد رمضان تاريخ 05-11-2013 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 4 to4،34/1 33/1 بيا مان ٺهيل پلاٽ نمبر 155 ايراضي 1350 چورس فوٽ ديهه هٽڙي تپو هٽڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جا فوتي کاتي تبديل ڪري ڏنا وڃن فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي (1) محمد رمضان (پيءُ) (2) مسمات زينب (والده) جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڻڪا مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري، معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندي

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ فيملي جج هالا
فيملي سوٽ نمبر 24 سال 2026

مسمات بشرا ڌيءُ گل حسن ذات ميمڻ رهندڙ شيخ محلو پٽ شاهه تعلقو هالا ضلعو مٽياري .. پلينٽف بخلاف .. فراز علي شاهه ولد سيد غلام محمد ذات سيد رهندڙ بي او ڪوٽ مير محمد تعلقو ڪنگري ضلعو خيرپورميرس. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته2026-08-27 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ فيملي جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سول/فيملي جج ڪنري
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات اقرا زال مريد عباس ڌيءُ محمد رفيق ذات آرائين رهندڙ ڳوٺ پڪو مورو تعلقو ڪنري .. پلينٽف بخلاف .. مريد عباس ولد محمد سرور ذات آرائين رهندڙ ڳوٺ پراڻي ڪنري ضلعو عمرڪوٽ.ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ جهيز جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته2026-08-21 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول/فيملي جج ڪنري

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 184 سال 2026

مسمات مهوش ڌيءُ سڪندر علي پلهه رهندڙ مهراڻ ڪالوني نوابشاهه .. پلينٽف بخلاف .. عبدالغفور ولد عبدالغني پلهه رهندڙ ڳوٺ سائين ڏتل رند بي او تعلقو ڪنڊيارو ضلعو نوشهروفيروز.....ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ، مينٽيننس، ڏاوري ۽ جهيز جي واپسي، رڪوري ميڊيڪل لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته2026-08-20 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 249 سال 2026

مسمات سعيده بروهي ڌيءُ غلام نبي بروهي رهندڙ ڊاڪٽر ڪالوني نوابشاهه .. پلينٽف بخلاف .. شوڪت بروهي ولد غلام حيدر بروهي رهندڙ ڳوٺ ڏيناري نزد پي ايڇ او آفيس نوابشاهه.....ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ، لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته2026-08-25 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 297 سال 2026

مسمات ثانيه ڌيءُ الله بخش سيال رهندڙ اسٽريٽ نمبر 13 جمشيد ڪالوني نوابشاهه .. پلينٽف بخلاف ضمير حسين ولد محمد شريف سيال رهندڙ ڳوٺ رمضان سيال نزد شاهپورچاڪر تعلقو شهدادپور.....ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته2026 -08-21 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 107 سال 2026

شريمتي چندا ڌيءُ اجمل ڀيل رهندڙ تعلقو سڪرنڊ .. پلينٽف بخلاف سڄڻ ولد پيو ڀيل رهندڙ جتيا پاڙو سانگهڙ اسٽاپ نزد پوليس ٽريننگ سينٽر شهدادپور ضلعو سانگهڙ 03032376928.....ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس ۽ جهيز جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته2026 -08-21 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
گارڊين سوٽ نمبر 24 سال 2026

مسمات صاحبزادي زال صدام حسين رهندڙ اصغر ڪالوني سڪرنڊ .. اپليڪينٽ بخلاف صدام حسين ولد شير محمد رند رهندڙ اصغر ڪالوني سڪرنڊ.....اپونٽس

مٿين اپونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين اپليڪينٽ گارڊين درخواست ڪئي آهي صغيرن نالي اسرار علي عمر 12 سال جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته2026 -08-22 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 68 سال 2026

مسمات رخسانه زال حاجن خان لنڊ رهندڙ ڳوٺ صاحب خان لنڊ تعلقو سڪرنڊ .. پلينٽف بخلاف حاجي ولد علي انور لنڊ رهندڙ ڳوٺ صاحب خان لنڊ تعلقو سڪرنڊ .....ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته2026 -08-21 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II دوڙ
گارڊين سوٽ نمبر 25 سال 2026

مسمات بشر بيواهه رياض علي رهندڙ وارڊ نمبر 05 علي آباد دوڙ .. اپليڪينٽ بخلاف (1) مسمات عذرا ڌيءُ رياض علي (2) شيراز علي ولد رياض علي (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج .....اپونٽس

مٿين اپونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين اپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،25،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته2026 -08-20 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II دوڙ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II دوڙ
گارڊين سوٽ نمبر 26 سال 2026

مسمات زليخان بيواهه خادم حسين رهندڙ وارڊ نمبر 5 علي آباد دوڙ .. اپليڪينٽ بخلاف (1) مسمات ڪلثوم (2) غلام مرتضيٰ (3) سائره (4) مسمات رضوانه سڀ پٽ ڌيئرون خادم حسين رهندڙ وارڊ نمبر 5 علي آباد دوڙ (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج .....اپونٽس

مٿين اپونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين اپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،25،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته2026 -08-20 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II دوڙ

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي محمد حسن ولد محمد عرس ويٺل مير محمد جهيجو تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس ڀاءُ نالي محمد شريف ولد محمد عرس جيڪو تاريخ 2024-12-23 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديهه ڪهڪي تپو نوبت مري تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) غلام رسول ولد محمد شريف (پٽ) (2) غلام سرور ولد محمد شريف (پٽ) (3) مسمات هدايت خاتون (بيواهه) درخواستگذار جو وڪيل چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس والد ۽ والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) گلشير ولد محمد زمان جهيجو (2) زمان ولد تاج محمد جهيجو جن مير محمد جهيجو ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن آشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي محمد حسن ولد محمد عرس ويٺل مير محمد جهيجو تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي محمد عرس ولد محمد شريف جيڪو تاريخ 2023-06-10 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديهه ڪهڪي تپو نوبت مري تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) محمد حسن جهيجو(پٽ) (2) محمد قاسم جهيجو (پٽ) (3) محمد شريف جهيجو (پٽ)(4) فاطمه جهيجو درخواستگذار جو وڪيل چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس گهرواري، والد، والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) گلشير ولد محمد زمان جهيجو (2) زمان ولد تاج محمد جهيجو جن مير محمد جهيجو ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن آشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي ميرعلودرخرم ٽالپر ولد مير الهه بخش ويٺل ٽنڊو ڄام اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي مير الهه بخش ٽالپر ولد مير محمد علي خان جيڪو تاريخ 2026-05-21 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديهه مبارڪ واهه تپو نوبت مري تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) ميرعلودرخرم ٽالپر (پٽ) (2) بيبي صنوبر ٽالپر (نياڻي) (3) مير محمد علي ٽالپر (پٽ) (4) مير غلام علي ٽالپر (پٽ) (5 مير عامر ٽالپر (پٽ) (6) بيبي فرزانه ٽالپر (بيواهه) درخواستگذار جو وڪيل چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس گهرواري، والد، والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) مير عطاءِ حسين ولد ميرشاهنواز (2) جهانزيب خان ولد شرافت علي جن ٽنڊو ڄام ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن آشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار تعلقو مٽياري

بقايا 1 ”روزاني عبرت“

ڪي روڊ سان گڏ پاڻي نيڪال ڪرڻ لاءِ نالي به ٺهرائي ڏني وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 2 ”روزاني عبرت“

اي اينٽي مني لانڊرنگ سکر سرڪل طرفان داخل ڪيل ڪيس ۾ اڳوڻي ايس ايس پي سانگهڙ عابد علي بلوچ، اڳوڻي جونيئر ڪلارڪ غلام سرور جعفري ۽ پوليس ڪانسٽيبل ممتاز علي کي نامزد ڪيو ويو آهي ڪيس جي متن موجب اسمگلنگ مان حاصل ڪيل رقم سان 100 ايڪڙ زرعي زمين خريد ڪري پوليس ڪانسٽيبل ممتاز علي جي نالي تي رجسٽرڊ ڪرائي وئي، جنهن جو اصل مالڪ اڳوڻو ايس ايس پي عابد بلوچ هو سانگهڙ ۾ 100 ايڪڙ زمين جي موجوده مارڪيٽ قيمت تقريباً 8 ڪروڙ رپيا ٻڌائي وڃي ٿي ڪيس ۾ غلام سرور جعفري تي زمين جي خريداري ۾ مبينا سهولتڪاري، جڏهن ته ٻين جوابدارن تي ملڪيت ٽئين شخص جي نالي تي رکي اصل مالڪي لڪائڻ جو الزام لڳايو ويو آهي ايف آءِ آر ذريعن موجب وڌيڪ جاچ دوران ٻين سهولتڪارن ۽ فائدو حاصل ڪندڙن جو ڪردار سامهون اچڻ تي ڪارروائي جو امڪان آهي آخري اطلاعن تائين ڪنهن به جوابدار جي گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي هئي

بقايا 3 ”روزاني عبرت“

عورتن احتجاج ڪندي ٻڌايو ته پيسو باڪڙي سان گڏيل ڪاروبار ڪندڙ آهيون جنهن کان ڪاروباري 15 لک رپيا رقم واپس گهرڻ تان پيسو باڪڙي متن ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائي اسان جي هڪ ڀاءُ کي گرفتار ڪرائي ڇڏيو آهي هنن الزام هڻندي چيو ته بااثر ساٿين جي پٺڀرائي حاصل هجڻ ڪري پيسو باڪڙي کين رقم تان هٿ کڻڻ سميت مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي

بقايا 4 ”روزاني عبرت“

پوليس خودڪشي ڪندڙ نوجوان جي سڃاڻپ سندس پيءُ جي شناختي ڪارڊ موجب نورالدين بروهي ويٺل سوهوديرو واسي طور ڪئي آهي جڏهن ته ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته پوليس موجب واقعي جي ڪارڻ جو سبب معلوم نه ٿي سگهيو آهي وڌيڪ جاچ جاري آهي .

بقايا 5 ”روزاني عبرت“

قتل ڪرڻ جو الزام هڻي انصاف لاءِ احتجاج ڪيو فوتي عورت جو لاش وارث سول اسپتال سکر مان خانپورمهر کڻي آيا، جتي ميراڻي محلي ۾ عورت جي والد دوست محمد ميراڻي ماءُ امام زادي، مائي زينب، گل حسن ميراڻي ۽ ٻين احتجاج ڪندي الزام لڳايو فوتي عورت جي والد دوست محمد ميراڻي چيو ته سندس ڌيءُ جي لڳ ڀڳ 15 سال اڳ چڪ ۾ عبدالغفار عرف صابڙو ميراڻي سان شادي ٿي هئي جنهن مان کيس پنج ٻار آهن گذريل رات ڌيءُ جي مڙس فون ڪري ٻڌايو ته پرويزان زهر کاڌو آهي، کيس اسپتال کڻي وڃي رهيا آهيون جڏهن ته ڪجهه دير بعد ٻيهر فون ڪري چيو ويو ته اوهان جي اچڻ جي ضرورت ناهي وارثن موجب اسين سول اسپتال سکر پهتاسين نياڻي پرويزان فوت ٿي چڪي هئي، جڏهن ته مڙس ۽ ٻيا جوابدار اسپتال مان فرار ٿي ويا بعد ۾ اسين لاش خانپورمهر کڻي آياسين نياڻي 5 ٻار مڙس وٽ آهن جيڪي اسان کي ناهن ڏنا ويا، وارثن وڌيڪ الزام لڳايو ته پرويزان پنهنجي گهر ۾ خوش نه هئي ۽ مڙس مٿس ظلم ۽ تشدد ڪندو هو پر خوف سبب هوءَ اسان کي ڪجهه نه ٻڌائيندي هئي مڙس ساٿين سان گڏجي اسان جي نياڻي کي تشدد ڪري قتل ڪيو آهي فوتي عورت جي وارثن پوليس جي اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 6 ”روزاني عبرت“

بخار ۾ مبتلا هجڻ سبب علاج لاءِ اسپتال پهتو پر ڪيترائي ڪلاڪ گذرڻ باوجود کيس طبي امداد فراهم نه ڪئي وئي پيرسن گلشير رند جو چوڻ هو ته هو گذريل ڪن ڪلاڪن کان ايمرجنسي وارڊ ۾ موجود آهي ۽ بار بار ڊاڪٽرن توڙي عملي کي اپيل ڪري رهيو آهي ته کيس چيڪ ڪري انجيڪشن ۽ ڊرپ لڳائي وڃي پر سندس ڏانهن ڪو به ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهي سندس الزام آهي ته عملي پاران کيس علاج لاءِ ٻاهر وڃڻ جو چيو پيو وڃي گلشير رند وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته اسپتال ۾ مريض علاج لاءِ تڙپي رهيا آهن جڏهن ته ڊاڪٽر ۽ ٻيو عملو مريضن کي طبي امداد ڏيڻ بدران پاڻ ۾ ڪچهرين ۾ مصروف نظر اچي ٿو هن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سول اسپتال خيرپور جي ايمرجنسي وارڊ ۾ غفلت جو نوٽيس وٺي مريضن کي بروقت علاج ۽ سهولتون فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي هن چيو ته غريب ۽ مسڪين ماڻهو علاج جي اميد سان سرڪاري اسپتالن جو رخ ڪن ٿا

بقايا 7 ”روزاني عبرت“

رٽائرڊ ملازم توڙي حاضر سروس ملازم مسئلن کي منهن ڏيڻ تي مجبور بڻيل آهن هنن چيو ته خزاني آفيس ۾ ڪو به ڪم بنا رشوت جي نٿو ڪيو وڃي هنن چيو ته ڪيترن ئي ملازمن جا سروس بڪ خزاني آفيس گم ٿي ويا آهن جن جي ڳولها لاءِ رشوت طلب ڪئي پئي وڃي مظاهرين اي جي سنڌ ۽ ٻين اعليٰ عملدارن کان گهر ڪئي ته خزاني آفيس ۾ رشوت جي بازار ختم ڪري ملازمن جا جائز مسئلا اوليت جي بنياد حل ڪيا وڃن

بقايا 8 ”روزاني عبرت“

ڀاران نينگر کي مبينا طور بليڪ ميل ڪري اوطاق تي گهرائي اجتماعي جنسي زيادتي جو نشانو بڻائڻ ۽ واقعي جي وڊيو ٺاهي سوشل ميڊيا تي وائرل ڪرڻ جو الزام سامهون آيو آهي جنهن بعد متاثر نينگر جا وارث سخت پريشاني ۽ اذيت ۾ مبتلا ٿي ويا آهن

بقايا 9 ”روزاني عبرت“

جا اڳهه مقرر ڪري ڇڏيا آهن جنهن ڪري رٽائرڊ ملازم توڙي حاضر سروس ملازم مسئلن کي منهن ڏيڻ تي مجبور بڻيل آهن هنن چيو ته خزاني آفيس ۾ ڪو به ڪم بنا رشوت جي نٿو ڪيو وڃي هنن چيو ته ڪيترن ئي ملازمن جا سروس بڪ خزاني آفيس گم ٿي ويا آهن جن جي ڳولها لاءِ رشوت طلب ڪئي پئي وڃي مظاهرين اي جي سنڌ ۽ ٻين اعليٰ عملدارن کان گهر ڪئي ته خزاني آفيس ۾ رشوت جي بازار ختم ڪري ملازمن جا جائز مسئلا اوليت جي بنياد حل ڪيا وڃن

بقايا 10 ”روزاني عبرت“

چيئرمين آڪاش ملاح جي گهر ۾ داخل ٿي کيس کڻي گم ڪيو جيڪو انتهائي گهٽيا عمل آهي،هنن چيو ته ڪنهن به شهري جي چادر ۽ چوديواري جو تقدس پامال ڪرڻ ۽ ماڻهن کي بنا قانوني ڪارروائي جي کڻي گم ڪرڻ ناقابل قبول آهي جسقم اڳواڻن مطالبو ڪيو ته آڪاش ملاح سميت سنڌ مان کڻي گم ڪيل سمورن اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي فوري طور ظاهر ڪري آزاد ڪيو وڃي، احتجاج ڪندڙن چيو ته جيڪڏهن گم ڪارڪنن کي فوري طور بازياب نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو هنن سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو ته انساني حقن جي پاسداري ڪندي کڻي گم ڪرڻ واري عمل جو نوٽيس وٺي، ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 11 ”روزاني عبرت“

چيئرمين لياقت ٻڍائي جو والد رئيس حاجي خان ٻڍائي لاڏاڻو ڪري ويو جنازي نماز ۾ پ پ اڳواڻ حيدرآباد بلال شورو، سردار زمان ڪيريو چيئرمين پريس ڪلب مسو ڀرڳڙي محمد بخش رگهيس سنئير صحافي عاشق علي ترڪ، صحافي زاهد ملاح، پريس ڪلب مسوڀرڳڙي جو صدر نور محمد ترڪ صحافي محبوب خاصخيلي، پ پ اڳواڻ علي حسين شاهه چاموٽ، پ پ اڳواڻ حسن علي شاهه چاموٽ، سميت علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، مرحوم کي سوين آلين اکين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو مرحوم جو تڏو طالب المولي ڪالوني لڳ ڳوٺ مرتضيٰ ٻڍائي ۾ رکيو ويو آهي جتي سندس پونيئرن ۾ رئيس لياقت علي ٻڍائي رئيس حسين بخش عرف بابر ٻڍائي ۽ ٻين سان تعزيت جو سلسلو هلندڙ آهي

بقايا 12 ”روزاني عبرت“

بيلو الف ڪڇي سومرا پنهواري، ٻنيڍي، قادرپور ۾ ٻين دريائي ڪچي وارن علائقن ۾ ٻيلي کاتي جي سوا لک ايڪڙ ايراضي مان 30 هزار ايڪڙن تي وڻن جي پوکائي لاءِ ٻج ڇٽيو ويندو انهي مقصد لاءِ 12 سو مڻ ٻج گڏ ڪيو ويو آهي جڏهن ته ٻيلي کاتي جي فيلڊ سپروائيزرن، داروغن، فاريسٽ گارڊن ۽ ٻي اسٽاف سان ڪيل گڏجاڻين ۾ ٻيلن جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ تي زور ڀريو ويو آهي هن ٻڌايو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي هر ضلعي ۾ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ججن جي نگراني هيٺ فاريسٽ ڪميٽيون جوڙيون ويون آهن ضلعي فاريسٽ ڪميٽين ۾ ڊپٽي ڪمشنر، ايس ايس پي ۽ رينجرز عملدارن کي ميمبر طور شامل ڪيو ويو آهي ته جيئن ٻيلن جي ايراضي تي ٿيندڙ قبضن خلاف جوڳا بندوبست ڪري قانون موجب قدم کڻي قبضاخورن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، سکر ڊويزن ۾ ٻيلي کاتي جي 99 فيصد ايراضي دريائي ڪچي وارن علائقن ۾ آهي، جتي هن سال ڪروڙين وڻن جي پوکائي جو ٽارگيٽ مقرر ڪيو ويو آهي

بقايا 13 ”روزاني عبرت“

ڪرائي ته ملازمن جي جائز مسئلن کي بنا دير حل ڪيو ويندو جنهن تي آپڪا اڳواڻن سندس کي پنهنجي مڪمل حمايت جو يقين ڏياريو ۽ چيو ته فقير محمد لاکو جي چيئرمين طور مقرري سان حيدرآباد بورڊ وري سنڌ جو مثالي بورڊ ثابت ٿيندو

بقايا 14 ”روزاني عبرت“

ڪيل حڪم نامي موجب، شهر جي حدن اندر خاص طور تي جلوسن جي وقت ڳرين گاڏين جي اچ وڃ سبب روڊن تي ٽريفڪ جي رواني متاثر ٿيڻ، شديد رش پيدا ٿيڻ ۽ شهرين لاءِ ڏکيائيون پيدا ٿيڻ جو خدشو آهي هي پابندي عوام جي حفاظت، سيڪيورٽي انتظامن کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ ۽ مذهبي تقريبن دوران ٽريفڪ جي رواني برقرار رکڻ لاءِ لاڳو ڪئي وئي آهي

بقايا 15 ”روزاني عبرت“

مهمان طور اسسٽنٽ ڪمشنر عمائمه سولنگي، ٽائون ڪاميٽي ٺيڙهي جي چيئرمين عبدالمجيد شيخ، عتيق الرحمان ميمڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته اسان کي آزادي هڪ وڏي جدوجهد ۽ بي مثال قربانين کان پوءِ حاصل ٿي آهي آزادي اسان لاءِ هڪ وڏي نعمت آهي جنهن جي قدر ۽ حفاظت ڪرڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي اسان کي پنهنجي وطن سان محبت ڪرڻ سان گڏ ملڪ جي ترقي، خوشحالي ۽ استحڪام لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي هنن چيو ته پاڪستان جي ترقي ۾ تعليم جو بنيادي ڪردار آهي اسان جي نوجوان نسل ملڪ جو مستقبل آهي، تنهن ڪري شاگردن کي محنت، ايمانداري، نظم ۽ ضبط سان تعليم حاصل ڪري ملڪ ۽ قوم جو نالو روشن ڪرڻ گهرجي استاد به پنهنجي ذميواري ايمانداري سان نڀائين ۽ شاگردن جي بهتر تربيت تي خاص ڌيان ڏين هنن چيو ته جشن آزادي رڳو جهنڊا لڳائڻ ۽ تقريبون منعقد ڪرڻ جو نالو ناهي پر اهو ڏينهن اسان کي پنهنجي قومي ذميوارين، اتحاد ۽ وطن سان وفاداري جو احساس ڏياري ٿو اسان سڀني کي پاڪستان جي سلامتي، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو ان موقعي تي شاگردن پاران ٽيبلوز پيش ڪري خوبداد حاصل ڪيو تقريب ۾ مصدق ميمڻ، شير محمد، مشتاق پيس جاويد ميمڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا 16 ”روزاني عبرت“

سي شهميرديرو انتظاميه پاران جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جي سلسلي ۾ تياريون تيز ڪيون ويون آهن يو سي چيئرمين غازي صلاح الدين ڍهراج جي هدايتن تي يوسي انتظاميه پاران مختلف مسجدن کي برقي لائيٽن سان سينگارڻ سان گڏ يوسي جي مختلف ڳوٺن ۽ گهٽين ۾ سائون جهنڊيون لڳايون ويون آهن جڏهن ته صفائي سٿرائي جو ڪم پڻ جاري آهي ان موقعي تي يوسي انتظاميه جي ظهير عباسي جاويد ابڙو ضمير گوپانگ پاران 12 ربيع الاول جو سامان ورهايو ويو ظهير عباسي جو چوڻ ته 12 ربيع الاول جي مناسبت سان يوسي شهميرديرو کي سهڻي نموني سان سينگاريو پيو وڃي مسجدن ۽ گهٽين ۾ صفائي، روشني ۽ ٻين انتظامن کي يقيني بڻايو پيو وڃي ته جيئن جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جو ڏهاڙو عقيدت ۽ احترام سان ملهايو وڃي

بقايا 17 ”روزاني عبرت“

آيا جرڳي ۾ ماڇي ڌر جي مسمار ٿيل لڳ ڀڳ 60 گهرن جي معاوضي لاءِ هڪ ڪروڙ رپين جي رقم ڪمبوهه ڌر تي رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو

بقايا 18 ”روزاني عبرت“

علي آرائين ۽ ٻين آبادگارن احتجاجي مظاهرو ڪري آبپاشي کاتي جي عملدارن خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ شاخ ۾ زرعي پاڻي ڏيو پاڻي ڏيو جا زوردار نعرا هنيا ان دوران پ پ ڪائونسلر قمرالدين ٻبر، ظهير جيسر چيو ته مير محمد شاخ جي پڇڙي تائين سوين ايڪڙ زمين آهي جنهن تي ساريالي فصل جي پوکائي ڪندا آهيون پر آبپاشي کاتي جي ملازمن علي گوهر لغاري ۽ سليمان لغاري مبينا طور تي بااثر زميندارن کي پئسن عيوض غير قانوني طريقي سان پائپ ۽ پڪا شاخ اندر لڳائي انهن کي پاڻي ڏنو وڃي ٿو جنهن سبب اسان جي زمينن تائين پاڻي نٿو پهچي جڏهن ته شاخ ۾ پاڻي جي سخت کوٽ سبب وقت تي پاڻي نه ملڻ ڪري ساريالي فصل جي پوکائي ناهيون ڪري سگهيا جنهن ڪري هن پيري پوکائي سخت متاثر ٿيڻ جا امڪان آهن جڏهن ته پاڻي جي سخت کوٽ سبب زمينون بنجر ٿي ويون آهن هنن وڌيڪ چيو ته اسان جي گهرن جو گذر سفر زراعت تي آهي فصل جي پوکائي نه ٿيڻ سبب وڏي معاشي نقصان ۾ مبتلا ٿيڻ جو خدشو آهي آبادگارن پاران آبپاشي کاتي جي ضلعي دادو جي ڪامورن کان مطالبو ڪيو آهي ته مير محمد شاخ ۾ زرعي پاڻي جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي ۽ پاڻي جي منصفاڻي ورڇ ڪئي وڃي ۽ غير قانوني لڳل پائپ هٽايا وڃن ته جيئن ساريالو فصل کي تباهي کان بچائي سگهجي مظاهرين وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن 24 ڪلاڪن جي اندر مطالبن تي عمل نه ٿيڻ جي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا 19 ”روزاني عبرت“

ضياءِ الحسن لنجار چيو ته ڊيفنس فيز 2 ۾ آزادي ڏهاڙي جي اسٽال تي فائرنگ واري واقعي ۾ ملوث ٽنهي دهشتگردن جي گرفتاري قابل تحسين آهي ايس ايس پي سي ٽي ڊي ۽ سندس ٽيم اهم اڳڀرائي ڪندي دهشتگردن کي قانون جي گرفت ۾ آندو هن چيو ته ڪارروائي ۾ حساس اداري جي سهڪار ۽ پيشوراڻي تعاون قابل تعريف آهي، جڏهن ته سي ٽي ڊي ۽ وفاقي سول حساس اداري جي گڏيل ڪوشش سان دهشتگردي جي نيٽ ورڪ جي اهم ڪردارن کي بي نقاب ڪيو ويو آهي سنڌ جي گهرو وزير چيو ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سنڌ پوليس ۽ حساس ادارن جو گڏيل تعاون قومي سلامتي لاءِ انتهائي اهم آهي گرفتار دهشتگردن وٽان هٿ آيل هينڊ گرنيڊ ۽ هٿيار هن ڪارروائي جي اهميت کي واضح ڪن ٿا ضياءِ الحسن لنجار چيو ته دهشتگردن جي پرڏيهه ۾ موجود رابطن، سهولتڪارن ۽ مالي معاونت جي ذريعن تائين پهچڻ جاچ جو اهم حصو آهي دهشتگردي جي منصوبابندي ڪندڙن ۽ سهولتڪارن سميت سمورن ڪردارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي هن هدايت ڪئي ته گرفتار دهشتگردن کان ٿيندڙ جاچ جي روشني ۾ وڌيڪ جوابدارن ۽ سهولتڪارن کي پڻ گرفتار ڪيو وڃي گهرو وزير چيو ته ڪراچي جي امن کي نقصان پهچائيندڙ عنصرن خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي تحت ڪارروايون جاري رهنديون عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ سنڌ حڪومت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي پهرين ترجيح آهي هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته دهشتگردي خلاف سي ٽي ڊي، سنڌ پوليس ۽ حساس ادارن جون ڪارروايون وڌيڪ اثرائتيون بڻايون وڃن

بقايا 20 ”روزاني عبرت“

عثمان پنهور کان پلاٽ خريد ڪيو هو جنهن جي سموري رقم ادا ڪئي وئي ۽ پلاٽ تي سندن دڪان ۽ ڪارخانو به تعمير ٿيل آهي جتي هو گذريل 20 سالن کان ڪاروبار ڪري رهيا آهن سندن چوڻ هو ته محمد عثمان پنهور جي وفات کانپوءِ سندس پٽ پلاٽ جا دستاويز لکي ڏيڻ عيوض 10 لک رپيا گهري رهيا آهن واپارين موجب هنن معاملي بابت ايم اين اي سردار رفيق احمد جمالي وٽ به دانهن ڪئي دستاويز پيش ڪيا، جڏهن ته پنهور برادري جي معزز شخص بابن خان پنهور پڻ ٻنهي ڌرين کي ٻڌڻ بعد فيصلو ڪندي پلاٽ سندن حق ۾ قرار ڏنو،مخالف ڌر بعد ۾ ان فيصلي تان به ڦري وئي، عبدالوحيد جمالي ۽ ٻين چيو ته مخالف ڌر جا ماڻهو کين مسلسل ڌمڪائي رهيا آهن ۽ مختلف ڪيسن ۾ گهربل هجڻ سان گڏ تيل چوري سميت ٻين معاملن ۾ ملوث هجڻ جا الزام پڻ هنن لڳايا هنن آءِ جي سنڌ پوليس ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته معاملن جي شفاف جاچ ڪرائي مبينا طور ڌمڪيون ڏيندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ کين سندن ملڪيت جا قانوني دستاويز حاصل ڪرائڻ ۾ تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ عدالت سان رجوع ڪرڻ تي مجبور ٿيندا

بقايا 21 ”روزاني عبرت“

ڪميونٽي جي ماڻهن شرڪت ڪئي آجياڻي ۾ سنڌي ثقافت، محبت ۽ مهمان نوازيءَ جو حسين رنگ نظر آيو ان موقعي تي ڳالهائيندي قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو ته طاقتور ماڻهو نقشه ڊاهي سنڌ ورهائڻ جا خواب ڏسن ٿا پر تاريخ جا فيصلا صرف اقتدار جي ميز تي نه برلن جي ديوار ڊهڻ وانگر قومن جي شعور سان لکبا آهن سنڌ جي وحدت تي هر وار رد ٿيندو سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ فتح ڪيل علائقو ناهي سنڌ پاڪستان کي ٺاهيو دنيا ۾ اهڙو ڪو به مثال ناهي ته ٻاهران ايندڙ ماڻهو حڪم هلائي ملڪ ٽوڙي ڇڏين ايم ڪيو ايم وٽ نفرت کانسواءِ ڪجهه به ناهي ايم ڪيو ايم سنڌ ۾ دهشتگردي شروع ڪرڻ جي سازش ڪري رهي آهي اردو ڳالهائيندڙ هاڻ ايم ڪيو ايم جي سياست کي رد ڪن ٿا اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ جا ماڻهو امن ۽ ڀائيچارو چاهين ٿا اردو ڳالهائيندڙ سنڌ جو حصو ۽ اسان جا ڀائر آهن اردو ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ هر سنڌ دشمن ۽ ملڪ دشمن سازش کي ناڪام بڻائيندا اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ جي وحدت، درياهه وسيلا خطري ۾ آهن جلال پور ڪئنال سميت سنڌو درياهه تي ڪو به نئون ڪئنال ۽ ڊيم قبول ناهي سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي نٿو ڏنو وڃي سنڌ سان پاڻي جي سلسلي ۾ انصاف ڪيو وڃي سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي ڏنو وڃي

بقايا 22 ”روزاني عبرت“

عبدالغفور جمالي پوليس نفري سان رات جو ڀاڳين سان چورن جي پير تي پيڇو ڪندي جهنڊوسري ريجهو چورن پوليس ۽ ڳوٺاڻن کي ڏسي چوري ڪيل ٻه مينهون ڇڏي فرار ٿي ويا پوليس مينهون هٿ ڪري ٿاڻي تي آنديون هوڏانهن ڀاڳين پيارولنڊ پوليس جي ترت ڪارروائي کي ساراهيندي جس ڏنو آهي

بقايا 23 ”روزاني عبرت“

ڪالوني خيرپور واسي ۽ ڇهن ٻارن جو پيءُ سليم ٻڙدي کي ڳنڀير حالت ۾ علاج لاءِ گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو ويو هو جتي هو اڄ زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو پورهيت سليم ٻڙدي جي فوت ٿيڻ جي خبر سندس گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو جڏهن ته وارثن ۽ علائقي واسين ۾ ڏک جي لهر ڦهلجي وئي

بقايا 24 ”روزاني عبرت“

سوين ننڍين وڏين گاڏين ٻيهجي ويون،جڏهن ته مظاهرين پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي،اسلام ڪوٽ ۾ هر هفتي اربع ۽ خميس تي لڳندڙ روايتي چوپائي مال جي پڙي ۾ خريداري ۽ مال وڪرو ڪرڻ لاءِ ڏورانهن علائقن مان ايندڙ واپارين ۽ مالوند ماڻهن کي پوليس پاران اربع جي صبح کان شام 5 وڳي تائين رستن تي روڪڻ ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ بيهاري تذليل ڪرڻ خلاف واپاري ۽ مالوند ماڻهو سراپا احتجاج بڻجي ويا

بقايا 25 ”روزاني عبرت“

جي شروعات جنوري ٿيو پر اڃا تائين کين زمينن جو ڪو به معاوضو فراهم ناهي ڪيو ويو هنن چيو ته گذريل اٺن مهينن کان روينيو جي آفيسن جا چڪر ڪاٽي ٿڪي پيا آهيون پر ڪو به ٻڌڻ وارو ناهي تپيدار لڇمڻ سنگهه آفيس ۾ نٿو ملي ۽ نه ئي انتظاميا پاران سندن جائز مطالبن جو ڪو تدارڪ ڪيو ويو آهي داد نه ملڻ ۽ سرڪاري بي حسي کان تنگ اچي کين بالاخر رستي تي نڪري احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيڻو پيو آهي متاثرين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو ترت نوٽيس وٺي سندن سروي زمينن جو واجب معاوضو ادا ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 26 ”روزاني عبرت“

ٻين انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ايس ايس پي نوشهروفيروز مير روحل کوسو ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر محمد مستقيم قريشي، ضلعي جي سڀني تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن، حساس ادارن جي آفيسرن، مذهبي اڳواڻن ۽ مختلف سرڪاري کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي

اطلاع عام

پاران منقولهتزئين مراتب علي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم سيده رشيده نثار شناختي ڪارڊ نمبر 4220106749280 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. تزئين مراتب علي (ڌيءَ) 2. نور افشان غريظي (ڌيءَ) 3. سيد نويد احمد (پٽ) 4. نور الصباح اسلم مغل (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهمعشوق علي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم حورؤ خان مجيدالو شناختي ڪارڊ نمبر 4520651909527 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. معشوق علي (پٽ) 2. جنڊل (زوج) 3. لعل خاتون (ڌيءَ) 4. شبيران (ڌيءَ) 5. ساجدان (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA MEHRABPUR ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهفرحان احمد /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم شبير احمد شناختي ڪارڊ نمبر 4230108302541 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. فرح ناز (ڌيءَ) 2. محمد ارسلان (پٽ) 3. فرحان احمد (پٽ) 4. ڪنول خالد (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA MEGA , NORTH NAZIMABAD ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهمهناز /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محرم شناختي ڪارڊ نمبر 4540242533701 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. سلمه بيبي (ڌيءَ) 2. صابر علي (پٽ) 3. جامل (ڌيءَ) 4. محمد يونس (پٽ) 5. سومر خان (پٽ) 6. محمد عامر (پٽ) 7. صديقه (ڌيءَ) 8. مهناز (زوج) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA DISTRICT COURT COMPLEX-SBA ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهذوالفقار علي ڀٽو /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم پير بخش ڀٽو شناختي ڪارڊ نمبر 4550297443971 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. عرفان علي ڀٽو (پٽ) 2. عمران علي ڀٽو (پٽ) 3. اقصيٰ نور (ڌيءَ) 4. غلام شبيره (زوج) 5. ڪامران علي (پٽ) 6. ذوالفقار علي ڀٽو (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA SUKKUR CITY ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهشمير خان /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد زبير شناختي ڪارڊ نمبر 4210125914181 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. عصيما حمير (ڀيڻ) 2. شمير خان (ڀاءُ) 3. ضمير خان (ڀاءُ) 4. مزه (ڀيڻ) 5. محمد عظيم (ڀاءُ) 6. سميرا ڪنول (ڀيڻ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA MEGA , NORTH NAZIMABAD ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهعلي عبدالله /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم ارشد حفيظ شناختي ڪارڊ نمبر 4220182610311 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. علي عبدالله (پٽ) 2. عثمان عبدالله (پٽ) 3. روبينه نعماني (زوج) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA BIG CENTER EAST ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهظفر اقبال /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم خان محمد شناختي ڪارڊ نمبر 3320391017197 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ظفر اقبال (پٽ) 2. نور بيگم (زوج) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA JHANG ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهسيد اقبال حسين /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم رخسانه اقبال شناختي ڪارڊ نمبر 4220106292004 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ماريه اقبال (ڌيءَ) 2. سيد اقبال حسين (زوج) 3. فوزيه اقبال (ڌيءَ) 4. سيد عامر حسين (پٽ) 5. سعديه اقبال (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهآصف علي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم گل محمد شناختي ڪارڊ نمبر 4530496739097 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. روبينه (زوج) 2. آصف علي (پٽ) 3. مسني گل (ڌيءَ) 4. نمرين گل (ڌيءَ) 5. صنم پروين (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA EXECUTIVE SHAHEED BANIZERABAD ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهعاشق علي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم شاهه محمد شناختي ڪارڊ نمبر 4550128048161 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. بشيران علي شير (ڌيءَ) 2. ارشد (پٽ) 3. حاجره اڪرم (ڌيءَ) 4. ريشمه بيبي (ڌيءَ) 5. صابره بي بي (ڌيءَ) 6. عالم شير ڀٽي (پٽ) 7. سجن علي (پٽ) 8. عاشق علي (پٽ) 9. علي اصغر (پٽ) 10. نور احمد (پٽ) 11. خورشيده (زوج) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA TANDO ADAM ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهحنا محمد سهيل موتي والا / غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم ڪلثوم شناختي ڪارڊ نمبر 4200004751908 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. محمدعمران پاناوالا (پٽ) 2. محمد سهيل (پٽ) 3. حليمه عثمان سورٺيا (ڌيءَ) 4. حنا محمد سهيل موتي والا (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهمومل /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محرم شناختي ڪارڊ نمبر 4250155705277 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. نعيم (پٽ) 2. مونا بي بي (ڌيءَ) 3. حبيبه خاتون (ڌيءَ) 4. جاويد (پٽ) 5. نديم (پٽ) 6. صدام حسين (پٽ) 7. نظام الدين (پٽ) 8. مومل (زوج) 9. فاطمه (ڌيءَ) 10. موران (ڌيءَ) 11. بدان (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهعارف علي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم روشن علي شناختي ڪارڊ نمبر 4540201246289 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ماروي (زوج) 2. عرفان علي (پٽ) 3. عارف علي (پٽ) 4. شعبان علي (پٽ) 5. معشوق علي (پٽ) 6. سجاد علي (پٽ) 7. امجد علي (پٽ) 8. الله بخش (پٽ) 9. نلشاد (ڌيءَ) 10. ارشاد (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA DAUR ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهجهانگير /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم ممتاز بيگم شناختي ڪارڊ نمبر 4550208197232 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. افشان نظر انصاري (ڌيءَ) 2. فرح ناز انصاري (ڌيءَ) 3. روحي نظر انصاري (ڌيءَ) 4. عامر حسين انصاري (پٽ) 5. عارف حسين انصاري (پٽ) 6. جهانگير (پٽ) 7. شهزادو خرم انصاري (پٽ) 8. جبران (پٽ) 9. سعادت علي انصاري (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA ROHRI ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهمحسن جواد چغتائي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم جواد الدين اطهر چغتائي شناختي ڪارڊ نمبر 4210181762071 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. نگهت جواد (زوج) 2. محسن جواد چغتائي (پٽ) 3. عدل جواد چغتائي (پٽ) 4. انعم جواد (ڌيءَ) 5. جويريه جواد چغتائي (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA DSFU KARACHI CENTRAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهفرزانه /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم انور بيگم شناختي ڪارڊ نمبر 4550208044902 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ارشد حسين (پٽ) 2. زاهد حسين (پٽ) 3. شاهد حسين (پٽ) 4. فرزانه (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA ROHRI ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهارشد خان /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم ممتاج شناختي ڪارڊ نمبر 4250174239788 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ارشد خان (زوج) 2. رحمت خان (پيءُ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهفيض محمد /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم فياض احمد مهيسر شناختي ڪارڊ نمبر 4220139747415 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. نصيبان (ماءُ) 2. دريشهوار (ڌيءَ) 3. فيض محمد (پيءُ) 4. سڪينه (زوج) 5. سعديه احمد (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهنسيم /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم مشتاق احمد شناختي ڪارڊ نمبر 4110123347645 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ذاڪر حسين (پٽ) 2. ڪشمالا (ڌيءَ) 3. نسيم (زوج) 4. شمائلا (ڌيءَ) 5. جميل احمد (پٽ) 6. ڪائنات (ڌيءَ) 7. ياسر (پٽ) 8. جاويد احمد (پٽ) 9. رشيده (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA BADIN ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهمحمد علي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد هارون رشيد شناختي ڪارڊ نمبر 4220135053971 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. رخسانه (ڌيءَ) 2. زيب النساء (زوج) 3. محمد عبدالله (پٽ) 4. ريحانه فاروق اسماعيل (ڌيءَ) 5. فرحانه علي (ڌيءَ) 6. رضوانه يعقوب (ڌيءَ) 7. محمد عامر (پٽ) 8. محمد علي (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهسيد محمد توصيف مستحسن / غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم مهروالنساء صديقي شناختي ڪارڊ نمبر 4210129120490 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. سيد محمد توصيف مستحسن (پٽ) 2. سيدمحمدعديل مستحسن (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA DSFU KARACHI CENTRAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهمحمد عدنان /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم عذرابي بي شناختي ڪارڊ نمبر 3540172286400 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. محمد عرفان (پٽ) 2. محمد رضوان (پٽ) 3. محمد عدنان (پٽ) 4. محمد عمران (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA DSFU ABBOTROAD LAHORE

اطلاع عام

پاران منقولهعاصمه عامر گل /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم امام بخش تگڙ شناختي ڪارڊ نمبر 4230198988305 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. محمد آصف (پٽ) 2. محمد عامر تگڙ (پٽ) 3. خاتون (زوج) 4. عاصمه عامر گل (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA NRC EPO KARACHI ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهسلي ابوالفضل /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم ابوالفضل شناختي ڪارڊ نمبر 6110119815275 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. سلي ابوالفضل (پٽ) 2. صنوبر ابو الفضل (زوج) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA NRC EPO KARACHI ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهاسامه عبدالله /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد اشرف شناختي ڪارڊ نمبر 4130458947635 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. آمنه محمد اشرف (ڌيءَ) 2. فاطمه (ڌيءَ) 3. شبانه اشرف (زوج) 4. نمره (ڌيءَ) 5. اسامه عبدالله (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA BIG NRC HYDERABAD ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهستيش ڪمار /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم ميران بائي شناختي ڪارڊ نمبر 4520307779910 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. گرمک مل (پٽ) 2. مهيش ڪمار (پٽ) 3. ستيش ڪمار (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA SUKKUR CITY ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهمسعود علي لغاري /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم منظور علي شناختي ڪارڊ نمبر 4210149214053 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. حافظه فائزه منظور (ڌيءَ) 2. مسعود علي لغاري (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA MEGA , NORTH NAZIMABAD ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهفرح نديم /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم نديم ڪمال ايوب شناختي ڪارڊ نمبر 9150901211229 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. فرح نديم (زوج) 2. عمار نديم ڪمال (پٽ) 3. اسجد نديم ڪمال (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهطارق محمود آرائين /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد امين شناختي ڪارڊ نمبر 4530113301829 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ثمينه زاهد (ڌيءَ) 2. منظور شاهد آرائين (پٽ) 3. زاهد محمود (پٽ) 4. خالد امين آرائين (پٽ) 5. طارق محمود آرائين (پٽ) 6. شهزاد امين (پٽ) 7. روبينه ڪوثر (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA BIG CENTER EAST ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهمحمد عزير اصغر /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد اصغر شناختي ڪارڊ نمبر 3110311552511 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. شميم حسن (زوج) 2. محمد عزير اصغر (پٽ) 3. محمد صهيب اصغر (پٽ) 4. عائشه ذوالفقار (ڌيءَ) 5. فاطمه اصغر (ڌيءَ) 6. ساره اصغر (ڌيءَ) 7. محمد احمد اصغر (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA DSFU KARACHI CENTRAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهعثمان حسن /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم اڪبر حسن شناختي ڪارڊ نمبر 4210116409069 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ثريا وهاب (زوج) 2. فيض حسن (پٽ) 3. عثمان حسن (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA DSFU KARACHI CENTRAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهشاهين /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم عبدالرسول مهر شناختي ڪارڊ نمبر 4330306013627 درخواست وصول ٿي آهي. ڄاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. شاهين (زوج) 2. فلزا مهر (ڌيءَ) 3. سبرينه مهر (ڌيءَ) 4. زرمينه سيتار (ڌيءَ) 5. يشمينه مهر (ڌيءَ) 6. سمرا مهر (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA SUKKUR CITY ONEAPP

PID (I) 1650/26

URAAN PAKISTAN

هالا جي رهواسين جو نالي نه ٺهڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪائونسلر اسان کان ووٽ وٺي گهٽي ۾ مٽي وجهرائي، هاڻي نالي نه پيو ٺهرائي: مظاهرين

نيڪال لاءِ نالي نه ٺهرائي وئي ته برساتي پاڻي سمورو گهرن ۾ داخل ٿيندو

هالا(ت ر) هالا جي وارڊ نمبر 3 جي رهواسين مقامي ڪائونسلر جي مبينا زيادتين خلاف هالا جي اولڊ قومي شاهراهه تي احتجاج ڪندي ذاتي پيسن سان گهٽين لاءِ مٽي لهرائڻ جون دانهون ڪيون آهن احتجاج ڪندڙن ممتاز ڪوڪر محمد ڪوڪر آصف گڏاڻي جلال چانڊيو ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته وارڊ نمبر 3 جي ڪائونسلر اسان کان ذاتي پئسن سان مٽي لهرائي گهٽين جي رستي ۾ مٽي پرائي ڪرائي ۽ چيو ته علائقي وارن کي روڊ رستي سان گڏ نيڪال لاءِ نالي به ٺهرائي ڏيندا سين هاڻي روڊ ته ٺهي پيو پر نالي نٿي ٺهرائي وڃي، جيڪڏهن روڊ سان گڏ نيڪال لاءِ نالي نه ٺهرائي وئي ته برساتي پاڻي سمورو گهرن ۾ داخل ٿيندو احتجاج ڪندڙن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته اسان

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

هالا: رهواسين پاران نالو نه ٺهڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

گمبٽ لڳ نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل سوار پيرسن فوت

لاڙڪاڻو بائي پاس روڊ تي لاش جي اطلاع تي پوليس ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو، سڃاڻپ نه ٿي

گمبٽ (ت .ر) گمبٽ لڳ خيرپور لاڙڪاڻو بائي پاس روڊ تي تيز رفتار رستي ويندڙ گاڏي موٽر سائيڪل سوار پيرسن محمد مراد اڄڻ کي زوردار ٽڪر هڻي موقعي تي ماري ڇڏيو ۽ گاڏي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي اطلاع تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي پيرسن جي لاش کي اسپتال منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو پوليس موجب وڌيڪ نامعلوم گاڏي جي ڳولا جاري آهي .

چڪ ۾ پرڻيل خانپورمهر واسڻ پنجن ٻارن جي ماءُ فوت، وارثن جو ساهورن تي الزام، انصاف جو مطالبو

ميراڻي محلي واسي دوست محمد ميراڻي، امام زادي، مائي زينب، گل حسن ميراڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڌيءُ جي 15 سال اڳ چڪ ۾ عبدالغفار ميراڻي سان شادي ڪرائي جنهن مان هن کي پنج ٻارن جو اولاد آهي: مظاهرين

رات عبدالغفار فون ڪري چيو ته پروينزان زهر کاڌو آهي، اسپتال پهتاسين لاش ڇڏي فرار ٿي ويا، انصاف ڪيو وڃي

خانپورمهر(ن ع) چڪ ۾ پرڻيل خانپورمهر واسڻ پنجن ٻارن جي ماءُ مسمات پروينزان ميراڻي زال عبدالغفار عرف صابڙو ميراڻي پراسرار نموني فوت ٿي وئي فوتي عورت جي وارثن مڙس ۽ ڏيرن تي تشدد ڪري

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: برساتي پاڻي مان هڪ ٽرڪ گذري رهيو آهي

خيرپور ۾ رٽائرڊ ملازمن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو

مظاهرين بخش علي ، عبدالمجيد پنهور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

خزاني آفيس ۾ رشوت جي بازار ختم ڪري جائز مسئلا اوليت جي بنياد حل ڪيا وڃن: مظاهرين

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي خزاني آفيس ۾ ملازمن کان ڪمن جي مد ۾ وڏي پئماني تي رشوت وٺڻ ڪري رشوت نه ڏيندڙ ملازم مسئلن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن خيرپور ضلعي جي رٽائرڊ ملازمن استاد بخش علي پنهور،عبدالمجيد پنهور محمد چٺل ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته خزاني آفيس جي آفيسرن پاران هر ڪم تي رشوت جا اگهه مقرر ڪري ڇڏيا آهن جنهن ڪري

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

خيرپور ويجهو نينگر سان مبينا اجتماعي زيادتي، وڊيو وائرل، وارثن پاران انصاف جو مطالبو

چونڊڪو لڳ بااثر وڏيري جو پٽ دوستن سان گڏجي عبدالصمد ڪوريانگ کي اوطاق تي گهرائي اجتماعي زيادتي جو نشانو بڻايو

واقعي جي وڊيو پڻ ٺاهي سوشل ميڊيا تي وائرل ڪرڻ باوجود بااثرن خلاف ڪارروائي کان لنوائي رهي آهي

بااثر ڌر پاران ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ ڏين: وارث

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور)خيرپور پرسان ناري تعلقي جي چونڊڪو شهر جي اسماعيل ڪالوني واري علائقي ۾ بااثر وڏيري جي پٽ سميت سنڌس ٽن دوستن

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر پوليس پاران ڌوهارين خلاف مختلف ڳوٺن ۾ آپريشن ڪيترائي شڪي گرفتار

پوليس پاران نبي پنهاڻي، سونو پنهاڻي، لال پنهاڻي سميت مختلف ڳوٺن تي چڙهائيون ڪيون

سجاد ، بهارو پنهاڻي سميت ڪيترائي شڪي گرفتار، ڌوهارين جي گهرن کي باهيون ڏنيون ويون

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر ٿاڻي جي حد ۾ ڊي ايس پي ميرپورماٿيلو جي اڳواڻي ۾ پوليس پاران نبي پنهاڻي، سونو پنهاڻي، لال پنهاڻي سميت مختلف ڳوٺن تي چڙهائيون ڪيون ويون.ذريعن موجب پوليس ڪارروائي دوران سلطان پنهاڻي، محمد پنهاڻي، حسن پنهاڻي سميت 5 ڄڻن جي گهرن کي باهيون ڏئي ساڙي ڇڏيو جڏهن ته گهرن مان اناج، ضروري سامان، موٽرسائيڪلون ۽ چوپايو مال ڪٽي وٺي چڙهائي دوران پوليس شڪ جي بنياد تي سجاد پنهاڻي بهارو پنهاڻي سميت 7 ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو آهي.ان حوالي سان ايس ايڇ او خانپورمهر برڪت پنهاڻي جو چوڻ آهي ته روپوش ڌوهارين شبلو پنهاڻي سميت ٻين جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف ڳوٺن ۾ ڪارروايون ڪيون ويون آهن جن دوران ڌوهارين جي گهرن کي باهيون ڏنيون ويون ۽ شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو

ڪنڀي گر ڪيل سياسي اڳواڻن جي آزادي لاءِ قلنچي ۾ مظاهرو

آڪاش ملاح جي گهر ۾ داخل ٿي کيس ڪنڀي گر ڪرڻ انتهائي ڪمزور عمل آهي

قلنچي اسٽيشن (ن ع) قلنچي اسٽيشن سنڌ مان ڪنڀي گر ڪيل سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي آزادي لاءِ جسقم پاران قلنچي اسٽيشن جي حيدر چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ جسقم اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي جسقم اڳواڻ لالا ظهير سومرو ڪائيگر عمر سولنگي، ذيشان پنهور سيد مور شاهه ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته حيدرآباد پوليس رات جي اونداهيءَ ۾ جسقم جي مرڪزي اڳواڻ ۽ وائيس

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

قلنچي اسٽيشن: گر ڪيل سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي آزادي لاءِ جسقم پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

گولاڙچي جي ڪمبوهه ۽ ماڇي برادري جي تڪرار جو جرڳو ماڇين کي معاوضو ڏئي لڏائڻ جو فيصلو

ماڇي ڌر جي مسمار ٿيل لڳ ڀڳ 60 گهرن جي معاوضي لاءِ هڪ ڪروڙ رپين جي رقم ڪمبوهه ڌر تي رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو

جرڳي ۾ نذير ماڇي کي ساٺ ڏيڻ جي الزام هيٺ ماڇي برادري کي ڳوٺ مان نيڪالي ڏيڻ جو فيصلو پڻ ڪيو ويو

پسند جي شادي ڪندڙ ناري کي طلاق ڏياري سندس مائٽن حوالي ڪرڻ جو فيصلو، ماڇي ڌر پاران فيصلو مڃڻ کان انڪار

گولاڙچي(ن ع) چڪ نمبر 5 ۾ ماڇي ۽ ڪمبوهه ڌرين وچ ۾ پيار جي پرڻي تان ٿيل تڪرار جو فيصلو ڪيو ويو تڪرار کي ختم ڪرڻ لاءِ ٽائون ڪاميٽي گولاڙچي جي چيئرمين عبدالسلام آرائين ۽ نواز خان زئور جي سربراهي هيٺ جرڳو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جو موقف ٻڌڻ کان پوءِ مختلف معاملن بابت فيصلا ساموهن

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ ۾ مير محمد شاهه جي آبادگارن جو پاڻي ڪوٽ ۽ چوري خلاف احتجاج

آبادگارن صدرالدين بروهي، قمرالدين ٻبر، گل حسن ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

آبپاشي عملدار بااثرن کان پئسا وٺي اسان جي حصي جو پاڻي وڪرو ڪري رهيا آهن انصاف ڪيو

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ پرسان مير محمد شاهه ۾ زرعي پاڻي جي سخت ڪوٽ ، آبادگارن پاران آبپاشي کاتي جي عملدارن تي بااثرن کي پاڻي چوري ڪري ڏيڻ جا مبينا الزام، ساريالو فصل سوڪهڙي جو شڪار خبر موجب ڪڪڙ پرسان مير محمد شاهه جي پڇڙي تائين زرعي پاڻي نه پهچڻ سبب سوين ايڪڙن تي ساريالو فصل سوڪڙ ۾ آبادگار سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور بڻيل ان موقعي تي مير محمد شاهه جي پڇڙي جي آبادگارن صدرالدين بروهي، ڪائونسلر قمرالدين ٻبر گل حسن بروهي ، ظهير جيسر ، شهداد ٻبر ،محب

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ڪراچي جي امن کي نقصان پهچائيندڙن خلاف ڪارروايون جاري رهنديون: ضياءُ لنجار

آزادي ڏهاڙي اسٽال تي فائرنگ ڪندڙ ٽن دهشتگردن جي گرفتاري وڏي ڪاميابي آهي

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سنڌ پوليس ۽ حساس ادارن جو گڏيل تعاون قومي سلامتي لاءِ اهم آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ڊيفنس فيز 2 ۾ آزادي ڏهاڙي جي اسٽال تي فائرنگ واري واقعي ۾ ٽن دهشتگردن جي گرفتاري تي سي ٽي ڊي ۽ حساس ادارن جي گڏيل ڪارروائي کي ساراهيو آهي.گهرو وزير چيو ته ايس پي سي ٽي ڊي ۽ سنڌس سموري ٽيم کي ڪامياب ڪارروائي تي شاباش ڏيان ٿو دهشتگردن جي بروقت گرفتاري سي ٽي ڊي جي پيشورانه صلاحيت ۽ اثرائتي انٽيليجنس بيسڊ آپريشن جو ثبوت آهي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: وفاقي وزير رياض پيرزادو گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

سکر ايف آءِ اي پاران اڳوڻي ايس ايس پي سانگهڙ سميت 3 ڄڻن خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

سکر(بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي اينٽي مني لانڊرنگ سکر سرڪل اڳوڻي ايس ايس پي سانگهڙ سميت 3 ڄڻن خلاف اينٽي مني لانڊرنگ ايڪٽ جي مختلف ڪلمن تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو ڪيس ۾ اسمگلنگ مان حاصل ڪيل رقم سان 100 ايڪڙ زرعي زمين پوليس ڪانسٽيبل ممتاز علي جي نالي تي خريد ڪرڻ جو الزام لڳايو ويو آهي ذريعن موجب ايف آءِ

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ ٻاگڙين جو پنهنجي برادري جي واپاري خلاف احتجاج

هالا (ن ع) هالا ۾ اجن شاهه جي رهواسي ٻاگڙي برادري جي عورتن ۽ مردن پاران پيسو ٻاگڙي خلاف احتجاج ڪيو ويو آهي راجا ٻاگڙي، ڪرشن چيتن جلال ٻاگڙي ۽

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: آپگهات ڪندڙ نينگر جو مڙهه پيل آهي

خيرپور واسي جو سول اسپتال ايمرجنسي وارڊ عملي خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر) سول اسپتال خيرپور جي ايمرجنسي وارڊ ۾ علاج لاءِ آيل مير علي بازار محلي جي رهواسي پيرسن گلشير رند ڊاڪٽرن ۽ عملي جي مبينا لاپرواهي خلاف احتجاج ڪندي دانهيندي چيو آهي ته هو

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان اٽل واهه ۾ گذريل ڏينهن وهنجندي ٻڏي ويل نينگر جو لاش نه ملي سگهيو، ريسڪيو پاران ڳولها جاري

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پرسان گذريل ڏينهن اٽل واهه ۾ 11 ورهين جو نينگر عبدالرقيب وهنجندي ٻڏي ويو هو جنهن جو هن وقت تائين لاش نه ملي سگهيو آهي جڏهن ته ريسڪيو جي ٽيم پاران نينگر جي لاش جي ڳولها جاري آهي ٻڌايو پيو وڃي ته نينگر عبدالرقيب سکر کان پنهنجي ناناڻن وٽ گهمڻ آيو هو ته واهه ۾ وهنجندي ٻڏي ويو جنهن جي ڳولها جاري آهي

حيدرآباد: جشن عيد ميلاد النبي جي سلسلي ۾ هڪ شخص ريڙهي تان جهنڊو پسند ڪري رهيو آهي

سڪرنڊ ويجهو ٽرالر ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر سبب هڪ ڄڻو فوت

ملاح پيٽرول پمپ جي سامهون پيش آيل حادثي ۾ الهڏنو ڪوري فوت ٿي ويو

اطلاع تي ايمبولينس پهچي فوتي جو لاش ڪٺائي تعلقي اسپتال منتقل ڪيو

سڪرنڊ (ن ع) سڪرنڊ ويجهو نيشنل هاءِ وي تي ملاح پيٽرول پمپ جي سامهون افسوسناڪ روڊ حادثو پيش آيو جتي موٽر سائيڪل کي ٽرالي جو ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار الهڏنو ولد محمد عمر ڪوري، رهواسي ماڇڪي ضلع رحيم يار خان ٻڌايو ويو آهي موٽر سائيڪل سوار زخمن جا سور نه سهندي موقعي تي ئي فوت ٿي ويو. واقعي جي اطلاع تي مقامي ماڻهن طرفان جنهن بعد همدرد فري ايمبولينس ذريعي فوتي جو لاش تعلقه اسپتال سڪرنڊ منتقل ڪيو ويو لاش هن وقت تعلقه اسپتال سڪرنڊ ۾ موجود آهي جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ ۽ ضروري قانوني ڪارروائي جاري آهي

عمرڪوٽ لڳ ويهه رپيا خرچي نه ملڻ تي نينگر ڦاهو کائي ڇڏيو

13 ورهين جي پوپٽ ڀٽ ڪيول ڀيل ڦاهو کائي پنهنجي زندگيءَ جو انت آڻيو

نينگر جو والد ڪيول ڀيل مزدوري جي سلسلي ۾ گهر کان ٻاهر ويل هو

عمرڪوٽ (ڊ ر) ڳوٺ حيدرفارم ۾ خرچي جا پئسا نه ملڻ تان 13 ورهين جي پوپٽ ڀٽ ڪيول ڀيل مبينه طور ڦاهو کائي پنهنجي زندگيءَ جو انت آڻي ڇڏيس گهر مان ڦاهو کاڌل لاش هٿ اچڻ بعد علائقي ۾ ڏک جي لهر ڦهلجي وئي ذريعن موجب نينگر پنهنجي والده کان ويهه رپيا خرچي لاءِ پئسا گهريا، پر خرچي نه ملڻ تان هو ڪاوڙجي مبينه طور انتهائي قدم کنيس واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺي سول اسپتال عمرڪوٽ منتقل ڪيس جتان ضروري قانوني ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ذريعن جو چوڻ آهي ته نينگر جو والد ڪيول ڀيل مزدوري جي سلسلي ۾ گهر کان ٻاهر ويل هو سندس غيرموجودگي ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

گمبٽ ويجهو نوجوان ريل اڳيان اچي مبينا خودڪشي ڪري ڇڏي

فقيرآباد ريلوي ڦاٽڪ وٽ لاش جي اطلاع تي پوليس پهچي ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

نوجوان جي سڃاڻپ نورالدين بروهي جي پٽ طور ٿي، لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي

گمبٽ (ت .ر) صوبيديرو واسي نوجوان گمبٽ فقيرآباد ريلوي ڦاٽڪ وٽ تيز رفتار ٽرين اڳيان اچي مبينا طور خودڪشي ڪري ڇڏي جڏهن ته گمبٽ پوليس کي واقعي واري هنڌان تان هڪ موٽر سائيڪل پڻ هٿ آئي آهي پوليس موجب ته موٽر سائيڪل مان هڪ اجرڪ ۽ ڪفن پڻ هٿ آيو آهي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: جي سي يونيورسٽي ۾ صوبائي وزير اسماعيل راهو شاگردن ۾ ڊگريون تقسيم ڪري رهيو آهي

خيرپور ۾ رٽائرڊ ملازمن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو

مظاهرين بخش علي ، عبدالمجيد پنهور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

خزاني آفيس ۾ رشوت جي بازار ختم ڪري جائز مسئلا اوليت جي بنياد حل ڪيا وڃن: مظاهرين

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي خزاني آفيس ۾ ملازمن کان ڪمن جي مد ۾ وڏي پئماني تي رشوت وٺڻ ڪري رشوت نه ڏيندڙ ملازم مسئلن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن خيرپور ضلعي جي رٽائرڊ ملازمن استاد بخش علي پنهور،عبدالمجيد پنهور محمد چٺل ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته خزاني آفيس جي آفيسرن پاران هر ڪم تي رشوت

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

تاريخ جا فيصلا صرف اقتدار جي ميز تي نه برلن جي ديوار ڊهڻ وانگر قومن جي شعور سان لکبا آهن: اياز لطيف

سنڌ پاڪستان کي ناهيو، دنيا ۾ اهڙو ڪو به مثال ناهي ته ٻاهران ايندڙ ماڻهو حڪمران هلائي ملڪ ٽوڙي ڇڏين

سنڌ جي وحدت، درياهه، وسيلا خطري ۾ آهن جلال پور ڪئنال سميت سنڌو درياهه تي ڪو به نئون ڪئنال ۽ ڊيم قبول ناهي

حيدرآباد (پ ر) دبئي ۾ جلال شر ۽ سنڌس پاڻين پاران قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو جنهن ۾ سنڌ مان زاهد ڪناسري فنڪاره شهلا گل ۽ دبئي ۾ رهندڙ سنڌي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

دبئي: عوامي تحريڪ جو سربراهه اياز لطيف پليجو تقريب ۾ شريڪ آهي

عثمان شاهه هڙي پوليس پورهيت جون چوري ٿيل ٻه مينهون هٿ ڪري مالڪ حوالي ڪيون

عثمان شاهه هڙي(ن ع) پيارولنڊ ويجهو ڳوٺ ميئو خاصخيلي مان نامعلوم چورن امرو ڪولهي جي گهر ۾ داخل ٿي مال وٿاڻ مان ٻڌل لکين رپين جي ماليت جون ٻه مينهون چوري ڪري ويا واقعي جي اطلاع پيارولنڊ ٿاڻي جو ايس ايڇ او

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: رياض چانڊيو پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

خيرپور ۾ سلينڊر ڌماڪي ۾ زخمي پورهيت فوت، گهر ۾ ڪهرام

چار ڏينهن اڳ ڌماڪي سبب زخمي سليم ٻڙدي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو

فوت ٿيڻ جي خبر گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، وارثن ۽ علائقي واسين ۾ ڏک جي لهر

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ۾ چار ڏينهن اڳ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڪاٺون شپ واري علائقي پرسان ايل پي جي دڪان ۾ سلينڊر ليڪ ٿيڻ سبب ٿيل زوردار ڌماڪي ۾ سخت زخمي ٿيل ڇهن پورهيتن مان هڪ پورهيت زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو تفصيل موجب خيرپور ۾ چار ڏينهن اڳ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڪاٺون شپ واري علائقي ۾ ايل پي جي دڪان اندر سلينڊر ليڪ ٿيڻ سبب ٿيل زوردار ڌماڪي ۾ سخت زخمي ٿيل ڇهن پورهيتن مان هڪ پورهيت زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو چار ڏينهن اڳ ڪاٺون شپ روڊ تي قائم ايل پي جي دڪان ۾ سلينڊر ليڪ ٿيڻ سبب اوچتو زوردار ڌماڪو ٿيو هو جنهن جي نتيجي ۾ دڪان تي ڪم ڪندڙ ست پورهيت زخمي ٿي پيا هئا، جن مان ڇهن جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي وئي هئي ڌماڪي ۾ سخت زخمي ٿيل مل

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ مال پڙي روڪڻ خلاف واپارين جو احتجاجي ڌرڻو پوليس خلاف سخت نعريبازي

مال پڙي تي ايندڙن کي رستن تي روڪڻ ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ بيهاري تذليل ڪرڻ خلاف واپارين روڊ بلاڪ ڪري ڌرڻو هنيو

پوليس بااثر ڌر جي چوڻ تي اسلام ڪوٽ ايندڙ واپارين ۽ مالوند ماڻهن کي هر هفتي روڪي دربدر ڪري ٿي: مظاهرين

بنا جواز روڪڻ جو سلسلو ڪري پوليس جي مبينا رويي جي جاچ ڪري واپارين کي تحفظ ۽ سهولت فراهم ڪئي وڃي

اسلام ڪوٽ(رپورٽ:سڪندر علي بجير) اسلام ڪوٽ ۾ پوليس پاران روايتي چوپائي مال جي پڙي ۾ خريداري ۽ وڪري لاءِ ايندڙ واپارين توڙي مالوند ماڻهن جون گاڏيون روڪڻ خلاف واپارين ۽ مالوند ماڻهن احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو،جنهن سبب روڊ جي ٻنهي پاسن کان ٽريفڪ معطل ٿي وئي ۽

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر: فوت ٿي ويل عورت جو لاش پيل آهي

اسلام ڪوٽ ۾ ڊيم متاثرين جو معاوضو نه ملڻ خلاف احتجاج

اسان جي سروي ٿيل زمينن وچ مان ٿرڪول ڏانهن پاڻي جي وڏي پائيپ لائين گذري ٿي

اڄا تائين اسان کي زمينن جو ڪو به معاوضو فراهم ناهي ڪيو ويو

اسلام ڪوٽ(ن ع) ويجهيار ڊيم کان بلاڪ ون ڏانهن ويندڙ پائيپ لائين سبب متاثر ٿيندڙ زمينن جو معاوضو نه ملڻ خلاف مقامي رهاڪن پاران احتجاج ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي انهي موقعي تي احتجاج ڪندڙن هرسنگهه ميگهواڙ ديوان ميگهواڙ سنتوش ميگهواڙ ڪستورو ٿلدلال دليپ، گرڌاري ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مٺڙيو ٽيپي جي ڊيهه مٺو اڪيراڄ ۾ سنڌن سروي ٿيل زمينون واقع آهن جن جي وچ مان ٿرڪول بلاڪ ون ڏانهن پاڻي جي وڏي پائيپ لائين گذري ٿي جنهن جو اشتهار هلندڙ سال

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

پريس ڪلب اسلامڪوٽ

اسلام ڪوٽ: متاثرين مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز ضلعي ۾ جشن ميلاد النبي صلي الله عليه وسلم کي ڀرپور جوش، عقيدت، احترام سان ملهايو ويندو: ڊي سي

نوشهروفيروز(ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز محمد ارسلان سليم جي صدارت هيٺ 12 ربيع الاول جي موقعي تي جشن ميلاد النبي صلي الله عليه وسلم کي ڀرپور جوش، عقيدت، احترام ۽ شان و شوڪت سان ملهائڻ جي حوالي سان ضلعي سطح جو هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ جشن ميلاد النبي صلي الله عليه وسلم جي حوالي سان سيڪيورٽي ۽

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن
ٿڌي سڙڪ، حيدر آباد

اشتهار نمبر: 04/2026
تاريخ: 19-08-2026

اشتهار نمبر: 04/2026 تاريخ: 19-08-2026

گڏيل مقابلي وارو امتحان (CCE-2026)
(23-09-2026 کان اڳ آن لائين درخواست ڏيو)

1. عهدن جي ورهاست مختلف ڪاتن ۾ موجود عهدن جي تعداد ۽ اميدوارن پاران ڏنل اختيارن جي ترتيب موجب ڪئي ويندي.
2. صرف آن لائين درخواستون قبول ڪيون وينديون. مينوئل درخواست فارم قبول نه ڪيا ويندا.
3. اهليت:
   - i. ٻئي مرد ۽ عورتون، بشمول اقليتن ۽ معذور فردن جي، جيڪي پاڪستان جا شهري آهن
   - ii. سنڌ صوبي جو ڊوميسائل ۽ مستقل رهواسي جيڪي 23-09-2026 تائين آهن. اهي اهل آهن.
   - iii. اهيڙ اميدوار اهل آهن جن وٽ گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ڊويزن بيچلر ڊگري آهي
   - iv. پرڏيهي ڊگريون رکندڙ اميدوارن وٽ آخري تاريخ کان اڳ HEC جو ايڪئيلنس سرٽيفڪيٽ هئڻ گهرجي ۽ آن لائين پورٽل جي تعليمي حصي (لاڳاپيل شعبي) ۾ اپلوڊ ٿيل هئڻ گهرجي. آن لائين پورٽل تي ڊاڪيومينٽ مئنيجمينٽ سسٽم جي شروعاتي تعارف دوران، هڪ دفعي سهولت طور اسڪريننگ ٽيسٽ شروع ٿيڻ کان سگهوئي 10 ڏينهن اڳ اپلوڊ ڪرڻ لازمي آهي.
   - v. اهيڙ اميدوار اهل آهن جيڪي 01 سيپٽمبر 2026 تائين 21 کان 30 سالن جي عمر جا آهن.
   - vi. سنڌ صوبي جو ڊوميسائل رکندڙ اميدوار جيڪي وفاقي حڪومت / سنڌ حڪومت ۾ گهٽ ۾ گهٽ چار سال مسلسل باقاعده ملازمت ڪندڙ آهن. انهن لاءِ وڌ ۾ وڌ عمر جي حد 35 سال هوندي.

نوٽ:
1. خودمختيار / اڌ خودمختيار / مقامي ادارن / ايڊهاڪ / ڪانٽريڪٽ جا ملازم مٿي ڏنل 3 (vi) واري رعايا جا اهل ناهن.
2. محترم سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي حڪمن جي تعميل ۾ سوموٽو ڪيس نمبر 18/2016 تاريخ 13.03.2017 تحت، CCE کي ساليانو بنيادن تي باقاعده ڪيو ويو آهي. ٽن ڪوشش واري شرط CCE-2019 کان لاڳو ڪئي وئي آهي.
4. قانون، ترميم ٿيل سليبس ۽ تجويز ڪيل ڪتاب SPSC جي ويب سائيٽ (www.spsc.gov.pk) تي ڏسي سگهجن ٿا.
5. عورتن، اقليتن ۽ معذور فردن لاءِ ڪوٽا: (سنڌ حڪومت جي پاليسي موجب)
6. امتحان هيٺين مرڪزن تي ورتو ويندو:

1. ڪراچي 2. حيدرآباد 3. سکر 4. لاڙڪاڻو

(ڪميشن وٽ اميدوارن جي تعداد جي بنياد تي سينٽرن جي لسٽ ۾ تبديلي ڪرڻ جو حق محفوظ آهي).

7. اميدوارن کي تحريري طور صلاح ڏني وڃي ٿي ته هيٺين هدايتن کي غور سان پڙهن:-
   - i. SPSC آن لائين في جمع ڪرائڻ جو عمل لاڳو ڪيو آهي. اميدوار 1 Bill Invoice/Service آپشن چونڊي کنهن به آن لائين پيمنٽ چينل ذريعي -/1000 رپيا چالان جي ادائيگي ڪرڻ کان اڳ PSID جنريٽ ڪندا.
   - ii. آن لائين فارم پر ڪريو ۽ 23.09.2026 تي يا ان کان اڳ جمع ڪرائڻ کان اڳ ان کي غور سان چيڪ ڪريو.
   - iii. اختياري مضمون صحيح ۽ مقرر ڪيل سليبس مطابق چونڊيو.
   - iv. ڊوميسائل، -PRC فارم _D، شهري يا ٻهراڙي ڪوٽا، عمر، تعليمي اهليت، امتحاني سينٽر ۽ اختياري مضمون هڪ دفعو چونڊڻ کان پوءِ آخري تاريخ کان پوءِ تبديل نه ڪيا ويندا.
   - v. جيڪڏهن ڪو اميدوار ڪنهن هڪ پرچي ۾ غيرحاضر رهندو ته ان کي ٻين پرچن ۾ ويهڻ جي اجازت نه ڏني ويندي.
   - vi. آن لائين فارم ۾ صحيح CNIC نمبر ۽ تاريخ پيدائش درج ڪريو. غلط اندراج جي صورت ۾ اميدواري رد ڪئي ويندي.

نوٽ:
- i. RMR-2023 جي ريگوليشن 74، سب_ريگوليشن (2)، ڪلاز (iii) ۾ ڪيل ترميم جي روشنيءَ ۾، CCE جي اسڪريننگ ٽيسٽ لاءِ ڪواليفائنگ ڪرائيٽيريا ۾ تبديلي ڪئي وئي آهي: 33 سيڪڙو مارڪون (66 مارڪون) کي تبديل ڪري 40 سيڪڙو مارڪون (80 مارڪون) ڪيو ويو آهي.
- ii. مستقل معذوري رکندڙ اميدوار جن کي تحريري امتحان/ٽيسٽ دوران ڪنهن خاص مدد جي ضرورت هجي. اهي امتحان شروع ٿيڻ کان سگهوئي ست (07) ڏينهن اڳ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (SPSC) کي آگاهه ڪندا. اهڙا اميدوار RMR, 2023 جي ريگوليشن 58(A) مطابق تحريري درخواست جمع ڪرائيندا. جنهن جي هڪ ڪاپي PS چيئرمين SPSC کي موڪلي ويندي. ۽ ان سان گڏ مجاز اٿارٽي (ڊپارٽمينٽ آف امپاورمينٽ آف پرسنز وٿ ڊس ايبليٽيز_DEPD)، سنڌ حڪومت پاران جاري ڪيل معذوري سرٽيفڪيٽ جي تصديق ٿيل ڪاپي، ۽ NADRA پاران جاري ڪيل معذور فردن وارو خاص CNIC شامل هوندو. ان کان علاوه اميدوار امتحان واري ڏينهن سينٽر انچارج وٽ اصل صحيح معذوري سرٽيفڪيٽ ۽ NADRA جو جاري ڪيل CNIC پيش ڪرڻ جو پابند هوندو. ٻي صورت ۾ ڪا به مدد فراهم نه ڪئي ويندي.

آن لائين درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ: 23-09-2026
ڪنٽرولر آف ايگزمينشن
سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT
INF/KRY/3606/26

ڪندڪوٽ: ايم اين اي صلاح الدين جوڻيجو کي پريس ڪلب جا عهديدار واڌايون ڏئي رهيا آهن

سکر جي ڪچي ۾ 30 هزار ايڪڙن تي وڻن جي پوکائي لاءِ ٻج ڇٽڻ جي حڪمت عملي جوڙي وئي: ضياءالله لغاري

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ضلعي جي ڪچي وارن علائقن ۾ 30 هزار ايڪڙن تي وڻن جي پوکائي لاءِ ٻج ڇٽڻ جي حڪمت عملي جوڙي وئي ان حوالي سان ڊويزنل فاريسٽ آفيسر ضياءالله لغاري ٻيلي کاتي جي عملدارن احسن ٻرڙو ۽ سعيد ڪوسو سان گڏ ميڊيا نمائندن سان ڳالهائيندي ٻڌايو آهي ته هر سال جيان هن سال به سکر ڊويزن ۾ ٻيلن جي واڌ ويجهه لاءِ مربوط حڪمت عملي جوڙي وئي آهي جنهن تحت تعلقي پنوعاقل روهڙي ۽ سکر تعلقي جي شاهه

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

يونين ڪميٽي ٻارچاڻي جي چيئرمين لياقت ٻيڙائي جو والد رئيس حاجي خان ٻيڙائي لاڏاڻو ڪري ويو



مسوسيرڳوٺ(ن ع) مسوسيرڳوٺ لڳ نيڪ مرد وفات ڪري ويو جنازي نماز ۾ سوين ماڻهن شرڪت ڪئي تفصيل موجب مسوسيرڳوٺ لڳ ڳوٺ مرتضيٰ ٻيڙائي جو چڱو مڙس ۽ يونين ڪميٽي ٻارچاڻي جي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

آپڪا سنڌ جي وفد جي چيئرمين حيدرآباد بورڊ فقير محمد لاکو سان ملاقات

وفد ۾ غلام مصطفيٰ، سعيد احمد فاروقي، امجد جتوئي، پرويز اختر بلوچ ۽ عامر علي قادري شامل

ملازمن جي جائز مسئلن کي بنا دير حل ڪيو ويندو: چيئرمين بورڊ فقير محمد لاکو جي وفد کي خاطري

فقير محمد لاکو جي چيئرمين طور مقرري سان حيدرآباد بورڊ وري سنڌ جو مثالي بورڊ ثابت ٿيندو: آپڪا اڳواڻ

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) آپڪا سنڌ جي وفد پاران چيئرمين حيدرآباد بورڊ فقير محمد لاکو سان اهم ملاقات ڪئي وفد ۾ غلام مصطفيٰ پرڻيار جاويد هاشمي،سعيد احمد فاروقي امجد جتوئي ۽ جنرل سيڪريٽري آپڪا سنڌ پرويز اختر بلوچ آپڪا سنڌ جي ميڊيا ڪوآرڊينيٽر عامر علي قادري شامل هئا، اڳواڻن چيئرمين حيدرآباد بورڊ کي نائين ڪلاس ۽ ميٽرڪ جا شفاف نتيجا ڪاميابي سان جاري ڪرڻ کي انتهائي ساراهيو اڳواڻن چيئرمين بورڊ سان ملازمن جي مسئلن جي حل لاءِ ڳالهايو جنهن تي چيئرمين بورڊ وفد کي خاطري

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

11 ۽ 12 ربيع الاول تي حيدرآباد ۾ ڳري ٽريفڪ جي داخلا تي پابندي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ عيد ميلاد النبي ﷺ جي تقريبن جي حوالي سان 11 ۽ 12 ربيع الاول 1448 هجري تي حيدرآباد جي حدن اندر وڏين ۽ ڳرين گاڏين جي داخلا تي مڪمل پابندي لاڳو ڪري ڇڏي آهي ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد پاران جاري

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان ٽيڙهي جي هاءِ اسڪول ۾ جشن آزادي جي حوالي سان هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پرسان ٽيڙهي جي هاءِ اسڪول ۾ جشن آزادي جي حوالي سان هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن جي صدارت ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر انيس الرحمان ميمڻ ڪئي جڏهن ته خاص

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو ۽ ڀرپاسي ۾ جشن عيدالميلاد النبي جون تياريون شروع، مسجدن ۽ گهٽين کي رنگين لائٽن سان سجايو ويو

ڪنڊيارو(ن ع) ڪنڊيارو تعلقي ۾ سرڪار جي آمد مرحبا جا نعرا گونجڻ لڳا جشن عيدالميلاد النبي جون تياريون 12 ربيع الاول جو مقدس مهينو شروع ٿيڻ بعد يو

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

سرگوڌا: ٻه نينگريون ڪراٽي جو مقابلو ڪري رهيون آهن

دادو ۾ مخدوم بلاول جي واپارين جو بااثر خلاف احتجاج

اسان جي خريد ڪيل پلاٽ کي لکي ڏيڻ لاءِ 10 لک رپيا گهريا ويا آهن

رقم نه ڏيڻ تي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ ۽ جاني نقصان جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن

دادو(رپورٽ:-ولي محمد لنڊ) دادو جي مخدوم بلاول جي رهواسي واپاري عبدالوحيد جمالي فهيم احمد ۽ حاجي جمالي دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي الزام لڳايو ته عرفان عرف عمر پنهور ۽ جاويد پنهور سنڌن خريد ڪيل پلاٽ لکي ڏيڻ لاءِ 10 لک رپيا طلب ڪري رهيا آهن رقم ڏيڻ کان انڪار تي کين ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ ۽ جاني نقصان جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن هنن ٻڌايو ته لڳ ڀڳ 20 سال اڳ محمد

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.